# پيار پناهون چانورا

ماهتاب محبوب



# پیار پناهون چانورا

# پيار پناهون چانورا

(ناول)

## ماهتاب محبوب

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
تنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
2001ع

**نيو فيلڊس پبلڪيشن جو ڪتاب نمبر ٻہ سئو اوڻيتاليھہ**

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | ذڪي پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| ٽائيٽل ڊزائين | مرشد محبوب |
| ڪمپوزنگ | انور حسين سومرو |
| پھريون ايڊيشن | جنوري 2001ع |
| **قيمت** | -/100 روپيا |


(سڀ حق ۽ واسطا قائم)


P YAR PANAHOON CHANWARA (Novel) By: MAHTAB MAHBOOB. Published By New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition January 2001.
Price Per Copy Rs. 100/-
Book No. 239



انتساب

پنهنجي وڏي ڀيڻ

**بدر عباسي**

جي نذر...

جنهنجو پيارو وجود اباڻي پار کان ايندڙ

ٿڌڙي هير ۽ گهاٽي ڇانوَ

جيان لڳندو اٿم....

**- ماهتاب محبوب**

# پنهنجي پاران....

اسانجي معاشري تي ڏينهنون ڏينهن حاوي ٿيندڙ، ٻاهران آيل ماڊرن قدرن ۽ پراڻين ريتن روايتن وچ ۾ جيڪو ٽڪراءُ شروع ٿي ويو آهي ان سان ذهنن ۾ جيڪي بي اختيار سوچون ۽ ٽڪرَيون تبديليون آيون آهن، هي ناول انهن جي ترجماني ڪرڻ جي هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي.

چوندا آهن ته 'رت ڪتورو ڏيئي پٽ ڪتورو ملندو آهي' پر ويچاري سنڌي ليکڪ جي قسمت ۾ اهڙي عياشي ڪٿي..... هو غريب ته جگر جو رت ولوڙي، ليمي جيان نور نچوئي، پڙهندڙن جي هڪ نظر ڪرم عنايت ٿيڻ جي آسري 'هُش ۾ ئي خوش' هوندو آهي.

ناول لکڻ ۾ گهڻو ڪري ڪيئي سال لڳيو وڃن، شايد تڏهن ئي ان سيڙائيندڙ ۽ رت ست نپوڙيندڙ ڪم کي هٿ ۾ کڻڻ کان اسانجا ليکڪ ٿهندا رهيا آهن.... لاشڪ ته انڪري ئي سنڌي ادب ۾ ناول جي ڪوت وارو روئڻو به عمل ۾ آيو.... پر لڳي ٿو ته لڳاتار اِن اڻ هوند ۽ ناشڪري واري رينگٽ نيٺ هٽي هنڌ ڪيو جو اڄ هڪ ٻئي پٺيان ڪيترائي ناول نڪري ان صنفِ کي زرخيزي جي راهن ڏي وٺيو پيا هلن. شال خدا اسانجي ادب کي اها زرخيزي سدائين نيبهه ڪري.

اڳي، سالن کان لکجندڙ ناول، سالن ڪانپوءِ ظاهر ٿيڻ جي باوجود به ان ئي وقت جو ترجمان پيو لڳندو هو، جو وقت ۽ حالتون سلوموشن ۾ تبديلي ڏي وڌي رهيون هيون پر اڄوڪي تيز رفتار دور ۾ پرنٽ ميڊيا، انٽرنيٽ ۽ سيٽلائيٽ چينلز دنيا جا فاصلا مِٽائي وقت کي به ڄڻ پَرَ لڳائي ڇڏيا آهن جو لڳي ٿو اسين اوچتو ئي اوچتو ڪنهن نئين طلسمي دنيا ۾ اچي ويا هجون. اڄڪلهه جيئن ته معاشري ۾ هر پل هر حوالي سان نِت نيون تبديليون اچي رهيون آهن، جن کي سامهون رکندي

ليڪڪ بہ چاهي ٿو تہ هو جيڪا بہ شئي لکي سا Upto date سڏجي... جيڪا پنهنجي دور جي سچي ترجمان هجي.

انسان زندگيءَ مان ئي سکي ۽ پرائي ٿو. ڪامياب توڙي ناڪامياب تجربا ۽ مشاهدا هن جي ذهن ۾ آيل سوچن ڪي وسعت سان گڏ، ڪا نہ ڪا معنيٰ ڏين ٿا.

منهنجي هن ناول ۾ موجود سمورا ڪردار اهڙن ئي تجربن ۽ مشاهدن جي سچي ساک ڏيڻ لاءِ اوهانجي هٿن تائين پهتا آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ چوائي: 'لکڻ پڙهڻ ۽ ڇاپڻ خدائي ڪم آهن'. واقعي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ قدرت جنهن ڪان چاهي وقت سر پاڻئي اهو ڪم ورني ٿي، تڏهن تہ ڪي شيون اسانجي وهم گمان ۾ نہ هوندي بہ اوچتو ئي اوچتو اسانجي سوچ جو حصو بڻجي ويندي ون آهن. اجان تہ مون 'خواب خوشبو ڇوڪري' ناول لکي پورو ڪرڻ وارو ٿَڪ ئي نہ پڳو هو جو نئين صديءَ ۾ شروع ڪيل هي ٻيو ناول 'پيار پناهون ڇانورا' تصور کان بہ وڌيڪ جلدي لکجي ويو. شايد تہ اهو بہ وقت جي طلسمي تيز رفتاريءَ جو ڪرشمو آهي. توهان پڙهندڙن 'خواب خوشبو ڇوڪري' ناول تي جيڪا مانائتي موٽ ڏني تنهن لاءِ اوهانجا لک اِحسان... شل هي ناول بہ قبول پئي.

**ماهتاب محبوب**

**1-1-2001**

'ارم نما'
279 - H
سٽيزن سوسائٽي
حيدرآباد سنڌ.

# ڪجھ خيال....

ٽي چار ڏينھن ٿيندا جو اوھانجي ڪھاڻي ’اوندھہ ۾‘ پڙھي اٿم. اوھان پنھنجي مخصوص ۽ منفرد اسٽائيل ۾ وڏن ماڻھن جي نوڪرن/ نوڪرياڻين جو ڪردار ڏاڍو سٺو چٽيو آھي. اوھان ۾ ڪردار نگاري ۽ ماحول جي ترجماني جي ڀرپور صلاحيت آھي. اوھان گڏوگڏ ۾ ھڪ ئي وقت ھڪ ڪان وڌيڪ ڪردارن ڪي تعمير ڪرڻ جي صلاحيت رکو ٿا. مان تہ چوندو آھيان تہ اوھان ۾ ڪنھن ھڪ يا ڪيترن مڪمل ناولن لکڻ جا جڳھا ڳڻ آھن. الائي ڇو اوھان پنھنجي اِنھن خوبين ڪان ڪم نٿا وٺو!

گھٽ ۾ گھٽ اوھان پنھنجي ھن ڪھاڻيءَ کي ڊراماٽائيز ڪري ھڪ سٺي ٽي وي ڊراما جي صورت ۾ ڏيئي سگھو ٿا... ڇڙو ڊائلاگ ٻيھر لکڻا پوندا ۽ وڏ گھراڻي گھر جا مناظر لکڻا/ وڌائڻا آھن. البت ھڪ ھنڌ اوھان ’لوھہ لڙھندي‘ لکيو آھي؛ پر منھنجي ناقص ڄاڻ مطابق درست محاورو ’لاھہ لڙھندي‘ آھي. اوھان جيڪڏھن اجازت ڏيو تہ مان اڻڄاڻ ماڻھو پنھنجي ڄاڻ سارو محاورن ۾ ڪن ھڪ اڌ لفظن کي درست ڪريان. بھرحال گھڻي مدت ڪانپوءِ اوھانجي ڪھاڻي اُھا ڪھاڻي آھي، جيڪا مون مڪمل طور پڙھي، نہ تہ ھاڻ مطالعي جي عادت مرندي پئي وڃيم.

****

نفسيات ڪٿي ڪڏھن بہ اوھانجو Subject نہ رھيو ھجي پر خود اوھان چوائي، ’جيڪو دل تي ھٿ رکي پنھنجي اندر ۾ قاضي ٿي سگھي ٿو سوئي سچو ماھر نفسيات ٿي سگھي ٿو‘ انھيءَ حالت ۾ اوھان جھڙي

ڪري ۽ سچي ڪهاڻيڪار ڪان وڌو ماهر نفسيات ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو، جيڪو ڪردارن جي باطن جا اٽڪٽت ۽ اُونهان سمنڊ ٿُبيون وٺو هجي ۽ جنهن جون نظرون احساس ۽ اُڌمن کي ڏسڻ واري ايڪسريز جو ڪم ڏينديون رهيون هجن. اوهان تہ اُهي وينجهار آهيو جن لاءِ ٻڌائي چٽي ڇڏيو آهي:

**’وهم لهي وينجهار، دليون پرکي داسڙو‘**

مان اوهان جي شخصيت کي جو ڪجهہ ۽ جيترو سمجهيو آهي اوترو لکي ڪونہ سگهيو آهيان، مان ايترو تہ هَرَ هَرَ چوندس ۽ وري وري ورجائيندس تہ ڏاتر اوهان ۾ اڀولرائيءَ جي اندر لڪل تِکي ترار جهڙي چِترائيءَ جي ڏات ڀري ڇڏي آهي، جا سڀ ڪنهن جي نصيب ۾ ناهي. اوهان جي سڀاجهڙائي ۽ سادگي اُها چيز آهي جنهنکي انگلينڊ جي جڳ مشهور فلسفي برٽرانڊ رسل ”ٻاراڻي سادگي“ (Child like simplecity) ڪوٺيندي دنيا جي عالم فاضل انسانن ۾ ڏٺو ۽ انهن جي سڃاڻپ يا گڻ ڪري شماريو آهي. رسل انهيءَ ٻاراڻي يا ٻارن جهڙي سادگيءَ کي، ڪامريڊ وي آءِ لينن جهڙي فاضل ۽ عملي انسانن ۾ بہ ڏسڻ جي هام هڻئي آهي. اوهان منهنجي لفظن کي خوشامد يا اجائي ساراهہ نہ سمجهجو. مان هونءَ تہ ڏاڍو گنهگار ۽ هيٺو ماڻهو آهيان، مون ۾ ٻيون هزار برايو هونديون/ آهن، پر اها پڪ ۽ دلجاءِ اٿم تہ ساري ڄمار ۾ مون ڪنهن جي لُنڊي خوشامد يا ڪوڙي ساراهہ ڪانہ ڪئي آهي. حتاڪہ مرحوم ڀُٽي سان ايترو ويجهڙو هوندي ۽ مرحوم جي خود پسند ۽ خوشامد پسند طبيعت کي سمجهندي بہ مون ڪڏهن سندس اجائي ساراهہ يا خوشامد ڪانہ ڪئي. اُن لاءِ خلق ۽ خدا ٻئي ڏريون شاهد آهن.

اوهان محاورن جي شهزادي آهيو. اها ڳالهہ نہ رڳو توهانجون ڪهاڻيون/ خاڪا/ تاثر پڙهي مڃڻي پويٿي پر توهانجا استعمال ڪيل ڪي محاورا بہ هٽي هند ڪرڻ جهڙا آهن ۽ من يا ذهن ۾ سُئيءَ وانگر نهہ ٻهہ چُڀي ۽ کِهڙي وڃن ٿا. جيئن تہ ’محرم جو ڀنگ ڀيتل گهوڙو‘ ۽ ’وضاحتون و ضعدارن اڳيان ڪبيون آهن نہ ڪي تيتمڪڙن/

تيتمڪڙين جي اڳيان.‘ سچ پچ تہ دل تي اُڪرجي ويا آهن اوهان جا لفظ. ساڳيون ڳالهيون ٻين لفظن ۾ سچو صفحو لکي بہ اهڙي اثرائتي ۽ زورائتي نموني اظهار نہ پائي سگهن ها جيئن اوهان ٻن جملن ۾ چئي ڇڏيون. آفرين آهي انهيءَ پُر اثر ۽ پياري قلم کي.
اللّٰہ کرے زور قلم اور زیادہ!

****

توهان سنڌي ادب کي ڪيتريون ڪهاڻيون ڏنيون آهن. سڄا سارا چار ڪتاب ڇپائي چڪيون آهيو جن ۾ ڪيترو املهہ ۽ امر مواد بہ موجود آهي. پر مان ڇا ڏنو هيلتائين؟ ڊَر ۽ سستيءَ ۾ مون سان گوءِ رکنديون تہ پڪ ئي پڪ مان ڪٽي ويندس، هڪ مها سُست جي حيثيت سان.
لکي وري ڦاڙڻ ۽ ورائي لکڻ سان تہ لکت کي وڏيڪ سنواري ۽ سهڻو بڻائي سگهبو آهي. اهو ڪو اوکڻ ڪونهي پر وڏو گڻ آهي. اِنهيءَ مان پڌرو آهي تہ اوهين در حقيقت سست نہ پر ڏاڍيون چست ۽ اورچ آهيو. رهي هوشياريءَ جي ڳالهہ تہ اوهان جون ڪجهہ ڪهاڻيون ۽ ’اندر جنين اُڄ‘ (سفرنامو) ڏيکاري ٿو تہ اوهان ڪيڏي تکي نظر ۽ گِهري سوچ جون مالڪياڻيون آهيو. اوهان ڪجهہ ڪردارن جي ڳجھ ۽ اوجهہ ۾ لڪل سوچن کي وڏي ڪاميابيءَ سان ڪهاڻيءَ ۾ چِٽي سگهو ٿيون ۽ سندس نڌيڙين عادتن ۽ عملن کي بہ خوردبين سان ڏيکاري/ چٽو ڪري ويجون ٿيون. لاريب اوهين هوشيار ۽ فطري فنڪار آهيو. اوهان وٽ ڏات تہ اڳ ئي هئي پر ڏانءُ اوهان پنهنجي لگن، اورچائي ۽ ساندهہ مطالع، مشاهدي ۽ مشق منجهان پرايو آهي. فنڪار لاءِ ’ڏات‘ وهبي چيز ۽ ڏانءُ ’اڪتسابي‘ شئي هوندي آهي. اوهين ٻنهي طرفن کوٽ ۾ ناهيون.

****

توهان ذهين آهيو، بيحد ذهين. هر ڳالهہ ۾ اهڙي لچڪ رکندا آهيو جو ڪنهن بہ موقعي تي انکي پنهنجي مرضيءَ مطابق موڙي ۽ معنيٰ ڏيئي سگهو. اوهان جا افسانا روئاري بہ ڄاڻن تہ روئندن کي اٽڪل سان کلائڻ جي سگهہ بہ رکن ٿا. اوهان جي ذهانت تي سَوَ سَوَ سلام!

سنڌي ادب ۾ اوهانجي حيثيت ۽ فن جي اوسر بلڪل فطري آهي، اوهان لڳاتار پورهيو ڪيو، لوڙيو ۽ احساس جي ولوڙ ڪي ساندهه هڪ عرصي تائين پوکيو آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نالو اوهانڪي ٿورائتو ۽ مروت ۾ مليل ڪونهي. جيڪا اهميت، عزت ۽ حيثيت اوهانڪي ملي آهي. انڪان گهٽو ڪجهه ڪهاڻيڪار ماهتاب لهٽو. نيٺ به ته هڪ سنڌي لکيڪ/ ليکڪا اسان ڪان ٻيو ڇا گهريو يا ورتو آهي! اوهان جهڙي سهٽي ٻولي لکو ٿيون رڳو اُها شيءَ ئي لک لهي، انهيءَ اپرانڌ اوهان پنهنجي ڪردارن ڪي ڳوڙهو پرکي سگهيون آهيو ۽ اُن پرک/ اُن ڄاڻ ڪي وري فنائتي ۽ ڊولائتي نموني پني تي چٽڻ/ اڪرن ۾ اڪيرڻ جو ڏانءُ ۽ ڏات رکو ٿيون. اوهانجي ڪنهن سٽ، ڪنهن جملي ڪي، گهٽو ڪري مان ٻي ڊولو ۽ اجايو نه ڏنو آهي. مان جنهن ڏانوءَ (Style) جي ڳالهه ڪئي آهي ان جو به هڪ پنهنجو مرتبو ۽ مُڪپٽو مجيل آهي. ساڳين يا ملندڙ جُلندڙ ڪردارن/ واقعن ڪي ڪيترن ئي ڇِتيو هوندو پر فن ۾ اها ڳالهه ورجاءُ (Repetation) جي تهمت ڪان انهيءَ ڪري آجي هوندي آهي جو هر ڪو ڏات ڏٽي انهن ڪردارن/ واقعن ڪي پنهنجي پنهنجي ڏات ۽ ڏانوَ سان جدا جدا نموني سرجيندو آهي. هر ڪنهن جي فني ۽ ذهني پهچ (Aproch) پنهنجي پنهنجي ٿيندي آهي. دنيا جي ڏاهپ جي ڏاڏي سقراط 'آليون' نالي ڳائيندڙ (شعري/منظوم داستان ٻڌائيندڙ) سان ڳالهه ٻولهه ڪندي انهيءَ ڏانوَ جي مُک پٽي ڪي به ڏاڍي سهٽي نموني کوليو آهي.

جيئن اياز جي ڪلام تي لکندي جويي صاحب سنڌيءَ جو هڪ پراڻو پهاڪو ورجايو هو 'ڪجل ته هر ڪا پائي پر اک اک جو ڦير' اوهانجي ڪهاڻين ۾ جيڪو ڳالهه ڪرڻ جو 'ڍنگ' آهي، ان ڪي ڏسي (شاعرائي تنقيد جي ٻوليءَ ۾) چئي سگهجي ٿو ته اها 'نرم لهجي واري ڪهاڻي' آهي. اِها اُها صفت آهي جيڪا هندي شاعريءَ ۾ 'رس' چوائيتي.

فراق گورکپوري جهڙي انگريزي هندي ۽ اردو شعر ۽ ادب جي وڏي ڄاڻو ۽ وڏي ڪويءَ ڪي انهيءَ ڳالهه تي ناز آهي ته هُن اردو غزل

ڪي نرم لهجو ڏنو يا ’رس‘ جي گڻ سان Introduce ڪرايو آهي، پر اوهان جڏهن اِهو ساڳيو گڻ سنڌي نثر/ ڪهاڻي ڪي ڇپ ڇپات ۾ بخشي ڇڏيو آهي تہ عجب جهڙي ڳالهہ جو ڪنهن تيڪا ڪار/ ڪنهن ساهت پريميءَ جو ڌيان انهيءَ بخشش/ اُنهيءَ گڻ طرف ڇو نہ ويو آهي! جڏهن تہ اردو ڪهاڻيءَ ۾ شفيق الرحمان جي نرميءَ ۽ ميناج ڪي خود ڪرشنچندر جهڙي جڳ مشهور ڪهاڻيڪار (۽ مجيل پروگريسو ڪهاڻيڪار) تورو جدا لفظن ۾ ساراهيو آهي ۽ ساڳيو ئي گڻ ڪرشنچندر جي ڪهاڻين ۾ هر هنڌ تي جرڪي پيو. ڪرشن نثر ۾ شاعري ڪئي آهي. فن جي تخليق ۾ هونءَ بہ ڪوشش ڪان وڌيڪ اڌمي ۽ ’ذهني فرصت‘ جي گهرج پوندي آهي. اوهان ڪي پڙهي ساک ڪٽي سگهجي ٿي تہ اوهان ـجا اڌما ڪڏهن ماٺا ٿيٺا ڪونہ آهن رڳو انهن ڪي جاڳائيندو رهجي.

خدا تعالي مونکي ڏادي سگهاري ۽ راڊار (Radar) کان وڌيڪ حساس ڇهين حس عطا فرمائي آهي ۽ مان حال جي هوائن مان مستقبل جي واقعن جي بوءِ سُنگهي وٺندو آهيان. منهنجا اندازه ۽ اڳڪٿيون اسي سيڪڙو درست ثابت ٿيندا آهن، باقي ويهہ سيڪڙو غلطيءَ جي گنجائش فقط اُن ڪري، جو بهرحال مان گنهگار ۽ عيب دار بنده ’عالم الغيب‘ تہ ڪونہ آهيان.

**ذوالفقار راشدي**

”تون اڃان نہ سڌري آهين شيري...“

P.C سوئمنگ پول جي پرسان پيل ٽيبل تي ويٺل رَمل، گرم گرم بلئڪ ڪافي جا سپ پريندي چيو.

”تون وري ڪهڙي سڌري آهين، ساڳي جا ساڳي شِدتڻ... هڪڙي ڳالهہ کي ڳنڍ ڏيئي سون جهڙي زندگي پئي برباد ڪرين.“

”مان تہ وري بہ پنهنجي پئي ڪريان، تو تہ مڙني کي برباد ڪرڻ جو ٺيڪو کڻي ڇڏيو آهي.“ رمل سنيڪ اسٽينڊ مان سئنڊوچ واري پليٽ ڏانهنس وڌائيندي شوخيءَ مان چيو. ”ڪجهہ تہ شرم ڪر، گهر ٻار واري ٿي ڪري بہ پراڻا پرڪار ڪونہ ڇڏيا اٿئي.“

”خدا نہ ڪري جو مان ڪنهنجي زندگي برباد ڪريان، مان تہ رڳو هن مختصر ۽ خوبصورت زندگي کي ڀرپور طرح سان گهارڻ ٿي چاهيان، جيڪو هر ڪنهن جو حق آهي....“ شهرين جنهنکي پيار مان شيري ڪري سڏيندا هئا، تنهن هٿ ساس مان سئنڊوچ کي ٽوٻو ڏياري وات ۾ وجهندي وراڻيو.

”زندگي تون پلي enjoy ڪر، پر تون ڊبل لائيف ٿي گذارين، هڪ ٽڪيٽ ۾ ٻہ مزا... ميرڊ لائيف تہ بئچلر لائيف! تنهنجي سائڪي سمجهي ويس، ڪيئن آهي نہ سچ؟“

”تون پلي ڪٿي چا بہ سمجهہ،“ شيري ڪاغذي مرڪ مرڪندي وراڻيو. ”پر پيار زندگي جو نکار آهي، ان بنا گهاريل زندگي انڌوڪار آهي... نہ ڪنندڙ سوڙهي سرنگ جيان.... مان بي انت پيار ۽ دوستي جي آڌار تي ان جو هڪ هڪ پل پرپور طرح گهارڻ ٿي چاهيان.“

”سچي پڌاءِ تون ان زندگي مان ڪيتري مطمئن آهين؟“ رمل انت لهڻ واري انداز مان پڇيو تہ هن پاڻ سنڀاليندي ڏاڍي اعتماد مان وراڻيو،

”ڪنهن مطمئن ماڻهو کان بہ وڌيڪ مطمئن.“

”پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ تون ميرڊ لائيف مان مطمئن ناهين؟“
”توبهہ يار! توهان صحافين سان تہ ڪو الله پڇي، ايئن ويٺي ڪوٺي ڪوٺي پڇين ڇڻ ان سبجيڪٽ تي اسٽوري لکٽي اٿئي.“
”ڪرڻ تي تہ ايئن بہ ڪري سگهجي ٿو.“ هن چيڙيندي چيس.
”ڇڏ يار، مارائين ٿي.“ شيري ساڻس تازي ملائي واچ ۾ نهاريندي چيو. ”جلد ڪافي پي جان ڇڏائي تہ هلون، ساڪ جي موڪل جو ٽائيم ٿي ويو آهي.“
پئي ڪافي جا ٽڪرا ڏڪ پري، ويٽر کي بل چڪائي، ڪار پارڪنگ ۾ بيٺل ڪرولا ۾ اچي ويٺيون. شيري ڪار اسٽارٽ ڪئي تہ رمل چيس،
”پوءِ پلا ايئن ڪر جو مونکي آفيس لاهيندي هل.“
”ڇو؟ گهر ڇو نٿي هلين، گڏجي لنچ ڪريون ها.“
”اڳ ۾ ئي ايڏو چٽو ڪرايو اٿئي، لنچ جي تہ هاڻي همت ڪونہ ٿي ٿئي، هونءَ بہ آفيس وڃي اڄ ڪنهن بہ حالت ۾ اسٽوري کي وائينڊ اپ ڪرڻو آهي.“
”اسٽوريون تہ پيون نهنديون ڏهنديون، تون پئي مغزماري ڪندينءَ، آخر دوستن جو بہ ڪو حق آهي توتي يا نہ؟“
”شيري ڊيئر آفيس جا رولز سمجهندي ڪر، ڪم اڌ ۾ ڇڏي توسان هلي آيس... منٽ منٽ جو حساب ٿو رکڻو پئي.“
”ايڏي عرصي کانپوءِ اچي توکي ڳولي لڌو اٿم، نہ تہ اسڪولي ساٿين کي ڪير ٿو ياد ڪري، اها مان هُيس جو سينيئر هوندي بہ جونيئر سيڪشن ۾ توکي ڳوليندي وتندي هئس پر تو ڪڏهن ڪا خاص لفٽ نہ ڪرائي ۽ پنهنجي هم ڪلاسين جي سٿ ۾ شهزادي ٿيو پئي ڦرندي هئينءَ. آءٌ تہ تنهنجي ڊائمنڊ اکين جي منفرد رنگ ۽ حسين ادائن کان متاثر ٿي مڙئي پئي زوريءَ توکي چنبڙندي هئس...“
”ڇڏ هاڻي مسڪا نہ هڻ، مونکي جلد ڊراپ ڪري اچ.“
”O.k as you wish“ پر ڏس لنڪ ۾ رهندي ڪر، ايئن نہ جو هر پيري مونکي ئي چاپا هڻي توکي آفيس يا گهر مان اغوا ڪرڻو پئي....

ڪڏهن پاڻ به ليئو پائيندي ڪر. تون ته اهڙي بخيل آهين جو ساڳي شهر ۾ هوندي به فون ڪرڻ ڪونه پڇئي.“

”سچ ته فرصت ئي ڪانه ٿي ملي، آفيس مان ٿڪجي گهر ايندي آهيان ته ڪنهن سان ڳالهائڻ تي دل ئي ڪونه ٿئي. جيما ڪي به ايڏو وقت ڪونه ڏيان، ويچاري سارو ڏينهن اسانجي آل رائونڊر ڪم واري نينگري زرينا سان اڪيلي ويٺي مٿو هٽندي آهي ته ڪڏهن وري اوڙي پاڙي ۾ جهاتي وجهيو پاڻ وندرايو اچي.“

”ها! مس صاحبہ توکي ڪيئن فرصت ملندي، تون ته ڏاڍي مصروف آهين.... چئني پاسي ڊئشنگ پرسنلٽي وارا فَر فَر انگريزي ڳالهائيندڙ ڇورا ويهاريو. ساڻن ڪچهريون ڪيو، ڪاغذ جي ميدان ۾ وڏي ڪم جي ڪوڏر پئي هٽين! وس پڇيم ته آءٌ به اچي تو وانگر صحافڻ ٿيان پر ڇا ڪريان، هاءِ هاءِ...“ هن حسرت ڀري نوع مان ٿڌو ساهہ کنيو. ”انگريزي ٿوري ڪمزور اٿم. ٻاهر مڙئي سِلينگ ۾ وات ڇٻو ڪري چار رٽيل جملا ڳالهائي عزت قائم ڪيو ويٺي آهيان.“

سندس ڳالهين تي رَمل رڳو سُنهري مرڪ پکيڙيندي رهي. پر هوءَ ٽڏهن به ماٺ نه ٿي.

”واهہ جا مزا لڳا پيا اٿئي! هيڏن سارن نوجوانن ۾ اڪيلي هيروئن ٿيو ويٺي آهين....“

”اڪيلي!! چئبو ته توکي هاڻي چشمي جي ضرورت آهي، مان ڪٿي هئس اڪيلي؟ ٻه چار ٻيون به ته هيون.“

”ها ها ڏٺيون هئم اهي به، پر تو جهڙي سويٽي، سالٽي حسينا ڪي ڏسڻ ڪان پوءِ انهن تي وري ڪنهنجي اک ٻڏندي.“

”اِها تنهنجي وِسڪٽي مَن ۽ هِرڪٽي طبيعت جي سوچ آهي.“

”هل، ايئن ئي سهي، ڀلا انهن مان هڪ ٻن سان منهنجي به ته هاءِ هيلو ڪرائي، هو جيڪو فيروزي شرٽ وارو ويٺو هو... ڇا ته killing looks هئس! هونءَ به آءٌ سارو ڏينهن واندي ٿيو رڳو رلندي وتندي آهيان.“

”ته پوءِ وقت وڃائڻ بدران وڃي ٻئي ٻار جي تياري ڪر.“ رمل

شوخيءَ مان چيو.

”اونهہ، اهو بورنگ ڪم هاڻ مون کان ڪونہ پڇندو. تجرباتي طور هڪڙي ڪاوش ڪافي آهي.“

”تون ڪونہ سڌرنديئن، تون ڪونہ سڌرنديئن بيهودي عورت.“

رمل ڪلندي ڪيس هلڪي مڪ وهائي ڪڍي.

شيري ڪار ڊرائيو ڪندي ’اميج گروپ آف پبليڪيشن‘ جي شاندار بلڊنگ جي سامهون آڻي بيهاري. رمل هئنڊ بيگ ڪلهي تي لٽڪائي هن کان موڪلايو تہ هوءَ بہ ڪيس ’باءِ‘ چوندي پنهنجي ٻئي ڪلاس ۾ پڙهندڙ ڌيءَ ساک کي وٺڻ لاءِ شهر جي مشهور انگلش ميڊيم اسڪول ڏي رواني ٿي.

▲▲▲

رمل پورچ ۾ ڪار بيهاري هيٺ لٿي تہ سندس اَڌ وهيءَ واري ڀڦي عظمت، جنهنکي هوءَ پنهنجي ٻاروتڻ وارن ڏينهن کان ئي جيجي امان بدران 'جيما' ڪوٺڻ تي هريل هئي، سا اُتاولي مان ڏانهنس ڊوڙندي آئي ۽ فڪرمندي مان پڇيو.

"خير تہ هو جو ايڏي دير لاتئي، آفيس ۾ ڪيترا فون ڪيم، ڪير ڪٿي ئي ڪونہ پيو."

"جيما آفيس مان تہ ڇئين بجي ئي واندي ٿي وئي هئس." هن پنهنجا فائيل، گيٽ بند ڪري ڏانهنس وڌي ايندڙ زرينا کي ڏيندي چيو. "پر درگاهن تي فيچر پيا تيار ڪريون فوٽوگرافن سميت اوڏانهن وڃڻ ڪري دير ٿي وئي."

"امان منهنجو تہ ساهہ ئي نڪري ويو.... اڄڪلهہ زمانو بہ ڪهڙو نہ بي پروسي ٿي پيو آهي. رڳو هڪڙو فون ڪري ڇڏين ها تہ بہ دلجائتي هجيم ها."

"اوه جيما، اِها برابر مونکان ڀل ٿي.... هونءَ تہ هميشه ٻڌائي ويندي آهيان پر هي ايڏو اوچتو پروگرام ٺهيو جو تڙ تڪڙ ۾ فون ڪرڻ جيتري مهلت بہ نہ ملي." هن لائونج ڏي ايندي پنهنجو شولڊر بيگ صوفا تي ڦٽو ڪيو ۽ راڪنگ چيئر تي آهلجندي زرينا کي چانهن آڻڻ لاءِ چيائين.

"ياڇائي حُرمت بہ اڃهو هاڻ وئي اٿئي..." جيما جنڊيءَ جي ڪٽ تي ويهندي چيو.

"ڪجهہ نئون چيائين يا ساڳيو رينگٽ ڪنيو آئي."

"نئون وري ڇا هوندس، اهو ئي ساڳيو رينگٽ جيڪو تون ٻڌڻ پسند نٿي ڪرين. اُنڻ مهل وري بہ چئي وئي تہ ان ڪم لاءِ منعم کي پڻ موڪليندي."

”يعني چاچو روهت وري بہ ڦري گهري پهنجي نالائق پٽ لاءِ مونکي ئي ٿو قربان ڪرڻ چاهي. هڪڙيءَ جي تہ بابا جن اڳ ئي پيٽا ڏني، باقي مان تہ هوش ۾ آهيان. مونکي پنهنجي زندگي ناهي وڃائڻي. پلي منعم کي گن پوائينٽ تي رکي زور بار ڪرڻ لاءِ مونڏانهن موڪلين مونکي شادي ڪونهي ڪرڻي، خاص ڪري ان نالائق نعيم سان تہ ڪنهن بہ جنم ۾ پنهنجي شادي ٿيڻ نہ ڏيندس.“ رمل تيزيءَ مان چيو.

” شڪر جو خدا تين ڀيڻ ڪون ڏني نہ تہ ان ۾ بہ آسيم لاءِ اڪيون هجنس ها...“

”آسيم کي وچ ۾ نہ آڻ هو اجان ٻار آهي، تون پنهنجي ڳالهہ ڪر. شادي تہ نيٺ بہ توکي ڪرڻي آهي. الله تنهنجا نصيب سٺا ڪندو....“

”جيئن امان جا نصيب جاڳيا، منعم جا ڀاڳ کليا....“ هن چٽر ڪئي.

”اهو ضروري ناهي تہ سڀني جون قسمتون ساڳيون هجن.“

”تہ پوءِ ڏکن وارا نڪتل نصيب ڪٿي آءٌ پنهنجي ٺهيل ٺڪيل قسمت ڇو وڃايان“

”هاڻ ڀاڄائي حرمت کي ڪير سمجهائي، رت جو رشتو نہ ساڻس تنهنجو نہ منهنجو. تون چاچي پويان سڄائين مان ڀاءُ جي لڄ سمجهي عزت ڪريانس، تڏهن بہ آندا تہ ڳنديا پيا اٿئون. ان ڪان ڪير انڪار ڪندو؟ ڀائين تي تہ سارو ڏينهن آءٌ ٿي ويني توکي ڀڙڪايان ۽ بدگمان ڪيان تہ پٽس سان شادي ڪرڻ ڪان انڪار ڪر.“

”نان سينس! چاچي روهت جون بہ الائي ڪهڙيون متيون منجهيون جو ان چيلاڻيءَ جهڙي سيلاڻيءَ کي سڄي زندگي جو ڦاهو ڪري ڪٺي ڳچيءَ ۾ وڌائين.“

”چاچهين غريب کي تہ ياڻ شابس ڏي جو ويچارو پنجٽيهن سالن ڪان اِهو ڦاهو ڪائيندو اچي، هجي ها پِٺهين وانگر ’ڪکر ۾ ڪڙو‘ تہ ڪڏهو ڪو سر وڃائي ڇڏيس ها....“

پيءَ جي ذڪر تي ڪن لاءِ رَمل جي چهري تي چڻ ڪوئي اُداس سايو ٿهليو پر يئي ئي پل پاڻ سنڀاليندي پڇيائين،

”پوءِ نيٺ ڇا چيئيس ؟“

”آءٌ ڇا چوانس ها... بس ايترو چيم تہ فيصلو ڪرڻ رمل جي هٿ ۾ آهي، تہ ماڳهين شوڪجي چوڻ لڳي: ’ڇاپيون پرڻ واري بہ تہ تون ئي آهين نہ؟ پائين تہ گهر ۾ بہ ڪَن ٿيو وينيون هجون! پنهنجي نصيب ۾ لکيو نہ هيئي تہ پائيتيءَ جي جواني ڇو پئي وڃائين‘ “

”ڇاچي بہ حَد ٿي ڪري.“ رمل چڙ مان چيو.

”تون بہ تہ هاڻ هوڏ تان لهہ ڪٽي، خير سان پنجويهن کي اچي رسي آهين، نعيم بہ ٿي سال ننڍو آهي تہ ڇا ٿيو، اُهي بہ تہ آهن جيڪي پاڻ کان ڏهہ پندرهن سال ننڍن سان شادي ڪيو، سندن اڳيان ايئن پورڙيون ڪِڪيون ٿيو وينيون هونديون آهن، ڇڻ ڪجهہ ڇاٽين ئي ڪونہ ٿيون، تنهنجي ڄمار تہ ڪا لکل ڪانهي سڀني جي سامهون آهي.“

”ايج گئپ جي تہ مان قائل ئي ناهيان جيما، روحن جي انڊراسٽينڊنگ هجي تہ زندگي گذارڻ لاءِ اِهائي ڪافي آهي.“

”پوءِ ڇڏ اجائي ضد منهنجي صلاح مڃ تہ جتي هڪ ڀيڻ اٿئي اُتي تون بہ ان گهر ۾ وڃي نئين زندگي گذار، عزت بہ ان ۾ ئي آهي، نہ تہ اجايو انهيءَ مسئلي تہ ڀيٽين سان ڪونس لايو هُن جو بہ سڪون پيا غارت ڪندا.“

”هونءَ وري ڪهڙي سڪون ۾ آهي،“ هِن ٽوڪ ڀريو ٽهڪ ڏيندي وراڻيو. ”ڪنڌ تي ست ڪنواريون نراٽون بہ هڏ حرام نڪمٽا ڏير، حرفتي سس ۽ ٽوڪ جي حساب سان مليل اورتي پرتي جا مائٿ زندگي رولڻ لاءِ ڪافي ناهن؟ باقي رهيو سهرو ۽ مڙسهس سو انهن تي ڪهڙي ميار، اُهي غرقيا تہ گهر ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايئن ايندا آهن، جيئن عياشيءَ جي اڏي تي اچبو آهي.“

ان سچ تي جيما گهري مرڪ مرکي ڏانهنس نهاريو، جنهن سان رمل کي ويتر هٿي ملي.

”جيما هي نئون زمانو ۽ نئين سوچ آهي، هاڻ تہ شادي جو تصور پراڻي زماني جي ڪنهن فضول رسم جيان ٿو لڳي، جنهن تي عمل ڪري

ڪير سياڻو پنهنجي زندگي برباد ڪرڻ چاهيندو. هونءَ به شادي سنت آهي، ڪو فرض ته ناهي جو هر حالت ۾ پورو ڪجي. اڄ جي هن ترقي يافته ۽ وحشي دور ۾ ته فرض ئي نٿا پورا ڪجن.“

”تڏهن به ڏيءَ ڪي سماجي قدر اهڙا آهن جن کان بغاوت ڪندي به ڪنڌ نٿو ڪڍائي سگهجي.“

”ڪهڙا آهن سماجي قدر جنهن ۾ آئي لٽي، اَجهي آسري ۽ مڙس جي نالي ملڻ جي عيوض پنهنجي زندگي گِروي رکجي! اڪ ڪوليندي ئي ماءُ جي زندگي برباد ٿيندي ڏٺم، هوش ايندي پيڻ جي زندگي تباهه ٿيندي ڏسان پئي، جيڪا ٻارڙن خاطر ماٺ ميٺ ۾ زندگي جو جهنم پئي گهاري، پنهنجي اوسي پاسي ٿا نهاريون ته اهو ڪهڙو گهر آهي جنهن ۾ شادي کان پوءِ مسئلن منهن نه ڪڍيو هجي.“

”هاڻ ايڏو انڌير به ناهي، ماڻهن جون زندگيون سولي ۽ شانائتي نموني گذرن پيون هرويرو ڪجهه مثالن تي ئي چو ڪٽي ڳنڍ ٻڌجي.“

”ڪجهه مثال ڪونهن جيما، تون ٻاهر نڪرين ته خبر هجئي.... هتي هرڪو شادي کان پوءِ مسئلن ۽ هٺرادو پيدا ڪيل رشتن جي آزاهه ۾ اَڙجي اُجڙي ويو آهي. اڳ اِهي مائٽيون تڏهن مضبوط ۽ پائدار لڳنديون هيون جو ماڻهن ۾ ماڻهپو هو، نهنائي ۽ سهپ هئي... اڄ جو ماڻهو حالتن ڪري جنوني ٻڻجي آپي مان نڪتو ٿو وڃي. شادي جو گاڏو ڌڪڻ لاءِ ڪير به ڪنهن سان سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. ڪي روائتي خاندان يا گهراڻا مطمئن زندگي گذارين پيا ته اهو ڪو اتفاق هوندو، مجموعي طور صورتحال گهٽي بلڪه تمام گهٽي بدلجي چڪي آهي.“ هن زرينا کان چانهن جو ڪوپ وٺي پاسي ۾ رکندي چيو.

”حالتون وڃي چا به بيهن پر اسان پنهنجا قدر ۽ روايتون نظر انداز نٿا ڪري سگهون“

”جيما مان پنهنجي زندگي انهن قدرن پويان برباد ڪونه ڪندس، اڳي.زمانو ٻيو هو. تعليم به عام نه هئي. اڄڪلهه ته هر ڪنهنجي پيٽ ۾ چار اکر پيل آهن، جيڪو چاهي سو پنهنجو بار پاڻ کڻي سگهي ٿو ان لاءِ سڄي زندگي مسئلن ۾ ڦاسائي گروي ڇو رکجي.“

”اها تنهنجي پنهنجي سوچ آهي، هرڪو ايئن نٿو سوچي.“

”منهنجي سوچ ڪا نئين يا چرڪائيندڙ ناهي جيما... جنهن طرح سان حالتون تبديلي ڏي پيون ڏُکن، ماڻهن ۾ ڏينهون ڏينهن شعور وڌندو ٿو وڃي، تڏهن سيني جون سوچون رِل مِل ٿي هڪ نقطي تي بيهي رهيون آهن ته آخر شادي ڇو ۽ ڇا لاءِ ڪجي، جڏهن سڀ ڪجهه بنا شادي جي به حاصل ٿي سگهي ٿو.“

”ڏوڙ پئي اهڙي سوچ تي.“

”تون ڀلي ڇا به چئو جيما، حقيقت بهرحال اها اٿئي، باقي ڳالهه آهي ظرف جي... نفس جي... ته ڪير پاڻ کي ڪيترو سنڀالي سگهي ٿو ۽ ڪير ڪيترو ڪيرائي سگهي ٿو. تون ته ڇاڻين ٿي نه، مون ته گهڻو اڳ اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته مان شادي جهڙي فرسوده رسم کي ريتي هڪ نئين انداز سان زندگي گذاريندس.“ هن ڇانهه جو آخري ڍُڪ ڀريندي چيو، ”ان فضول ٻنڌڻ ۾ ٻڌجڻ جو مون وٽ ڪو تصور ئي ناهي.... رڳو ماڻهن جي خوف ڪان پاڻ کي ڪنهن پاڪدامني جي ريپر ۾ ويڙهي نڪاح نامي جو اسٽيڪر پنهنجي پيشاني تي نٿي چنبڙائڻ چاهيان.“

”تو جيتري پڙهيل ناهيان پر به توکان بهتر ڄاڻان ٿي ته گهر جو گاڏو هلائڻ، خاندان کي اڳتي وڌائڻ لاءِ شادي ضروري آهي.“

”اوهو... جيما تون سمجهين ڇو نٿي.“ رمل ٻارن جيان رُسندي چيو. ”تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ هن نئين زماني ۾ سوچن جيان هر شئي ۾ تيزي اچي وئي آهي... فاسٽ فوڊ جو زمانو آهي، ٻه چڪ برگر مان هڻي ڪنهن جو پيٽ ڀرجي سگهي ٿو ته ڪنهن کي ڪُتي ڪنئي آهي جو هندا ديڳڙا چاڙهڻ لاءِ مائي کي زال جو روپ ڏيئي اٽي تي چَتي ڪري آٽي گهر ويهاريندو.... اول ته گهر ۾ ڪير ويهڻ ئي نٿو چاهي، روز جي نت نئين مسئلن، توتڙن ۽ خاندان وڏڻ جي نالي ٻارن جي ڇانگ ٻِڇيءَ ۾ وجهڻ جو ڪنهن عقل واري کي ته گهٽ ۾ گهٽ هاڻ شوق ناهي رهيو. شڪر ڪر جو مڱيندو مري ويئي ۽ ان شاديءَ واري گند ۾ پوڻ ڪان بچي وئينءَ، نه ته اجوڪي دور ۾ پٽ الڳ سر رولينئي ها،

ڏيئن تي جدا چونڪيون ڏين ها.... تہ مڙس جا بہ پئي آئي وئي اکيان روئتا روئين ها."

"ڪاش پائو راوت ۾ پاچائي تبسم بدران پهرين مان مري وڃان ها تہ گهٽ ۾ گهٽ اهي مسئلا تہ منهنجي ٻچيءَ ۾ نہ پون ها..." جيما اداسيءَ مان وراڻيو.

"ڇڏ جيما ان منحوس ٽاپڪ کي." رمل جهٽڪي سان پنهنجا بند وار کولي ڪنڌ تي پکيڙيندي چيو. "آءُ وڃي ٿي باٿ وٺان، جيتر مون لاءِ ڪڙڪ ڪڙڪ چانهہ ٺهرائي وٺ...."

"اڄڻ شرط چانهہ تي ڪٽي مارو ڪيو اٿئي.... هاڻ تہ ماني جو ٽائيم اچي ٿيو آهي، اڳو پوءِ بہ گرانهن کائي وٺ پوءِ ويهي چانهہ پئجانءِ."

"نہ جيما مانيءَ جو تہ هينئر نالو ئي نہ وٺ، درگاهن تان ئي ايڏا نظر نياز کاڌا اٿئون جو حالي ڪنهن طعام جي طلب ئي ناهي."

"طعام وري ڪهڙا، چوري زرينا ساڳيو دال پٽ رڌيو آهي ۽ وات ڇهرو ڪرڻ ڪاڻ پٽاٽا تريا اٿس...."

"تڏهن تہ 'طعام' چيم جو مونکي اِهي سور سجهيا ٿي..."

"منهنجي ٻچڙي آءُ پيو ڪجهہ ناهي ڏيانءِ جيڪو چئين." جيما شفقتون نثار ڪندي چيو.

"نہ نہ جيما مون تہ ايئن ئي ٿي پٽايو مانءِ.... سچ مونکي بنهہ بک ناهي، بس ٺلهي چانهہ پيئندس."

"آفيس ۾ بہ سڄو ڏينهن چانهيون پي پنهنجو رت ٿي ساڙين، پوءِ ڪيئن ماني وڻندي... توهان صحافين جي جسم ۾ تہ رت بدران رڳو چانهہ ڊوڙندي هوندي..."

"چڱو ڀلا ٿي پيان پيو ڪپ." رمل مرڪندي فائيل ۽ پرس کڻي پنهنجي ڪمري ڏي هلي وئي. ڊريس جي چونڊ ڪري، شاور وٺي، زيرو بلب ٻاري اڪيون ٻوٽي بيڊ تي ليٽي پئي پر خيالن جَهل ئي نہ ڏنس...

"سدائين ساڳيون ڳالهيون.... ماڻهن وٽ واند ڪائي جو مسئلو ئي رڳو شاديءَ تي ڳالهائڻ آهي...." هن ڪڪ تي سوچيو. ان سوران هاڻ

تہ ماڳهين هن شاديءَ جي وقت وچائينڊز فنڪشنز ۾ وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو، جتي هر ڪو مهمان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪرسيءَ تي سُڪ ٿيو چهري تي بور تاثرات ڪنيو پيو ڪُرڪندو آهي، سواءِ ڪنواريتن يا گهوٽيتن جي قريبي مائٽن جي... جن ڪي ڊانس پرفارم ڪرڻا هوندا آهن يا گهوٽ ڪنوار سان وڊيو وغيره ڪڍائڻي هوندي آهي. هن تي بہ وڃڻ ڪاڻ هرويرو جي ٻري تي آئي تہ ڪن ويجهن وٽان بيٺي پير تي ايندي هئي.

ماٺهو ڪيڏا نہ منتظر هئا هن جي شادي جي هائوڪار ٻڌڻ لاءِ.... ۽ اوترائي حيران پريشان سندس انڪار تي.... ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي باري ۾ اُبتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌي ڏڪوئجي بہ ٿي وئي، جيڪڏهن ڪي سال ٻاهران پڙهي پنهنجي پيرن تي بيهڻ واري خود اعتمادي منجهس نہ هجي ها تہ ممڪن هو، هوءَ بہ پاڻکي حالتن حوالي ڪري ڇڏي ها. نہ تہ ڪهڙي ڪمي هئي منجهس... هوءَ سني هئي... وٽندڙ هئي... قدرت ڪيس مارويءَ جو روح ۽ ڪيلوپيٽرا جو جسم ڏنو هو، جنهن جي هر تار جڻ مقناطيسي ڪشش سان جوڙيل هئي.... گولڊن بليڪ اِسٽريڪ ٽيل ڊگها وار، هر ڪنهنجو ڌيان ڇڪيندڙ انتهائي دلڪش، سحر انگيز گهريون موڱي اکيون... نکريل ڪٽڪائين رنگت ۽ سرو قد..... هڪ آئيڊل پرسنلٽي بڻجڻ لاءِ پلا پيو گهرجي بہ ڇا؟ بس، رڳو پنهنجي هڪ ضد جي ڪري سيني لاءِ چڻ ڏنو ڏنپ بڻجي پئي! اهو ضد هو، سندس لاءِ ايندڙ سڱن رشتن کي انڪار ڪري ڇڏي ڇڏڻ.... خبر ناهي هو پنهنجي ان فيصلي ۾ ڪيتري صحيح ۽ ڪيتري غلط هئي، پر اها بہ حقيقت هئي تہ هن جنهن ماحول ۾ اک کولي، اُتي شادي جي ٻنڌڻ هن جي وجود جي اردگرد خوف جون زنجيرون وجهي ڇڏيون.

هن لاءِ شادي، سماجي يا ڪنهن بہ طرح سان ڪو مسئلو نہ هئي، انڪري هِن اِهو ارادو ئي ترڪ ڪري ڇڏيو. سندس پُڦي عظمت، جيڪا اوڙي پاڙي متن مائٽن ۾ پڻ ”جيما“ جي نالي سان ئي مشهور هئي، تنهن سان ٽيل اچوڪي گفتگو ڪيس ڪافي ڊپريس ڪري ڇڏيو پر پنهنجي سوچ سمجهہ سان ڪيل فيصلي ۾ هو پاڻ کي وڌيڪ مضبوط ۽ درست

سمجهڻ لڳي. هن وٽ ڪي بہ ڀهروپ نہ هئا.... هو ڪليل ذهن واري بي باڪ ڇوڪري هئي. ڪِن جي پيار جي خوابن جي تعبير... پر ڪيڏي نہ ڀيانڪ هئي اها تعبير... اجان تہ هن زندگي جي آگر جهلي هلڻ ئي نہ سکيو هو جو محروميون، اڪيلايون ۽ پختيون سوچون سندس چوڏاري تيزيءَ سان پنهنجو چار اُٽڻ لڳيون... جيما پاران گهٽائي ڏَڪ ڏَڪڻ ۽ ڪک رکڻ کان پوءِ بہ هن تي اها حقيقت پڌري ٿي پئي تہ عشق جي نانگ کان ڏنگيل، هن جي اُمتي پيءَ ڪي وڏا هيلا وسيلا هلائڻ. قرآن ميڙهہ موڪلڻ جي باوجود سندس ماءُ بي بي تبسم جو سڌو سگ ملڻ کان ٺپ جواب مليو تہ هُن زور آوار ڪيس ريشمي خواب ڏيکاري ڪيئن نہ ديده دليريءَ سان حويليءَ مان ڀڄائي آڻي ڪورٽ سڳوري ۾ نڪاح وڌو. 'لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪياڙي نہ وهي' جيان انڌ جي گهوڙي تي سوار هوءَ پاڪدامن نياڻي، جنهن جي حويليءَ تان نر پکي بہ پيو هڪلبو هو سا الائي ڪهڙي ڦنڌ ۾ ڦاسي لکيو لوڙڻ خاطر اڇي راوت خان جي سيج پلنگ پيڙي ٿي.

عشق خوشين جا جهول پري هن پريمي جوڙي مٿان ڇٽ جيان جهلندو رهيو. ٻنهي جا محبتن جي مَد سان ٽمٽار وجود هلڪا ڦلڪا ٿي ڇڻ هوائن ۾ اڏامڻ لڳا... زندگي ايڏي حسين! ان جو تصور نہ ڪڏهن وٽن هو نہ ئي هو اهو تصور ڪري پئي سگهيا تہ زندگي جو اِهڙو حسين ۽ دلڪش رخ هنن کان علاوه ڪنهن ٻئي بني بشر کي بہ پسڻ نصيب ٿيو هوندو. ڪُل ڪائنات جي ڌرتي تي هو ئي اهو واحد خوش نصيب عاشقن جو جوڙو هو جن عشق جي ميدان ۾ هٽي هنڌ ڪيو. پر پوءِ جيئن دنيا جو دستور آهي... انسان جي هر پل رنگ بدلجندڙ بي چين فطرت آهي، تيئن ئي هوائن ۾ اڏامڻ وارو اهو عشق هاڻ ٽينشن ۾ بدلجڻ لڳو... پوءِ جلدي بيزاري... بوريت... رنج رساما... اجايون تهمتون هيڪاندا بهتان.... روح کي رتو رت ڪندڙ طعنا ٽُنڪا ۽ مڙس کي مڙس بنائڻ واري 'سپر پاور' اختيار جا اُٿندي ويهندي دهمان... ڌهڪاءُ!

هو جواني جي عروج ۾ ئي هڪ ٻئي لاءِ ڏاريا بنجي ويا. زال لاءِ

هُن جي نفرت جي انتها هاڻ نفسياتي پس منظر ۾ ظاهر ٿيڻ لڳي... ڪانئس وڏي ذات، مٿان وري سگ گهرڻ مهل ڪيس مهڻ ۾ ئي مليل منهن پَٽڻ جهڙو ڪُتو جواب...

پنهنجي اهم ۽ انا کي تسڪين ڏيڻ لاءِ هاڻ اُهي سڀ ڪسرون هِن ننڍڙڪيءَ مان ڪڍڻ لڳو. اذيت پسند بڻجي، ڪيس ڏڪوئي... هيسائي هُن جي وحشي جذبن کي اڻ ميو قرار ٿي مليو. زال جي بي وسي ۽ رحم جوڳي حالت تي سندس مردانگي کي بي پناهه سڪون ٿي مليو.

”تون ڪيڏو نه بدلجي ويو آهين راوت.... مون توسان پيار ڪيو هو راوت“ هِن پريل گلي سان ايلازن مان چيو هئس. ”منهنجي سڀ کان وڏي اُميد ۽ آسرو تون آهين.... تون به منهنجو نه رهين ته پوءِ مان ڪيڏانهن ويندس...“

”جهنم ۾!“ هو مٿس نفرت جي نهار اُڇلي هليو ويندو هو.

ماضيءَ جون تلخ يادون ۽ ڏنڌلا عڪس رمل جي پوتيل اکين ۾ جڻ اوتجي آيا هئا. ڪردارن جا خطرناڪ ايڪشن سڀ جو سڀ ذهن سان چنبڙي ويا هئس. هن جو پنهنجو پاروتڻ وارو ڊوڙندڙ ۽ ڏڪندڙ عڪس... خوف وچان ”جيما! جيما!“ ڪري پڦيءَ جي ٽنگن سان چنبڙي وڃڻ ۽ پڦيس جو اُمالڪ ڪٽي ڪيس ڇاتيءَ سان لائڻ....

وقت سان گڏ اُهي آواز ڪيس چٽا سمجهه ۾ اچڻ لڳا جڏهن پڻس راوت خان هنجي ماءُ تبسم کي پوري طاقت سان وارن مان جهلي چوندو هئس.

”ڏيانءِ طلاق... چئو ڇا ٿي چئين“؟ اهو بڌندي ئي هوءَ پيرن تي ڪري هٿ جوڙي ليلائيندي چوندي هئس،

”رحم ڪر.... مون تي رحم ڪر! توکان سواءِ نه منهنجو ڪو اوهي نه واهي مان ڪيڏانهن ويندس... اڳ ئي منهنجو دامن ليرون...“

”ڏاڍو ڪو پُٽ ڄڻي ڏنو اٿئي جو پٽ راڻي ڪري ويهاريانءِ!“ هو ڪيس ٺيلهيندي چوندو. ”ڪڻ پنهنجون ڌيئون ۽ ٽر هتان نه ته بدچال ڪوني مارائي ڇڏيندو مانءِ“

”مان ڪيڏانهن ويندس؟ توکي جي بي شادي ڪرڻي آهي ته پلي

ڪر پر مونکي تہ نہ ڪڍ....“

ان بي وسيءَ واري التجا تي ھو تھائين ڪيس تڏا ھٽي سڪون حاصل ڪرڻ لڳو. پٽيلو اولاد نہ ھئڻ جي بھاني ۾ نئين نينھن جي نظاري تي چڙھڻ واري شغل سبب ڪيس چڙيڻ لونيڻ سان گڏ چماٽن جا وسڪارا ۾ منھن وارا ڏک ھٽڻ شروع ڪري ڏنا ھئائين. ڪيئي پيرا تہ ايئن بہ ٿيو جو ڪاوڙ ۾ نفرت جي انتھا مھل ڪيس وارن مان جھلي گِھلي گھران ڏِڪي، در ڏيئي ڇڏيندو ھو. ھن کي روئيندو رڙندو ڏسي پاڙي وارا مٿس قياس ڪائي راوت خان کي منٿ ميڙ ڪري در ڪولرائي ڪيس اندر ڪندا ھئا.

ھوءَ انتھائي جذباتي ۾ پنھنجائپ پريو رويو رکندڙ ھئي، ھن جي تصور ۾ مڙس جو درجو ھڪ ديوتا جيان ھو جنھنجي پرستش ڪجي... جنھن سان محبت ڪجي... پر جڏھن سندس محبوب... ھنجي من چاھي جيون ساٿي راوت خان، جنھنکي ھن دل جي گھراين سان چاھيو... پوڄيو، تنھن ڪيس سخت مايوس ڪيو تہ ناڪامي جو روحاني صدمو ھن لاءِ ناقابل برداشت ٿي پيو. ھوءَ ڏاڍي لاچار ٿي پئي.... اھو گھر ڇڏي ڪيڏانھن وڃي ھا... بَدچال واري تھمت کان بچندي بہ جيئري ئي مري وئي.... اباڻي ڪوٺن جا در تہ ھميشه لاءِ ھن تي بند ٿي ويا، سندن عزت کي عشق جي انڌ تي تين وال ڪرڻ جي ڏوھہ ۾.... ھوءَ انھن لاءِ مري چڪي ھئي... بدترين حالتن ۾ ھيسيل ھرٽي جھڙي زندگي گھارڻ ھن کان نہ پڳي... بي بيءَ مان پاچوڪڙ جو لقب تہ اِن خاندان ۾ اچڻ سان اڳ ئي ڪيس ملي چڪو ھو باقي طلاق جو طوق ڳچيءَ ۾ پوڻ جي خوف کان ھڪ ڏينھن ڦاھوڪائي ان ذلت پري غلام زندگيءَ کان ڇوٽڪارو پاتائين. ھو اِھو فيصلو بہ نہ ڪري سگھي ھئي تہ ڇئن سالن جي رمل ۾ ڇھن سالن جي منعم ھن جي پيار جي نشاني ھيون يا پورائيءَ جي پُل... پئي پينر توڙي جو ڏاڏاڻي مائٽن وٽان مليل ڌڪار پريل نھوڙيندڙ نظرن ۾ تيز تکي ويٺن کي سمجھي نٿي سگھيون پر لھجي جي تلخي ۾ روين ۾ نفرت جو احساس ھنن جي معصوم من ۾ چڻ پيھي ٿي ويو....

”چوندا آهن تہ .’بي بي دَلي ڍڪي پلي‘! پاچوڪڙ بي بي گهران پڄي وڏي سورهيائي تي ڏيڪاري، ست سال بہ عشق جي سَٽ نہ جهلي سگهي.“

”ڪانئياريءَ رن! مئي بہ تہ حرام موت، هاڻ قيامت تائين قبر جو عذاب پيو ڀوڳيندي.“

”دوزخ جو تنيو ٿيو پئي پرندي!“

”الله پيو پناهہ ڏي، بيبيون ٿيون اهڙا ڪم ڪن. هوندس ڪا گولاڙڪي لڇَ، ڪنهن سيد سڳوري جي وِندر ڪي ويس پارائڻ لاءِ اشراف بيبين کهل ڪري پنهنجو چاٽائي پاليو هوندس.“

”پيو نہ تہ، پنهنجي هجين ها تہ ڪو ايئن منجهانس هٿ ڪڍن ها چا، پانيائون تہ ڪني آڱر وڍي چڱي!“

”جهڙا پنهنجا ڪرتوت هئس اُهي ئي لڇڻ ڇورين کي بہ سيکاري ها.“

اهڙي مهلن تي سندن اڪيلي پڦي عظمت، جنهن مڱ گهرئي مشتاق مڱيندي جي ڪار ايڪسيڊنٽ ۾ مرڻ کان پوءِ سڄي ڄمار ڪنوارو رهڻ قبوليو، تنهن نراڻ سان بہ ڳن ڏنا تہ ان جي اولاد کي بہ ساهہ سان سانديو. اهائي رڳو سندن اڪيلي پناهہ گاهہ هئي جيڪا ڍال جيان اڇي اڳيان بيهندي هئي. شايد تہ قدرت بہ کيس ڪنوارو ان ڪري ئي رکيو تہ جيئن يتيم پائٽين کي ممتا نہ سهي پر ممتا جهڙي ڇانوَ ۾ نپائي پالي، پڙهائي پرجهائي وڏو ڪري سگهي.

زال جي خودڪشيءَ کان پوءِ راوت خان جهڙي دَنيِّر مڙس جا حال هڪدم هيٺا ٿي ويا تہ نئين عشق جو ريلو بہ رُخ مَٽي واپس پنج ند ۾ اچي چوڙ ڪيو! پنهنجون زوراوريون ياد ڪري پڇتاءُ جو احساس مسلسل ڏنگيندو رهيس تہ رَهيل کهَيل ضمير جي ملامت بہ جدا ڦٽڪار وڌس. ذهني حالت جيئن پوءِ تيئن ويس تي بدتر ٿيندي، واندو ڏسي ’واندي واٽئي‘ واري مثال جهڙي نڪمٽي دوستن جو ولر ورائي ويس، جن سجڻ پائيءَ مانِ غم غلط ڪرڻ لاءِ پهريائين کيس شراب جو چشڪو چڪائي پوءِ منجهانئس ايئن شراب چِڪيو جو چڻ نسورو شراب جي،

بني بٽجي پيو. رات ڏينهن نشي ۾ پُر ٿيو، ٽڙندو وتندو هو. زميندار تان به هٿ ويس ڊرا ٿيندا. وڏي ڀاءُ روهت خان جي ته چڻ الله جوڙ جوڙي جيڪو ڊاڪٽر دوست وتان 'وياگرا' جا سيمپل هٿ ڪيو رات ڏينهن جي مشقت سان پڳهر وهائي کهول ڀارن جو ڪنيو وينو ڪڏائيندو هو. تنهن همدرد بٽجي نه رڳو ڀاءُ جون زمينون سنڀالڻ جي ذميداري ڪنئي پر اجان ئي پڪو ڪم ڪندي پنهنجي وڏي پٽ عظيم سان نياٽي نماٽي منعم جو نندي لاڪر نڪاح به وجهرائي ڇڏيو. جيئن ئي راوت خان ڪاري ڪامڻ وگهي جهٽ ۾ جهتجي ويو ته روهت خان به نينگري رخصت ڪرائڻ ۾ دير نه پوڻ ڏني ۽ پنهنجو پاڻ ۾ پت جي ديڳ لهرائي ڪارائي، نابالغ ننهن گهر وني آيو... ڇي:

"جهڙي هتي رهي پئي آهي تهڙي اُتي به رهي پوندي، پنهنجو گهر اٿس. چاچي جو، مڙس جو... ڪا ڏارين ۾ ته ڪانهي ڏنل."

رمل جون سوچون ڪيس ماضيءَ جي تلخ يادن ڏي گهرو گهلي وجڻ ڪاڻ وڪوڙيندي ٿي ويون جو سندس بيڊ جي پاسي ۾ رکيل فون جي گهنٽي سمورا سلسلا توڙي ڇڏيا... هن بي دليءَ سان رسيور کنيو، ٻئي طرف پنهنجي ڪوليگ اسد جو آواز ٻڌي هن پاڻ سنڀالي خوش خير عافيت ڪندي پڇيو:

"اسد ڏي خبر انٽرويو ڪري آئين؟"

"ها، ڏوڙ پائي آيس!"

"ڇو؟ سڙيو پيو آهين" هن ڪل جو جلترنگ پکيڙيندي پڇيو.

"منهنجي ڪرمن ۾ سدائين ساڙي ميارڻ وارا ڪم جو اچي لڳندا آهن"

"پر ٿيو ڇا؟ انٽرويوئر ڪي ڪاوڙائي ته نه ڇڏيئي؟"

"نه بابا، مار پئيس اهڙو منحوس ۽ بخيل شخص هو جو جتي ڪو ڪم وارو سوال پڇانس ته چئي "نو ڪمينٽ" حد ٿي وئي بيهودگيءَ جي، ڪوئي پڇين ته توهانکي جي هر ڳالهه ۾ ئي ايڏو ڇرڪ ٿو پئي ته پوءِ سياست ۾ اچو ئي ڇو ٿا."

"ڇئبو ته موڊ آف لڳو پيو اٿئي"

”پيو وري چا، اهي پير، مير ۽ وڏيرا رڳو اسان پارن مسڪينن ۽ گهر جي زالن اڳيان سيٺ ڪري ڇاڻين، باقي حڪمران مائين جي لغامن تي ٽٽونءَ وانگر پيا ٽپَ ڏيندا آهن، اُن مهل الائي ڪيڏانهن هلي ويندي اٿن مردانگي.... غيرت ۽ مڙساڻو شان.“

”يقيناً ڪنهن ٽٽونءَ جي ڊيڊ باڊيءَ ۾“ رمل کلندي چيو.

”خير، تون ٻڌائي درگاهن واري اسٽوري جو ڇا ٿيو.“ اسد پڇيو.

”اڄ سارو ڏينهن ان جي پويان ئي ته ويو آهي پر ٽڏهن به اسٽوري مون کي اڌوري ٿي لڳي، ڪجهه انٽرويوز اڃان پيا به ڪرڻا پوندا، اڄ دير ٿي وئي اِنڪري پورو ڪم نه ٿي سگهيو، سڀاڻي وري وڃبو.“

”پوءِ سڀاڻي ڪير تو وٽ توهان سان گڏ؟“

”ساڳي ٽيم... مان امرت ۽ شازم“

”ان ٽيم ڪانسواءِ اڃان ڪو ٻيو رقيب ته ڪونه ٿو هلي؟“

”اسد، اسد! تون پنهنجي بدمعاشيءَ ڪان نه مڙندين.“

ٻنهي پاسي گڏيل ٽهڪ اُڀريا .

”پر ٻڌلين واري اسٽوري مهل اِها منحوس ٽيم ڪونه هوندي، انهن کي مدرسن تي اِسٽوري ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏجانءِ، منهنجو توهان سان گڏ هئڻ تمام ضروري آهي.“

”مان تنهنجون سڀئي بدمعاشيون سمجهان ٿي، آخر ڀ سال توسان گڏ ڪم ڪيو اٿم، بهرحال خوشخبري ٻڌي ڇڏ ته ان ڪم لاءِ ايڊوانس بڪنگ اڳ ئي ٿي چڪي آهي.“

”هائي ڙي منهنجي قسمت! مونکي اها خبر ڏادي دير سان پئي ته دوستن جي روپ ۾ چئني پاسي منهنجا دشمن لڪا ويٺا آهن.“

"OK then see you tomorrow"
"All the best"

ان کان اڳ جو وري دل دليلن حوالي ٿيس ها، هن سنمبل جي گداز ويهاڻي تي سر رکي پاڻ رليڪس ڇڏي ڏنو.

▲▲▲

”wow! اڄ وري ڪنهنجي قسمت ڦٽڻ جو پروانو آيو آهي.“ رمل پنهنجي آفيس ٽيبل تي پيل لفافن جي ڍير مان سونهري ڏورين سان سينگاريل ڄهل مِل ڪندڙ ڇُهچ سائو ويڊنگ ڪارڊ ڪوليندي شوخي مان چيو. ان بي ساختگي واري رمارڪ تي اورتي وينل حجائتي ڪليگز ۾ ڪلڪو مچي ويو. عادل، عادتن ڪوٺي هميشہ جيان سگريٽ جو ڦلو قالين تي ڇنڊي هن جو ڏيان پاڻ ڏي ڇڪائيندي چيو:

”مس رمل اهو ڪارڊ ويچاري مراد پاڻ پنهنجي هٿن سان توکي ڏيڻ پئي چاهيو، پر تنهنجي ليٽ ٿيڻ سبب انتظار ۾ سُڪ تي اجهو هاڻ اُٿيو آهي.“

”I see!“ موڳي اکين واري نهار متس اُچلي هو ڪارڊ پڙهڻ لڳي، پئي ئي پل نظرون هٽائي فلڪ مان مشڪندي چيائين:

”مون کي تہ هاڻ سخت تشويش ٿي پئي آهي“

”ڇا جي؟“ عادل سميت سڀئي سوال جي نشاني بنجي پيا.

”جي پُلجان نٿي تہ آفيس ۾ اها چوٿين واردات ٿي آهي، آفيس نہ ٿي جڻ ميرج بيورو ٿيو... جيڪا ٿي ڇوڪري اپائنٽ ٿئي ٿي سا اسانجي ڪنهن نہ ڪنهن شريف اسٽاف ميمبر کي ورغلائي وڃو پنهنجو گهر وسائي.“

”جيڪر ڪي پريمي جوڙا اسانجي اِن عظيم آفيس جي صدقي پنهنجا گهر ٿا وسائين تہ تون وري ڇا لاءِ تي اَرهي ٿين مس صاحبہ...“ شازم لچائيءَ مان عادل کي اک هٽندي ڪل ئي ڪل ۾ پنهنجو سور پڌرو ڪيو.

”توهان کي تہ شل نہ ڪو وجهہ ملي“ هوءَ هڪ ادا سان مرڪ جي سرهاڻ پکيڙي سرسري طور ميل جو جائزو وٺڻ لڳي.

پئي ئي لمحي مٿي کي جهلي، پٽيوالي چوئل کي پر مان لنگهندو

ڏسي چوڻ لڳي ”چاچا چوئل چانهن تہ پيار، سور کان منهنجو مغز ٿو قاتي“

چوئل سوني ڏند جو تجلو ڏيکاري پوئين پير حڪم جي تعميل ۾ ڪينٽين ڏي روانو ٿيو.

”چو رَمل خير تہ آهي اڄ ٿڪل ٿڪل پئي لڳين...“ اَقصيٰ اورتي ايندي پڇيس.

”اُف خدا!“ هن فضا ۾ ڦوڪ پريو ساهہ ڇڏيندي چيو. ”فار گاڊ سيڪ اهڙن تائرنگ ۽ منحوس پروگرامن ۾ مونکي نہ موڪليندا ڪريو.“

”چو نہ موڪليون“ اقصيٰ کلندي چيس. ”رڳو اسان ئي نيڪو ڏنيو آهي ڇا ان خشڪ پروگرامن ۾ وڃڻ جو...“

”پر الا اڄوڪو سيمينار ڏاڍو بورنگ هو... هڪڙو تہ صبح سان ايڏانهن وڃڻ ڪري ليٽ بہ ٿي پيس، مٿان وري تقريرون ڪندڙ جيڪي ڪاغذن جا ٿها لکي پاڻ سان کنيو پئي آيا، سي پڙهڻ دوران هر هر بريڪ هنيو پيٽ ۾ سانڍيل تقريري ٿها بہ مٿي ۾ سُروتي جيان هڻندا پئي ويا.“

”چئبو تہ اڇي ڦاٿين.“

”پيو وري ڇا... تقريرون نہ ٿيون ڄڻ هيروئن جون ٿيلهيون ڳيهي سمگلنگ ڪندا هجن.... ايڏا ليڪچر تہ اسٽوڊنٽ لائيف ۾ بہ نہ ٻڌا هئاسين“

”سمجهہ ڪٽي تہ هاڻ اها ڪسر پوري پيئي ٿئي....“ اقصيٰ مرڪندي چيو.

”مونکي تہ حيراني پئي ٿي تہ ڪين ايڏو يقين ڪيئن هوندو آهي تہ ٻڌندڙ سندن هر ڳالهہ ايڏي غور سان ٻڌندا هوندا... پوڙها هوندي بہ الائي منجهن ايڏي جهجهي هٽڻ واري اِسٽمينا ڪٿان ٿي اچي...“

”چوندا ناهن تہ پوڙهن کي ئي تہ پڌاپي جي ٻَڪ ۾ مٿو هٽڻ جو مرض ٿيندو آهي.“

”واقعي چوڻ وارا سچ چئي ويا آهن.... انهن جي چوٽين ٽوڙي

پهاڪن ۾ ڪانہ ڪا رمز ضرور هوندي آهي."
هو اڃان پنهنجي ڊيسڪ تي ئي هئي جو شازم سندس آڏو فوٽن جو ٿهو آڻي رکيو. هن شوق مان هڪ تصوير ڏسندي چيو:
"چو پلا فيشن پيجز جون تصويرون مونکي پيو ڏين... هي تہ عقصيٰ کي ڏين ها نہ"
"محترمہ هي توهانجي اسٽوري جون تصويرون آٿو جنهن جو توهان حڪم صادر فرمايو هو."
"اڇا!" هن تصويرين کي حيراني مان ڏسندي چيو.
"هي شهر جون نامي گرامي معزز ٻبليون آهن..."
"فيچر تيار ڪيو اٿو يا اڃان اتي ئي بيٺو آهي؟"
"ڪافي مواد وڏو آهي پر اڃان ڪيترين ئي ڳالهيون آهن جيڪي ان ۾ شامل ڪبيون."
"مان چاهيان ٿي تہ پراسٽيٽيوشن جي سبجيڪٽ تي پنهنجي مئگزن جي ڪَور اسٽوري تمام گهٽي پاور فل هجي."
"جيڪو حڪم اوهانجو سرڪار!" هن فلمي انداز ۾ ڇاتيءَ تي هٿ رکي نمندي چيو، تہ هوءَ مرڪڻ لڳي. پئي لمحي شازم سنجيده ٿيندي چيو،
"هاڻي هڪ ڪم جي ڳالهہ ٻڌ. هي رنون تہ ڏاڍيون حرامزيون آهن، پاڻ کي ماڏوريون، ڪرشمائون، جوهيون چوهيون ۽ الائي ڇا ڇا ٿيون سمجهن... انهن وٽان ايڏا اِمپريسوِ جواب نہ ملي سگهندا، تنهنڪري هڪ هنڌان جهوني معزز ۽ رٽائر ٻبلي جو ڏس مليو اٿم. سو هاڻي تون وري اها مهرباني ڪجانءِ جو ان سابقہ ٻبلي جي جهَڳي ۾ سندس تجربا ٻڌي فيچر کي جلد کان جلد وائنڊاپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪر."
"Sure هي پينڊنگ ڪم اُڪلائي وٽان تہ پوءِ هڪ ٻن ڏينهن ۾ مان ۾ امرت گڏجي ويندا سين."
رمل کي اسد ڏي ڪمپيوٽر سيڪشن ۾ ڪو آرٽيڪل ڪٽي ويندو ڏسي عادل، جنهن هن جي ويجهو ٿيڻ لاءِ گهڻئي نمونا ڪيا تنهن گلا

واري نوع ۾ ساڳي ڊيسڪ تي ڪم ڪندڙ امرت کي چيو.

”ڏس ته ڪيڏي نه سيڊيسٽ ڇوڪري آهي. الائي ڪهڙي ضد مغز ۾ پريل اٿس جو هرويرو پنهنجي زندگي جا قيمتي پل وڃائڻ پويان اچي پئي آهي.“

”وڃائي پئي ته توکي ڇا آهي، تون پنهنجي ڪم سان ڪم رک. هوءَ جيڪر ڪجهه Share ڪرڻ نٿي چاهي ته پاڻ ڇو پريشان ٿيون. هر ڪنهنجي پنهنجي زندگي آهي جنهن کي جيئڻ کپي تيئن گذاري.“ هن ڪلها سوڙها ڪندي بي پرواهي وارو ايڪشن هنيو.

”مس امرت توکي صحافت ۾ ايم اي ڪري اسانجي سر تي ويهڻ بدران ڪورٽ ۾ وڃي وڪيل ٿيڻ گهربو هو.“

”ڪورٽ ۾ ئي ڇو، حق جي ڳالهه ته ڪٿي به ڪري سگهجي ٿي. مان ته اهوئي ٿي چاهيان ته هوءَ هڪ مضبوط ڪردار جي ڇوڪري آهي.“

”مان ڪيس توکان وڌيڪ سڃاڻان، هو رڳو هيڪاندو ڏيان ڇڪائڻ لاءِ اهڙو پوز ٿي ڪري.“

”خير ايئن به ناهي“

”هائي ڪولي ٻڌايانءِ ته هن جو مون طرف به گهڻو جهڪاءُ رهيو آهي پر مان سندس بئڪ گرائونڊ جي ڪمزور نقطي سبب ڪيس لفٽ نه ڪرائيندو آهيان“ هن چڙ پنهنجو پاڻ کي ٿڪ هڻندي چيو.

”ڇڏ يار ڇو اچي ويچارين ڇوڪرين جي ڪڍ پيو آهين.“ پنهنجي ڪم ۾ مصروف شازم سندس غيبت واري لاڳيتي سُس پُس مان ڪڪ ٿي بظاهر کلندي چيس.

”تون به شازم، تون به ! لاحول ولا... وڪيلن مان اچي ڦاٿا آهيون.“

سندس بڪ ڪي هر ڪو ٻڌو اڻ ٻُڌو ڪيو پنهنجي ڪمن ۾ مست ٿي ويو ڇو ته ڪين خبر هئي ته هو هر ڪنهن کي اهو چئي ته فلاڻي مون تي فدا، فلاڻي مون لاءِ حيران، فلاڻي مون سان ٺهيل، يا فلاڻا مون ۽ فلاڻيءَ بابت ناجائز قصا گهڙيندا وتن جهڙا گفتا چئي پنهنجي

اهميت گهٽائي ڇڏي هئي.

ايتري ۾ ڪجلين ۽ ڪرڙين اکين وارو چوئل چانهه جي ٽري سوڌو اندر داخل ٿيو ته سيئي ڀاڙيل پنهنجا پنهنجا ڪم ڇڏي ان ڏي متوجه ٿيا ۽ پوءِ ڪا دير هال ۾ رکو ڪوپ ساسرن ۽ چمچن جا جلترنگ وڄڻ لڳا.

▲▲▲

منعم گهر ۾ پير رکيو ئي مس تہ چاچي سس حرمت مٿس چڙهت ڪري آئي:

"سچو ڏينهن پيٽين وٽ هئينءَ ڪو ٻوٽو ٻاريئي يا رڳو اسانجون گلائون ڪري آئينءَ؟"

"رمل ڪونہ هئي گهر ۾." هن وڏي ضبط مان وراڻيو.

"تون بہ هاسڪار اهڙي وقت تي وئينءَ، جنهن ۾ رمل گهر ۾ نہ هوندي تہ جيئن ذر ذر پئي ان بهاني مائٽين وڃين... سڀ سڄاڻان تي تنهنجون اٽڪلون، تون تہ ڀانئين اهو ڪم ڪڏهن ٿئي ئي نہ."

"تون تہ چاچي هروڀرو پئي شڪ گمان ڪرين،" منعم بيزاريءَ مان چيو. "منهنجا حال تہ ڏسين پئي ٻارن ۾ ئي محشر رليو پيو اٿم. جيئن واندڪائي ملي اوڏيءَ مهل ئي تہ ويس، وري بہ ڪٽي ويندس پر ڪجهہ صبر بہ ڪر، توکي تہ بهشت تريءَ تي کپي."

"بلي! هڪڙو تہ پيٽين جي وهي پئي وڃي. قياس ڪائي سگهہ تي ڪريانس تہ مٿان وري سيت تي ڏيکارين! منهنجي شهزادي پٽ کي ڪي حور پريون ڪتيون آهن جو ان ڪاڻ آءٌ پئي روز در تي جتيون گسائيندي مان. ڇوري پنهنجي ڀاڳ کي ٿي لت هڻي . اهڙو ڇوڪرو ڪٿي بہ ڪونہ ملندس." هن پنهنجي پٽ نعيم ڏي شفقت مان نهاريندي چيو، جيڪو ڪن ۾ والي، ڦاٽل جين ۽ فحش لفظن واري T.Shirt پائي، لائونج ۾ رکيل ڏش ۾ اکيون کپايو، ٻڪر وانگر چيونگم جا چاٻا ڏيندي، رشين ڪٽي کي هنج ۾ ڪنيو ويٺو هو.

"آءٌ وري بہ چوانءِ ٿي تہ مونکي جلدي جواب وٺي ڏي"

"پلا جي رمل گهر ۾ نہ هوندي تہ آءٌ ڇا ڪريان..."

" نمونا تہ تون اهڙا ٿي ڪرين جو پيٽين هن شهر ۾ نہ پر ڪنهن

ڪوهه ڪاف ۾ رهندي هجي. سچي هجڻ ھن گهر سان تہ ڏير نٽاڻن لاءِ ڪو هڏ بہ ڪرڪنئي. تون تہ پانئين هيءَ پوڙهي اج مري تہ سڀاڻي منهنجي مسند تي چڙهي ويهي راڄ ڪرين، تہ راڻي تون پلي آهين' " هن طنزيہ تاثراتن سان چيو. " متان خوش ٿين . آءٌ ايئن مرڻ واري ڪونہ آهيان! اها ماڻهين هئي 'ڪانياري پلي ڪوئي سندي جوءِ' جنهن پنهنجا پئي جهان وڃائي حرام موت مري جان ڇڏائي"

منعم پنهنجي چاچيءَ جا ڪروڏي گفتا ٻڌڻ جي عادي هئي، هن جي هر زيادتي صبر سان برداشت ڪندي پئي آئي تہ بہ ماءُ جي حوالي سان ڏڪائيندڙ لفظ ٻڌي اکين ۾ لڙڪ تري ايندا هئس پر هن جي اکين مان ڪڏهن ڪو لڙڪ نہ ڪريو. هن چاتو ٿي تہ سندس اکين ۾ اٽڪيل لڙڪن کي ڪير بہ ڏسي نہ سگهندو. ماءُ تہ هئس ئي نہ جنهن جي سيني سان لڳي هو پنهنجو ڏک بيان ڪري سگهي ها، ۽ نہ ئي پيءُ جيڪو هن جي ساهرن ڪان پڇي سگهي ها تہ مون پنهنجي ڌيءَ توهانکي نوڪرياڻي ڪري ڪونہ ڏني هئي ..... نہ ئي ٽڪن تي وڪي هئي جو توهان ۾ ايڏي سيٽ پرجي وئي آهي.

ڪڏهن صبر جا بند ٽٽي پوندا هئس ۽ ڏڪوئجي ڪا ورندي ڏيئي بہ ڇڏيندي تہ چاچيءَ جو پارو تهائين چڙهي ويندو هئس. تنهن ڏينهن بہ هن ڪنجيل ورن سان تيلين وارو ٻهارو زور سان فرش تي ڦٽي ڪري چيلهہ تي هٿ رکندي چيو.

"اَئي وات ٿي ڪرين، ماڻهين سيدياڻي هئي تہ آءٌ بہ ڪا ڍيڍياڻي ناهيان! گڏدر خاندان کي جهان جا گز ڪٽي ماپيو تہ بہ انهن جو شان خان خانن کان گهٽ ڪونهي"! هن چڻ زباني گُرز اُڇليو.

گهر ۾ گهڙڻ شرط ڪروڏي گفتا ٻڌي منعم جو چڻ رت ست نپوڙجي ويو، هوءَ حيرانيءَ مان جتي هئي اتي ئي بيٺي رهي.

حرمت کي پنهنجي ادائن جي جادوگريءَ سان وڏو هٿ هٿي اعليٰ گهراڻي جو چشم چراغ بطور مڙس حاصل ڪرڻ جو هيڪاندو گهمنڊ هو، پر ڊالي رڍ جي نسل جيان، هڪ ئي مهانڊي جي سٽن ئي ڏيئن ۾ اهڙو لڇڻ ڪيس ٻنهہ نظر نہ آيو. سندن رشتن جي اون ڪيس اندر ئي

اندر ڪائيندي ٿي وئي... ڪين يونيورسٽي ۽ ڪاليج ڏي وڃڻ جي تياري ڪندو ڏسي هن جا سُتا سور تهائين جاڳي ٿي پيا، بي اختيار واڪو ڪري چئي ڏيندي هئن،

”موت پئيوَ چوريون، هي تہ ونو گهٽا اٿو! هيڏيون اچي ڏاگهہ ٿيون آهيو تہ بہ پاڻ کي ناهي نوهي رکڻ جو لڇڻ ئي ڪونہ اٿو، اڄڪلهہ گوڏي جيڏيون چوريون بہ ناز نخرا سکيو هٽيو هنڌ ڪيو وينيون آهن. ڳوٺ جون ڳهيليون نينگريون ئي رڳو شهر ۾ ٿيون اچن تہ يڪدم ’ڪمرڪس، چوتڙ تان‘ جيان پتلون چاڙهيو جهٽ هٽنديون وتن . توهان ۾ تہ ڏاٽون جهٽ هٽڻ جو تہ نهيو پر ڪپڙي لتي پائڻ جو بہ حال ڪونهي جو ڪير ڪٽي موهجي...“

ڪڏهن جي ڏيئون سڙندي پڇرندي ڪا تلخ ورندي ڏينديون تہ تهائين باهڙجي چوندي،

”چوريون تہ پوءِ گيٽ تي ٽنگجو، ڪڏن تي چڙهو بائونڊرين ۾ بيهو، درين مان تاڙيو! چوڏاري اگهاڙا ڳهر نهي پيا آهن ڪنهن نہ ڪنهن جي تہ من ڪا نظر پوي... ڪا هڪ بلا تہ مونکان ٽري، هاڻ اهو زمانو ڪونهي جو توهانکي مڙس ڳولي ڏيڻ لاءِ ڏوتين کي ايلاز ڪندي وتان. تيل مکيو سنئين سينڌ سان چوٽي ڪيو، پرت سان ٽڪيل چادريون اوڍي يونيورسٽي ۽ ڪاليج ٿيون پڙهڻ وڃو يا منهنجي منهن ۾ دانگي ٿيون ملڻ وڃو؟ هر ڪنهن کي ادا، ادا چيو وينيون آهيون، مونکي تہ ٻڌائيندي شرم ٿو اچي تہ ڏاگهيون يونيورسٽي ۾ پڙهندي بہ اجان ڪو هٿ هٽي نہ سگهيون آهن... توهان کي تي مدرسي ۾ وجي ڪرا پرڻ گهرجن... وات وڪيل آهيو پنهنجي مڙسي ڪريو، ايڏي آزادي اٿوَ اڳتي توهان جا نصيب. مون تي دئين نہ ڏجو تہ گهر ويهاري چمار ڳاريائين. توهان جي چڱائي لاءِ ٿي چوان تڏهن تہ بنگلن ۾ راڄ ڪري مونکي دعائون ڏيئي سگهنديون نہ تہ پوءِ قسمت ۾ مون وارا مائٽ ۽ ساڳيا پاڙا لڳندوَ، وينيون هونديون ڪٽ ڪتولا رودن ۽ گهٽين ۾ رکيو.“

” امان تون بہ هاڻ ڳالهائڻ کي جهل ڏي جيڪو ٿو اچيئي وات ۾ سو پئي چوندي وڃين... جيئن قسمت ۾ لکيو هوندو ايئن ئي ٿيندو...

بابي جو نالو تہ ڪونہ ٻوڙيندي يون. صبح سان ڇو اچي ورتو اٿيئين "
"تون تہ بس ڪري ويهہ ديسان ٻوپي! جيسين ڊئونگل نہ ڇڏين
تيسين توکي ڪيئن سک ايندو." حرمت ٻچان مان وڏور ڏيءَ ماهہ لقا
ڏي لفظن جو تير ڪشيو جنهن جي شاديءَ جي ڪيس هرويرو نہ ڳٽتي
هئي ۽ نہ ئي ڳاراٽو. جو قدرت هن جو نمونو ئي اور رکيو هو. جڏهن
ڪاڻ چار اکر پڙهڻ جهڙي ٿي، تڏهن کان نئين پراٽي رسالن ۽ ڊائجسٽن
جا ٿها سيراندي رکيو چتائي مان مذهبي ۽ نفسياتي صفحن جو مطالعو
ڪندي پئي آئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هڪ ڏينهن پاڻ بہ ڇتي
ٿي پاڪي ۽ ناپاڪي جي مسئلن ۾ ڦاسي، وضو ٽٽڻ يا قائم رهڻ جي
خدشي ۽ خفي ۾ مبتلا ٿي هر هر پئي نل ڏي ڊوڙندي هئي جيسين نل
شوڪارا ڏيئي ڪيس پاڻ وٽان نہ هڪلي تيسين هوءَ انجي پڇر ئي نہ
ڇڏيندي هئي، سڄا سارا ڏينهن ڇپن ئي ڇپن ۾ مِڻ مڻ ڪري وظيفن
تي وظيفا ۽ چلن مٿان چلا ڪاٽيندي مراقبن ۾ منهن وجهي توبهہ تائب
ڪندي گذرندا هئس...

البت ٻيو نمبر ڏيءَ گل رخ پنهنجي Husky آواز ۽ مرداڻي خصلتن
سبب محرومين جي شڪار عورتن ۽ ڇوڪرين ۾ هٿون هٿ کڄي وئي!
ڪاليج جي پروفيسرياڻي صاحبہ تہ پنهنجي محرومين کان مجبور ٿي الل
اعلان هن تي دائمي عاشق ٿي پئي. ڪامن روم ۾ اڪثر سندن
رومينٽڪ پوز ڏسي ڇوڪريون پيون هڪ ٻئي کي ٺونٺيون هڻنديون
هيون. ٻنهي ۾ نئين پريمي جوڙي جيان روزانو تحفن جي ڏي وٺ پئي
ٿيندي هئي تہ ڪڏهن وري ليليٰ مجنون وانگر ذري پرزي جي رنج رسامي
تي ڪُلهن تي سر رکي هنجون پيون هاريبون هيون. ٽيون نمبر ڏي ماهہ
رخ کي بہ ڪنتي اڱهامجڻ جو آسرو نہ ڏسي، ماءُ ڪيس پڙهائي سان
گڏوگڏ اهو چٽي سياست ۾ ڌڪي ڇڏيو تہ، " هاڻ پاٺهي وڃي جهنڊا
جهلائي، نعرا هٽي ڪنهن سياستدان کي سوگهو ڪر تہ شادي ڪري
راڻي ٻٽائي راڄ ڪرائينئي."

"اها ٿي سياستدان کي هٿ ڪري" چوٿين ڏيءَ شاهہ رخ موڙو
ڏيئي وچ ۾ ٽپندي چيو هئس. "ان ڪم لاءِ بہ عقل هجي... هيءَ

چرياڻ سياستدانن جي ور چڙهي، تہ ماڳهين يا چمار پارٽيءَ جا جهنڊا جهلائي جهونو ڪري اسن ۾ رلائي، لڪن ۾ لوساتي پورو ڪندس.“

ماه نور. مهناز ۽ ممتاز تہ چائي ڇم ڪان ماٽس جي چخ چخ ٻڌڻ تي ايڏو تہ هريل هيون جو پائينديون هيون ڇڻ ماني ڪائڻ سان گڏ خبرنامو پيو هلي.

منعم ڪي يڪو ماٺ ۾ ملول ڏسي حرمت وري سُر ڪڍيو.

”پيٽين جو بہ اجا سوڏو ڪنواري رهجڻ وارو گناهہ اسانجي سرن تي پيو پئي. ماٺهو تہ پائيندا اسان پٽ ڪاڻ ونڻ جي لائق نٿا سمجهونس. چئينس چو وينئي پنهنجا نصيب رولي... پر اها ڏائڻ جيڪا جيما ٿيو سر تي وينئي اٿس اها ئي تي پئي چوري چڪوري پيڙي پوڙيس تہ شادي نہ ڪر... جيئن پاڻ جيان هيءَ بہ لوني لنگو تاڙي ٿيو سدائين گڏ وينئي هجيس! ان ڏائڻ پاءُ پاچائيءَ جو تہ سر وڄايو... مگيندي ڪي ڪائي پورو ڪيو هاڻ پيٽين جي پنيان پئي اٿئي“. هن لڳاتار هٿ نچائي واڇ چٻي ڪندي، زباني فائرنگ نہ بلڪہ بنا غور ڪرڻ جي غوري ميزائيل پئي ڇڏيا. جن حالتن ۾ منعم زندگي ٿي گهاري ان ۾ چئني طرفن ڪان هِن جي دماغ تي ايڏو تہ دٻاءُ پيل هو جو حق هجي يا ناحق مزاحمت نٿي ڪري سگهي. هر وقت ذهني دٻاءُ هيٺ رهڻ ڪري سندس پنهنجا جذبات نڪرڻ ڪان اڳ ئي مري ويا. ڪيس پنهنجي زندگي جو مقصد رڳو اهو ٿي لڳو تہ ٻارن کي ڪارائجي ۽ سس جي بڪ جون ڪسرون ٻارن کي پادريشن ڪري ڪيجن، سڄو ڏينهن گڏهہ وانگر ڪم ڪجي ۽ مڙس جون ضرورتون پوريون ڪجن جيڪو پنهنجي عاليشان سرڪاري نوڪري واري بادشاهت ۾ شيل شڪارن ۾ ئي پورو هوندو هو. نوڪري تہ اسلام آباد ۾ بہ ڪئي هئائين پر اُتي ڪوئيتا جهڙيون عياشيون ڦبي نہ سگهيس، بدليءَ ڪانپوءِ تہ ڇڻ سندس وارا نياري ٿي پيا.

جڏهن تہ هوءَ سدائين ڪان ڏينهن ڳڻي ڳڻي هن جو انتظار ڪرڻ تي هريل هئي. ٻارڙا ساڻ هوندي بہ آڏين جو اڪيلي ڇت ۾ اڪيون ڪپايو رڳو پئي سوچيندي هئي، ان حالت ۾ جي ننڊ ڪٽي ويندي هئس تہ

ٻار ٻچي جي روئڻ تي وري جاڳي تي پئي... رات جو اداس سانت ۾ هيڪاندا خوف، خفا ۽ محروميون اچي ورائينديون هئس... هن جو چڻ هانءُ پيو ڦاٽندو... هنجون هاري هاري اڏمئي تي نيٺ پاڻ ئي پنهنجا ڳوڙها اگهي، دل ئي دل ۾ پاڻکي معصوميت مان چنبڙ ڪڍي ڏتاريندي،

”هون هون... چري نه تي مَنعم... حوصلو رک... تون جهوراڻن ۾ جهري روئيندينءَ ته پاڻکي ئي ڳاري مارينديںءَ... هتي ڪير وينو آ تنهنجو هڏڏوکي ۽ همدرد... توکي ٻارڙن لاءِ جيئڻو آهي... اُهي وڏا ٿي تنهنجا سڀ دک دور ڪندا. پر ڪڏهن؟... ڪڏهن...؟ ڪڏهن؟؟“

اندر مان ڪو جواب ملڻ کان اڳ ئي مٽل مرجهايل آرزوئن جا رنگ اڏاميل سپنا ڪيس ٽپڪي ٽپڪي سمهاري ڇڏيندا هئا...

روهه رليو سهرو روهت خان ته هونءَ به گهرو ماحول کان ٿهندي مهينن جا مهينا ٻنيءَ تي ڪولهياڻين ۽ ڀيلياڻين جي رنگين پڙن پويان ڀونئر جيان ڀنڀليو وتندو هو. موت ڪاڏل وهيءَ ۾ هوندي به هو اجان سُر ۾ هو. هن جو شمار اهڙن مردن مان هو جن جا ذهن هر وقت عورت ۽ سيڪس جي گِرد چيڪليون پائيندا رهندا آهن. اُهي به سندس ئي نينهن جا ڏينهن هئا جڏهن ويجهي شهر جي ڳتيل علائقي مان روڊ لگهي، ڪتن تي وينل عورتن جي ڪتڪ مان نوخيز سيلاتڻ حرمت جي چريو ڪندڙ ادائن تي موهجي سائس پرٽو ڪيو. پر جڏهن کان ان ملوڪزادي پنهنجي رات ڏينهن جي ڪروڏي سياءُ ۽ ’سس ديڳڙي جي ڪَس‘، واري لقب مان ڏاڏيءَ واري گيت اپ ۾ اچڻ لاءِ ڏائڻ وارو ڏيک ڏيڻ لڳي ته هو عاشق جيئڙو تهائين دهلجي ويو! ڏينهن پڄاڻان گهر ۾ لونهه مس پائيندو ته زال جي ڪاڪڙي جو ٺائوزن والٽ واري اسپيڪر جو پاور سدائين ڪليل ملندو هئس اهڙي حالت ۾ نه ڪندو هَم نه تَم سڌو وڃي دارُالسڪون يعني باٿ روم ۾ وهنجڻ جي بهاني ڪلاڪ ٻن تائين پناهه وٺندو... پر به ڪيستائين نيٺ به ڪيس ٻاهر اچڻو ٿي پيو. لاچاري وچان جهڙا تهڙا ڏينهن به ڪڪرن جي ماناري مثل گهر ۾ گذاري ڪتيءَ ڏي هڏي اُڇلڻ وانگر زال کي نوٽن جا ٿها ڀوت وارا هٽي وري ڀوئين ڀير ان جيئري جهنم مان فرار حاصل ڪندو. منعم ويچاريءَ تي

سمورا گهر ڀاتي ايڏو تہ حاوي ٿي ويا جو هن جي اڪيلي شخصيت هنن هٿان ڏينهون ڏينهن دٻجندي پئي وئي.

اڄ بہ چاچيس جون ڳالهيون ٻڌي هو جتي ويٺي هئي اُتي ئي ويٺي رهي..

”ائي سنڌن سڙي تون اڄان اتي ويٺي آهين،“ چاچيس ڪُٻي تي پاسراتي ڪنهندي چيو، ”ڪيتري دير کان مڙسهين آيو اٿئي اوڏانهن وڃ، وڃين ماني تڪيءَ جو پڇيس.“

هوءَ خيالن مان ڇرڪ غوطو کائي نڪتي ۽ تڪڙي تڪڙي ڪمري ڏي هلي وئي. مرڪ ڇپن تي سجائي اڄان سندس آڌر ڪرڻ تي هئي، جو هن تلخيءَ مان زباني، پادر هٽندي پڇيس،

”ڪٿي وڃي غرق ٿي هئينءَ يڪو؟“

”توهان ڪوئيتا مان ڪڏهن آيا؟“ هِن سندس سوال اڻ ٻڌو ڪندي پڇيو.

”منهنجي ڳالهہ جو جواب نہ ڏنئي، ڪٿي هئينءَ يڪو“ هُن بيڊ تي ليٽي ليٽي، تنگ تنگ تي چاڙهي آڪڙ مان پڇيو.

”چاچيءَ نہ ٻڌائي چا تہ رمل ڏي موڪليو هيائين.“

”رمل ڏي ڪنهن ڪم سان ئي موڪليو هوندئين ڪو لٽ ڪوڙي ويهي رهڻ لاءِ تہ نہ چيو هوندئين.“

”ٻن مهينن کان پوءِ گهر آيا آهيو... نہ خير نہ خبر، هرويرو جو جهيڙو ڪرڻو اٿو ڇا...“

”بڪ نہ ڪر تہ هٽئين نہ منهن وارو پادر، ڪيترا ڀيرا چيو اٿم تہ منهنجي سامهون گهٽي ڊيگهہ نہ ڪندي ڪر. وڃي ماني ڪٽي اچ....“

هوءَ سندس رويي تي ڪو اچرج ڪائڻ بنا ڪنهن روبوٽ جيان رڌڻي ڏي هلي وئي ۽ ترت ئي ٿراليءَ ۾ ٻوڙ ماني ڪٽي بيڊ اڳيان آڻي رکي.

هن ڦهريون گرانهن اڄان وات ۾ وڌو ئي مس جو چئن سالن جو پٽ بهاول، ڦقين وٽان رسا ڇنائي لاڏ مان ”بابا!“ ڪري اچي ڳڇيءَ ۾ لڙڪيس تہ نَون مهينن جي ڏيءَ صبا وري بامبڙا پائيندي اچي ٿرالي جي

هيٺين ٻُڙ ۾ ويٺي. عظيم جو مغز تہ اڳ ئي تپيل ويتر جو ٻوڙ مان ڀوتي ڪٽي ڇڪ هنيائين تہ اها بہ نہ پتجي سگهيس تہ ڇڙ مان سڄو پيالو ڪارپيٽ تي اُڇليندي ڪروڌ مان چيائين:

"ماڻهين جو مردار گوشت رڌو اٿئي ڇا جو ٻُريو ناهي!"

ڀيڻ جي گهران اچڻ ڪان پوءِ هوءَ لاڳيتو ويل جي منهن ۾ هئي، هن نئين سچئيشن ويتر هنجا اوسان خطا ڪيا. منهن تي جڻ هيڊ هارجي ويس. همت ڪري وراڻيائين:

"اڄ ماني چاچيءَ ناهي، مان تہ هئس ئي ڪونہ..."

اهو ٻڌي هن جي اُپيون ٽيل مُڇن ۾ باهہ اوڳاڇيندڙ تارن ۾ ندامت جي هلڪي ڏر آئي، لهجي جو واليوم ڪجهہ گهٽائيندي چيائين:

"هيڏن ڏينهن کان پوءِ گهر ۾ ٿو اچان تہ بہ گرانهن سولا نصيب نٿا ٿين، امان ويچاري بہ ڇا ڇا ڪري، ان جو بہ کهڙو ڏوهہ سڄو گهر تي سنڀالي، ڇوڪريون پڙهڻ ٻلي، توکي گهمڻ مان فرصت ملي تہ هٿ وندرائين! ڪڻ هتان پنهنجا پليٽ پار!" هن جهٽڪي سان ٻُٽ کي ٽيلهي پري ڪيو ۽ سليپر پائي ٻاهر نڪري ويو.

هوءَ اندر ئي اندر بي آواز سڏڪا پريندي ٿانوَ ميڙي، اسپنج سان ڪارپيٽ صاف ڪرڻ لڳي. اهو سڀ ٻارن لاءِ نئون ڪونہ هو، اهڙا ڪيئي منظر سندن ذهن تي چيچي پڪا ٿي چڪا هئا. هو پڻ ساڳي چتڪتائيءَ مان ڳالهائڻ جا عادي ٿيندا پئي ويا.

رات جي الائي ڪهڙي پهر هو شراب ۾ ٽب ٿي اچي منعم جي پر ۾ ليٽيو. سندس ٻاڪر جي ڇهاءُ ڪيس ننڊ مان جاڳايو تہ هن منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو.

"منهنجي پياري منعم، مون سان ناراض آهين؟"

هِن ڪو جواب نہ ڏنو، رڳو گرم گرم ڳوڙها عظيم جي هٿن تي ڪريا تہ هُن سندس سڀاجهڙو چهرو پنهنجي هٿن ۾ جهلي پاڻ ڏي ڪيو ۽ سندس پيشاني تي چمي ڏيئي، چمڪيلا نرم وار لسائيندي چيائين،

"منهنجي جان توکي خبر ناهي تہ تون مونکي ڪيتري پياري آهين.

توکي کھڙي خبر تہ ڪوئيٽا جي اُجاڙ پھاڙن ۾ رهي مون توکي ڪيڏو نہ ياد ڪيو هوندو... تون تہ پائيندي هوندينءَ توکان دور، رنگن روشنين جي دنيائن ۾ توکي وساريو خوش ٿيو وينو هوندس... ايئن ناهي جانم... ايئن ناهي..."

منعم چاتو ٿي تہ نشي ۾ ٻڌل انهن لڙکڙائيندڙ ٻولن جي صبح تائين ڪابہ اهميت نہ رهندي پوءِ بہ الائي ڇو ان وقتيءَ نقلي خوشي هن جي من ۾ انيڪ بھاريون ٻري ڇڏيون، تڏهن ئي هِن سندس ياڪر جي پناهن ۾ پاڻ پيھيندي چيو:

"توهانکي بہ تہ خبر ناهي مان توهانکي ڪيڏو پائيندي آهيان، هڪ هڪ ڏينھن ڳڻيندي گذرندو اٿم... پر اج تہ اچڻ شرط توهان حد ڪري ڇڏي. ڪجھہ تہ صبر ڪريو ها... وڙهڻ لاءِ تہ سڄو سارو ڏينهن پيو هو."

"پياري مَن... آءُ بہ ڇا ڪريان، گھر آيس تہ امان ٻري ويٺي هئي، تو لاءِ جيڪي سَت سُريون ٻڌايئين سي سڀ جو سڀ ڇڻ مون ۾ منتقل ٿينديون پئي ويون، اها باھہ ڪٿان نہ ڪٿان تہ نيٺ نڪرڻي هئي، بس تون ڇڏ هاڻ انهن ڳالهين کي منهنجون يا امان جون ڳالهيون دل ۾ نہ ڪندي ڪر."

"توهان بہ هرويرو ماءُ جي هٿن ۾ رموٽ نہ ٿي پوندا ڪريو، ماڻهوءَ کي ڪجھہ پنهنجي بہ مت هلائڻ گھرجي." هِن موقعي جو فائدو وٺندي رِهڙ ڏني. جڏهن تہ هو الائي ڪيئن اهو سور پچائي ويو، جنهن بعد ٻئي هڪ ٻئي جي وجودن ۾ جذب ٿيندا ويا.... گم ٿيندا ويا...

▲▲▲

”منعم، منهنجو وڳو جلدي استري ڪري وٺ تہ اڄ پنيءَ تان بابا وٽان بہ ملي اچان.“ بيڊ تي ويٺل عظيم ڪانئُس اخبار وٺندي چيو.

”اڃان ڪالهہ ئي تہ آيا آهيو، هڪدم ڇو ٿا وڃو، چاچو پاڻ اڄ سيان اچڻو آهي...“

”توکي جيئن چوان پيو تيئن ڪر مونکي وڏيڪ بحث پسند ناهي.“ هن لاتعلقيءَ جهڙي نظر مٿس اُڇلي، چانهن جو خالي ڪيل ڪوپ زور سان ساسر تي ستيو ۽ اخبار پنهنجي سامهون کولي ڇڏي.

منعم وارڊ روب مان ڪپڙا ٽي ڪڍيا تہ هن جواب طلبيءَ واري لهجي مان پڇيو:

”ڪالهہ ڪهڙا پوٽا پاري آئينءَ؟“

راتوڪي قربن ڪان پوءِ هڪدم ان رُکي ۽ سڙيل انداز تي حيران ٿيندي هوءَ سوچڻ لڳي تہ ڇڻ پن پن مڙسن سان منهن ڏيندي هجي، هڪڙو خونخوار بگهڙ تہ پيو نشي پڏل مني ماڪيءَ جهڙو! ”ڪهڙو مون لاءِ بهتر رهندو؟..... ڪهڙو مون لاءِ بهتر رهندو...؟“ جهڙا سوال گهنڊڙين جيان مغز ۾ گونجڻ لڳس، هن بنا ڪجھ پڇڻ جي هينگر مان مڙس لاءِ بوسڪيءَ جو وڳو ڪڍيو ۽ اڳٺ وجهڻ واري هئي جو هُن وري هڪل ڪيس،

”ڪهڙي شاٽ لڳئي...؟ توکان پڇيم نہ ڪهڙو پوٽو پاري آئين؟“ هُن سوال ورجايو.

”ڪجھہ نہ ٿيو.“ هِن ڪپڙا بيڊ تي رکندي وراڻيو. ”رمل گهر ۾ ڪونہ هئي....“

”پوءِ تون ڇا لاءِ اُتي يڪو وڃي وينينءَ؟“

”چاچيءَ چيو پل جيتري بہ دير ٿئي، اهو ڪم ڪري اچجانءِ، مون تي ڪلاڪ هن جو انتظار ڪيو پر خدا جو قسم تہ اِهي ٿي

ڪلاڪ مان ٿن ڏهين جيان گذاري آئي آهيان جو مونکي خبر هئي ته پويان ويل پريو پيو هوندو. اجان جي يڪو ويهي رمل جو انتظار ڪريان ها ته پوءِ شايد چاچي گهر ۾ به نه گهڙڻ ڏي ها."

" ڏاڍي زبان مِلي پئي اٿئي! مان پنهنجي ماءُ جي شان ۾ هڪ به گستاخ لفظ نٿو ٻڌي سگهان...."

"گستاخي!" هن حيرانيءَ بي يقيني مان چيو، "مون ڪهڙي گستاخي ڪئي؟"

"بڪ نه ڪر ته ڏيانءِ نه طلاق! پوءِ پاڻ به پيٽين وانگر ويهي ڪارو منهن ڪجانءِ... انهيءَ صحافڻ جا افعال به اسانکي سُجهن ٿا. سڄو ڏينهن چڙواڳ ٿيو فائيل ڪڇ ۾ ڪنيو. ڪلهي تي پرس لڙڪايو جتي ڪٿي نوس نوس ڪندي وتي. اسانکي ته پاڻ شابسون ڏي جو سندس ڪارا ڪرتوت چاٽندي به ڪيس عزت ڏيئي پنهنجو ٿا ڪرڻ گهرون.... نيٺ به سندس والي وارث آهيون. هوءَ اسانجو رت جگر آهي."

"چئو چا پيا! هن ڪهڙا ڪُڌا ڪم ڪيا آهن جو توهان هن جو ڍڪ ڍڪي ڪيس عزت جي آڇ ڏيندا. الله هن کي اسان کان وڌيڪ عزت ۽ سڃاڻ ڏني آهي. هن اسانجي عزت تي حرف آڻڻ وارو ڪو به قدم نه کنيو آهي."

"منهنجي سامهون پنهنجون وڪالتون نه هلائيندي ڪر"

"وڪالت چو ڪندس، حق جي ڳالهه ٿي ڪريان، هو شادي نٿي ڪرڻ چاهي يا پنهنجي طريقي سان جيئڻ ٿي چاهي ته هن جي مرضيءَ تي اسين زور هلائڻ وارا ڪير ٿيندا آهيون، آءٌ ته توهانجي هٿ وس آهيان، جيئن چئو تا تيئن ڪريان ٿي... توهان جي ئي خوشيءَ خاطر دين جهان ۾ اڪيلي پيڻ سان به ڪو واسطو ناهي رهيو. توهانجي ئي اجازت سان ڪڏهن ڪڏهن ملي ايندي آهيان، سو جيڪر ڏکي ٿي لڳيو ته ڪٿي نه ملندس. باقي مونکان اهو ڪونه پڇندو ته هر دفعي وڃي ڪيس نعيم سان شادي تي راضي ٿيڻ لاءِ منٿون ڪريان."

"ڪٿي چا به ٿي پئي، راضي ته ڪيس توکي ڪرڻوئي آهي. تون چا

ٿي سمجهين، اسان پنهنجي خانداني ملڪيت ڪنهن پنجابي، پناهگير يا ڌارئي کي ڦبڻ ڏيندا سين ڇا؟ چاچي راوت خان وارو بنگلو، زمينون ۽ بينڪ بيلنس توهان ٻنهي جو اڌو اڌ آهي ۽ جيما وارو حصو پڻ."

"سڀ ڪجهه هينئر به ته توهانجي ئي هٿ ۾ آهي رڳو بنگلي ۾ سر لڪائڻ لاءِ پڦي ۽ رمل رهيل آهن."

"باقي ڏهه هزار مسواڙ تي ڏنل اڌ پورشن جيڪو سنئون سڌو تنهنجو حصو آهي، وساري وينين؟"

"توهان به ته هن جي زمينن جا سنڀاليندڙ بڻجي سڀ ڪجهه پنهنجي قبضي ۾ رکيو ويٺا آهيو. هوءَ ڪهڙا ٿي حساب وٺي يا اعتراض ورائي؟ باقي ان جو حل توهين رڳو نعيم سان شادي ڪرائڻ ۾ ڇو ٿا سمجهو. هيڏي ساري زمين مان جيڪر ڪجهه هزار خيرات وانگر، ٻئي ٿي مهيني ڪٽي ٿا موڪليوس ته هن جي گهر گهاٽ ۽ ٻين ضرورتن جي پورائي ان مان ٿيندي هوندي ڇا؟ سٺي نوڪري اٿس، سٺو پگهار اٿس، تڏهن سان رهي پئي آهي توهان پاران ڏنل خيرات تي ڪونه پئي هلي. مان پنهنجي ڀيڻ کي سڃاڻان ٿي. زمينون ڪپنوَ ته رکي ڇڏيو هوءَ ڪو احتجاج نه ڪندي، باقي نعيم جهڙي رولاڪ ڇوڪري سان شادي ڪرائي ڇو ٿا منهنجي ڀيڻ جي زندگي داؤ تي لڳرايو."

"تڪي رن حرامزادي!" هن اُمالڪ پير مان سليپر لاهي ڏانهنس اُڇليندي نفرت ۽ حقارت مان چيو. "وڏي اڇي لٽي آهين زميندارڻ جو بخشش تي ڏين پنهنجي زمينن جي! اها زمين اسان جي ابن ڏاڏن جي آهي، ماڻهين ڀاڄوڪڙ ور ۾ وجهي ڪٽي ڪونه آئي هئي. پٺين ته شرابن ۽ رنن پويان پئجي ان جو نيلام ڪرائي ها، جس ڏي بابا سائين کي جنهن پنهنجي همت ۽ هوش سان ان کي وڏائي ويجهائي ۽ سنڀاليو آهي. اسانجون رت تي پيون آهيو، تنهنڪري نه ٿوڪاري تو سگهجي نه ئي ڳهي تو سگهجي."

منعم جا دبيل دبيل سڏڪا...

"پيٽين کو عرش مان ڪانهي آئي، ملڪيت ڦبائڻ جو ايڏو ئي لالچ هجيسون ها ته گهر مان به تڙي پيا سگهونس، قانون اسانجي مٺ ۾

آهي، توهان بي نڪيون جا چاٽو عزت مان!"

هوءَ ڪجهہ چئي ئي چئي جو ڪمري ۾ ننيڙيءَ جا رانيات پئجي ويا جيڪا راند ڪيو جهتڻ جي ڪوشش ۾ Cot مان چوٽيءَ پر وجي ڪري.

چاچيس سميت ست ئي سوئٽيون، جيڪي اڳ ئي ڪن ڏيو ڪمري ۾ هلندڙ ڪاروائي جو هڪ ٻئي جي ڪُڪين ۾ نونئون هٽي حض پئي ورتو سي بنا ڪنهن هبڪ جي، هڪ ٻئي ۾ وچڙبيون ٿاٻڙبيون اندر ڌوڪجي پيون. ناڪيلي وهندڙ ننيڙيءَ تي نگاهہ ويندي ئي حرمت ستر تي زوراٽو ڌڪ هٽي ڇاتي ڪٽيندي چيو:

"گهوڙٽ! يا حسين! مران!! معصومڙيءَ ڪي ماري ڇڏيئي...!" هن ننهن ڪي ڪرڙين اکين سان نهاريندي ننيڙي ڪانئس زوريءَ ڦري ڪٽي پنهنجي ڇاتي سان لاتي."

نينگري ماءُ ڏي وجڻ لاءِ تهائين ماندي ٿي رڙڻ لڳي.... ڪيس سامت ۾ آٽڻ لاءِ هرڪو هيلا هلائڻ ۾ لڳي ويو ڪنهن برف تي آندي، تہ ڪنهن ملم پٽي تي ڪئي. نند پيل اَبهم بہ گهوڙا گهوڙا تي جاڳي پيو، ان بہ وٺي هانءُ ڦاٽيون دانهون ڪيون! عظيم تہ ٻاهر هليو ويو، هيڏن سارن رڍن ٻگهڙن جي وچ ۾ هوءَ اڪيلي اُڏاري اُڏاري... هن جو وس نٿي هليو جو پنهنجي بي وسيءِ هيٺائپ تي هوند پٽين سان ٻاڪر پائي روئي ها... سڏڪا هن ۾ اُپرندا ۽ اندر ئي اندر هن ۾ ٽٽندا ۽ کيس توڙيندا رهيا. هوءَ مئل وڪن سان هڪ وار وري ڏيءَ کي هنج ۾ کڻڻ لاءِ اڳتي وڌي تہ چاچيءَ ٺيلهيندي چيس،

"پري ٿي، تون ڪر ويهي جهيڙا، ست پاڙن کي ٻڏائي ناموس ڪڍ... ڏائڻ صدقي ڪيئي! ٻچڙو گهر ۾ پير رکي مس ٿو تہ گهوپي ٻاريو ڏين پائئين تہ ٻارهو ئي ٽريو پيو هجي."

اهو ٻڌي هوءَ چڻ سڪتي ۾ اچي وئي. کيس لڳو تہ هو رڳو دنيا ۾ جسم ڪٽي پيدا ٿي هئي. هن جو روح نہ آسمان ۾ هو نہ زمين ۾...

پوءِ بہ همت ڪندي چيائين:

”چاچي بس هاڻ گهڻو ٿيو، تون ته مون سان ايئن ٿي هلين ڄڻ نه نوڪرياڻي هجانءِ، ٻار ته پيا ڏکيا آهن، ان لاءِ هروڀرو ڪٺي ايڏا مانداڻ مچايا اٿئي، منهنجي طبعيت ٺيڪ ڪونهي، موڪل ڏينم ته ٻه ٽي ڏينهن جيما وٽان رهي اچان....“ هن ڄڻ ڪانئس سرحد جي ٻئي پار وڃڻ جي ويزا گهري.

”ڀلي وڃي رهه! همشه لاءِ وڃي رهه... هتي وري ڪهڙو وينئي تون گهر هلائين... آءُ ئي ته سمورو گهر ٿي سنڀاليان نه ته تنهنجي آسري تي جي گهر هلي ها ته لوڪ ڏسي ها!“

هوءَ چپ ... ڪنهن سان وڙهي ها؟... قسمت سان يا انهن پنهنجن سان، جن لاءِ سڀ ڪجهه تياڳڻ ڪانپوءِ ٻه پنهنجائپ ڪيس ڪنهن سپني جيان ٿي لڳي....

▲▲▲

آفيس ۾ گهڙڻ شرط اسد کي نچن جي ڇتي دوري اچي ورايو. اهو لقاءُ ڏسي سڀ ڏانهس متوجهه ٿيا
”وري ايلرجي حملو ڪيئي ڇا؟“ عادت موجب عادل طنز ڀريو گمان ڏيکاريو.
”ها يار اڄ وري پنکين کي صفائيءَ جي نياڳ ڪنيو جو صبح سان سنڌرا ٻڌي ڊگها ڀهارا ڪٽي گند سان جنگ جوٽڻ نڪتا آهن.... آڇون...! شايد وري ڪو نياڳو وزير ان روڊ تان لنگهڻو آهي.... آ.... آڇون“
”تنهنجي لاءِ بهتر آهي ته ماسڪ چاڙهي هلندو ڪر“ عادل ڪلندي چيو.
”يا سياڻي ڪان اسان ٿي ماسڪ چاڙهي ايندا سين!“ وحيد به ڇتر ڪان نه مڙيو.
”ڇا مطلب؟“ اسد نڇ ڳيهندي حيرانيءَ مان پڇيو.
”مطلب اهو ته ڪٿي اسين غريب نه ونجي ويجون“ وحيد وضاحت ڪئي.
”بيغيرتو شرم ڪريو آ آ ڇون... توهان ته ايئن اچي سگهن تي ڪنيو اٿم جو ڇڻڪ عام رواجي ايلرجي جو ماريل نه پر ڪنهن نهايت ئي وچڙندڙ بيماريءَ جو مريض هجان آڇون!.... ڇين!!“ هن جي نڇ جڻ ٽريڪ تبديل ڪندي ايمرجينسي بريڪ هنيو. پنهنجي حالت تي سڀني کي مرڪندو ڏسي ڪيس جڪ تي آيا. اها ڪسر وري واڪو ڪري هن A.c مان ڪڍي:
”ان نياڳي جا ڪنب ته مونکان پري ڪريو، يڪي سڌي ءِ ٿڌي هوا مغز ئي جمائي ڇڏيو اٿم.“ ايئن چئي هو سامهون رکيل فائيل ۾ گم ٿي ويو، بس رکي رکي رومال سان ٽماٽي جهڙو نڪ ٽي اگهيائين.

”يار شازم، تون ئي ويچاري کي ايلرجي سينٽر وٺي وڃ، تنهنجو جرمني رڻن ڏاڪٽر دوست آخر ڪڏهن ڪم ايندو؟ هي مرچوٽ ته ٽيسٽن ۽ خرچن سوران ڪنهن ڏاڪٽر ڏي ويندو ئي ڪونه.“ اصغر به همدرديءَ ڏيکاري.

”Oh yes! چڱو ٽيو يار تو ياد ڏياريو. اڄ مان ضرور ڪيس ايلرجي سينٽر وٺي ويندس. جڏهن ايلرجي جا علاج موجود آهن ته پوءِ ڇو ويهي آچون آڇون ڪجي“

”ها واقعي، شازم صحيح ٿو چئي،“ اقصيٰ ڪرسي ريڙهي خاني مان ٻنا ڪڍندي چيو. ”ان ايلرجي جو ترت ئي ڪو تدارڪ ٿيڻ گهرجي، صحت آهي ته سڀ ڪجهه آهي. جيءَ خوش ته جهان خوش، تن درست ته من درست، صحت کان غافل رهڻ چڱي ڳالهه ناهي. صحت وئي ته ڪو لفٽ ئي نه ڪرائيندءِ.“

”تو لفٽ ڪرائي ڇيهه ڪئي جو هاڻ اڃي مون سان همدرديون ٿيون اٿئي جو ويني ٿي يڪا ليڪچر ڏين“ اسد شوخي مان وراڻيو.

”You Racle, I'll Kill You!“ اقصيٰ پنهنجي سنهڙي سيپڪڙي ٻانهن سان ٺونشو الاريندي چيس. ان ايڪشن تي اسد سميت سڀئي مشڪڻ لڳا.

”پر يار اسد هڪ پرابلم آهي اڄ گاڏي ڪونهي، بائيڪ مستري کي ڏيئي آيو آهيان،“ وري ڪجهه سوچيندي چيائين. ”ايلرجي سنٽر رمل واري رستي تي آهي، اڄ ان کان ئي ڪٽي لفٽ وٺبي.“

”ها Sure, why not“ پريان ويٺل رمل مرڪندي چيو. ”پر هڪ شرط تي ته گاڏي ۾ ويهي خوفناڪ نچن سان مون کي چرڪائي نه ڇڏجو متان ڪو حادثو نه ڪري وجهان!“ ڪيس به اسد کي ڇيڙڻ جو وجهه مليو. ته هن به نهه پهه شوخ گفتو ڏانهنس اڇليو:

”تو جهڙي محتياط حسينا جيڪا هزار ڪوشش جي باوجود دل جو ئي ايڪسيڊنٽ ڪنهن سان نٿي ٿيڻ ڏي سا وري ان صابڻ داٽي جهڙي ڪار جو ڪٿان ايڪسيڊنٽ ٿيڻ ڏيندي.“

اهو ٻڌي هوءَ مصري جهڙي مرڪ مرڪڻ لڳي.

شام جو آفيس مان ڊاڪٽر ڏي وڃڻ لاءِ رمل اسد ۽ شازم ٽيئي گڏ نڪتا. رمل شهر جي مشهور ايلرجي سينٽر جي جديد عمارت آڏو پنهنجي FX آڻي پارڪ ڪئي.

" So nice of you رمل، تون هاڻي ڀلي وڃ" شازم، اسد سميت ڪار مان ٻاهر ايندي چيو.

"نه نه، هاڻ آيا آهيون ته گڏجي هلنداسين. مونکي ڪا اهڙي تڪڙ ناهي. ڀلي ته سٺي طرح Dygnos ڪن. مان به ٿي هلي ڏسان ته اهي تجربا ڪيئن ٿا ٿين."

اڳوات ورتل ٽائيم موجب ڪائونٽر تي ويٺل رسيپشنسٽ، ڊاڪٽر عرفات کي انٽر ڪام تي سندن اچڻ جو اطلاع ڏنو ته هن ترت ئي کين اندر سڏرائي ورتو ۽ نهايت گرمجوشي سان ملندي شازم کي چيائين،

"مس وڃي ڪو تنهنجي دوست جي بهاني تنهنجا ديدار ٿيا آهن. آءُ ته نياپا ڪرائي ٿڪو هئس."

"ويچاري ڊاڪٽرن جي قسمت ۾ اهڙيون ئي دوستاڻيون ۽ مفت خوري جي علاجن واريون ملاقاتون لکيل هونديون آهن." شازم مرڪندي وراڻيو ۽ ڪرسيءَ تي ويهندي رمل جو تعارف ڪرائيندي چيائين:

"هي اسانجي فيچر ايڊيٽر آهي مس رمل!"

"اوهو! مس رمل راوت، جنهن جا خطرناڪ آرٽيڪل پڙهندڙن جا سيسرات ڪڍايو ڇڏين" ڊاڪٽر عرفات نهايت اُتساهه مان ڏانهنس نهاريندي چيو ته هوءَ انڪساريءَ مان مرڪڻ لڳي.

"واقعي! ان ڳالهه کي توهان رسمي نه سمجهجو. منهنجا سمورا گهر ڀاتي اوهانجي لکڻين جا مداح آهن."

"مهرباني، تمام گهڻي مهرباني" رمل سان ان مختصر گفتگو بعد ڊاڪٽر عرفات، اسد جو مسئلو ٻڌي، پني تي اجان ڪجهه لکيو ئي پئي جو شازم سنجيدگيءَ مان چيس:

"يار ڊاڪٽر، اسانجي هِن پياري ۽ هر دلعزيز ڪُليگ رمل کي ٻڻ

خطرناڪ قسم جي الرجي آهي."

ڊاڪٽر چرڪي رمل ڏي نهاريو. ڪاغذ تي هلندڙ هُنجي قلم کي جڻ بريڪ لڳي وئي. هوءَ خود به پنهنجي باري ۾ ان انڪشاف تي حيرانيءَ مان شازم ڏي نهارڻ لڳي.

"ڪهڙي قسم جي الرجي آهي توهانکي... منهنجو مطلب آهي ڇا محسوس ٿيندو آهي توهانکي؟"

هوءَ ڪجهه چئي ئي چئي تنهن کان اڳ شازم چيمپينزي جيان ڏند ڪڍندي چيو.

"شادي!"

"ڇا مطلب ؟" عرفات ڪجهه نه سمجهندي چيو.

"مطلب ته اهو مبارڪ لفظ ٻڌڻ سان محترما جي حالت خونخوار ٿي ويندي آهي. اکين ۾ رت لهي ايندو اٿس. ڏند ڪرٽڻ سان گڏ ڪنن مان رنگ به رنگي دوهان نڪرندا اٿس. ان مهل جيڪو به سندس سامهون ايندو، ان جي سر جي گيرنٽي ڪير به نه ڏيئي سگهندو آهي."

"My God! ان کي تون الرجي ٿو چئين؟ اهو ته هسٽيريا جو خطرناڪ قسم آهي...!" ڊاڪٽر ڏک ۽ همدردي وارن تاثراتن جو تڏو منهن تي وڇائيندي چيو.

"نانسينس! حد ٿيندي آهي مذاق جي به..." رمل توري ناراضگيءَ مان شازم کي چنبڙ ڪڍي، پر تڏهن به هو نئر جو نئر رهيو ۽ تهائين وضاحت مان ڊاڪٽر کي چوڻ لڳو.

"يار آءٌ شايد اجان چڱي طرح سان سمجهائي نه سگهيو آهيان. ڪيس هسٽريا ته نٿي چئي سگهجي پر اِن جي برعڪس الائي ڇو ۽ هرويرو به هي قاتل حسينا شادي جي نالي کان ئي سخت بيزار آهي."

تڏهن عرفات سندس بچاءُ ۾ مرڪندي چيو:

"اها ته بنهه ذاتي نوعيت جي ايلرجي آهي جنهن جا سبب ته مس رمل کي پاڻ ئي ڳولهڻا پوندا" ايئن چوندي، هڪ وار وري هن پيڊ تي اسد جي مختلف ٽيسٽن بابت ڪجهه لکي. ڪيس ليب ڏي موڪليو ته گڏ شازم ۽ رمل به اٿي کڙا ٿيا.

”توهان ڪيڏانهن؟ ويهو... چانهه پاڻي تہ پيئو.“

”نہ يار اها چتي وري ٻئي پيري گهر اچي وجهبي، حالي تہ ان نچر جي نچن جو ڪو ٻلو ڪر، اسان سڀ ان ڊيلي ٽارچر ۾ چريا ٿي پيا آهيون.“

”سڀ ٺيڪ ٿي ويندو فڪر جي ڪا ڳالهہ ناهي،“ هن شازم کي دلداري ڏيئي رمل ڏي متاثر نظرن سان ڏسندي چيو. ”توهان سيريس اشوز تي ڏاڍو بولڊلي لکيو آهي، توهانجي همت کي داد نہ ڏيڻ ڪنجوسائي ٿيندي.“

”ڇا واقعي مان ايڏو چڱو ٿي لکان؟“ هن معصوميت ڀريل حيرانيءَ مان پڇيو.

”ان ۾ ڪو شڪ ناهي.“ عرفات اعتماد مان وراڻيو.

”يار عرفات تون ڇو نٿو لکين اسان جي مئگزن لاءِ؟“ شازم جي ان سوال تي هُن ڪلندي وراڻيو.

”مونکي تہ مريض تپاسڻ مان ئي واند ڪائي نٿي ملي، لکڻ وري ڪٿان ٿيندو.“

”لکڻ ڪا ايڏي مشڪل ڳالهہ تہ ناهي،“ رمل چيو. ”اوهان پنهنجي ان مقدس پيشي جي حوالي سان بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ لِکي سگهو ٿا، اڄڪلهہ هوندءِ بہ ماحولياتي آلودگين سببان ڪيترن ئي قسمن جون ايلرجيز ٿي پيون آهن، توهان انهن جي مختلف ڪارڻن تي ئي ڪٿي ڪا روشني وجهو.“

”ونڊر فل آئيڊيا! آئي ريئلي اِپريشيئيٽ اِٽ مس رمل، جيئن ئي واند ڪائي ملي تہ ان ڏس ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ جي ضرور ڪوشش ڪندس.“

سندن وڃڻ بعد، سرخ و سفيد رنگت وارو خوبرو ۽ قدآور نوجوان ڊاڪٽر عرفات، رمل جي سحر ۾ گم ٿي ڪا دير پنڊ پهڻ بڻجي ويو، هوش تڏهن آيس جڏهن بہ ٻيا مريض الائي ڪهڙا سور سانديي اچي سامهون ويٺس.

▲▲▲

هزار والن جي ايراضيءَ تي پکڙيل شاندار بنگلي جو قلعي نما گيٽ کولي، چوڪيدار جاڳڻ خان پاسيرو ٿي بيٺو. شيري پنهنجا سن گلاس پائيندي، گاڏي مس رِورس ڪئي جو گيٽ آڏو رفيع جي ڪار اچي بيٺي ڪيس ڏسي هو يڪدم بريڪ هٽي هيٺ لٿي، تيسين هوءَ بہ وڏي ڪڙي واري سينڊل سان ٺپ ٺپ ڪندي اندر ڏوڪي پئي. ڳل سان ڳل ملائي هوائي ڪِس ڪندي چيائينس:

”پانيان ٿي غلط وقت تي اچي ويس.“

”اڙي نہ يار چڱو ٿيو جو تون اچي وئينءَ. اڪيلي بور پئي ٿيس، سوچيم تہ چو نہ ڪمپيوٽر جي CPU جو فالٽ نيڪ ڪرائي اچان، Outing ۾ وندرجي بہ پوندس، جي موڊ هجئي تہ گڏجي هلون، نہ تہ گهر ۾ ئي ٿا ويهي ڪچهري ڪيون، تون تہ آهين بہ ڳالهين جي ڳڪَ...“

”تہ پوءِ هل تہ ڪچهري ڪيون، اج پاپي وارن سان هونءَ بہ شاپنگ سينٽرن جا گهٽئي ڏڪا کاڌا اٿم.“

شيري چوڪيدار کي گيٽ بند ڪرڻ جو چئي رفيع سميت گهر جي ڪشادي لائونج مان ٿيندي، پنهنجي بيڊ روم ۾ داخل ٿي.

”ساڪ نٿي ڏسجي؟“ رفيع بيڊ تي ويهي سينڊل مان پير آجا ڪندي پڇيو، تہ شيري سي ڊي پليئر تي هلڪي سرن ۾ رکي مارٽن هلائي، ڪليل وارن کي ڪلپ ڪندي وراڻيو.

”اها تہ ڇهين ڪان اٺين تائين ٽيوشن جي بِلي هوندي آهي، اج تہ ٽيوٽر پاڻ پنجين بجي گهرايس جو ڪيس ڪيڏانهن وڃڻو هو.“

”آئي هيڏا سارا خرچ ڪري شهر جي اعليٰ اسڪول ۾ پڙهائين پئي تڏهن بہ ٽيوشن جي محتاجي نٿي ڇڏين. ڪهڙو پئي ميٽرڪ يا ڪاليج پڙهي جو ويچاري پارڙيءَ تي ايڏا ڪٽي پڙهائي جا بوجها وڌا اٿئي.“

”تنهجي ڇا مرضي آهي تہ اسڪول مان اچي تہ آءٌ هن لاءِ پنهنجون مشغوليون ڇڏي ڏيان؟ گهر ۾ اسڪول کولي ويهان يا پاڻ وڃي تہ ڪلاس ۾ داخلا وٺان...! پئسو ڏنو ٻرو چنو، وڃي هٽي مٿو ماستريائي، آءٌ ڇا لاءِ ٽيمپر لوز ڪيان، هوندءَ بہ آڪسفورڊ جا ڪورس مائٽن جو مغز ئي ڏوٽيو ڇڏين...“ شيري ڪي سهمت نہ ٿيندو ڏسي هن گفتگو جو رخ مٽائيندي چيو:

”ادو اختر ڪيئن زور لڳو پيو آهي؟“

”بس الله جو شڪر آهي! اڄ ڪنهن دوست جي شادي اٿن، ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ صبح سان سيف الله سوڏو خيرپور اُسهيا آهن.“

”اِهو سيف چڱي لٺ ملي پيو اٿس جو جيڏانهن تيڏانهن ڪنڀيو ڪٽيس، لڳي ٿو ڄڻ ادي اختر جي هن ڪانسواءِ سري ئي ڪانہ ٿي.“

”سرندي بہ ڪيئن، ڪيتري وقت کان ساڳي فرم ۾ گڏجي ڪم ڪيو اٿن، هاڻ تہ هن سان فيملي ٽرمز بہ ٿي ويا آهن. اتي بنگلو بہ پيو جوڙائي.“

”اڇا! پر بنگلو جوڙائڻ جي ڪهڙي ضرورت اٿس، توهان پاڻ وٽ ئي ڇو نٿا رهائي ڇڏيوس، مان تہ جڏهن بہ تو وٽ ايندي آهيان، ڪيس اتي ئي ڏٺو اٿم.“

”ڇري ڪو ڇڙو چانڊ تہ ناهي، بنگلو تيار ٿيندس تہ نيٺ بہ فيمليءَ کي روهڙيءَ مان گهرائي اِتي آڻي رهائيندو، حالي ڪيس پنهنجو سرڪاري گهر مليل آهي، نوڪر چاڪر اٿس، ڪنهن شئي جي ڪمي ڪونهيس پر اختر سان سڪ قرب جي ناتي اسان وٽ ٻہ پيو ايندو ويندو آهي.“

”هڪ ڳالهہ چوان؟ چڙين مٿان....“

”چئہ چئہ يار چڙندس وري ڇو.“

”پر مونکي تہ لڳي ٿو هن جي دل توسان آهي! تنهن ڏينهن لنچ تي ڪيڏو نہ حجائتو پئي ٿيو، تنهنجي هٿن جي پڪل ماني کي ڪيڏي نہ شوق مان کائيندي، هر هر پئي ساراهيائين. تون تہ رڌڻي کان وئون ويندي آهين. سڄو جهنجٽ سدائين بورچي تي هوندو آهي، پلا ڪو

چڪر.تہ ڪونهي؟"

"چري!" هن ڪنهن اوباش مرد جيان بي باڪ ٺهڪ ڏيندي چيو.
"بي شرم تو ڏنو ڪونہ تہ اسان هڪ ٻئي کي اديءَ ادا ڪري ٻئي ڪوٺيو."

"اهڙي ڪَهي چنل آءُ بہ ناهيان جو ايترو بہ نہ سمجهان.... "اِهي اکر ويچارڙا تہ واسطي ۾ اچڻ لاءِ رڳو لائيسن طور استعمال ٿيندا آهن. ياد اٿئي تو ياڻ ٻڌايو تہ ڪاليج جي ٻاهران بينل هيڏا سارا 'ڀائو' ڀينرن کي تاڪڻ لاءِ ٻين تي ٻيهي، گيٽ تان منديون ڪڍي اکيونِ ڀيا ڀچيندا هئا. سو جاني سچي ڪر، مونکي تہ Some thing Black in curry پيو نظر اچي."

"توکي تہ هونءَ بہ بليڪ ئي نظر اچڻ گهرجي مائينس سڪس! لينس پائي دنيا کي تون ڀل انڌو سمجهہ پر، فيڪٽ اِز فيڪٽ." شيري چيڙڻ واري نوع ۾ ٽهڪن جي جلترنگ سان ماحول مهڪايو. رفيعہ ان لفظي حملي لاءِ بنهہ تيار نہ هئي، جيتر ڪا جوابي ڪارروائي ڪري ئي ڪري تہ شيري چيس،

"هروڀرو اچي چتي ٿي آهين، ويچارو ٻارن ٻچن ڪان پري اڪيلو اَڪ ٿيو پيو آهي، هتي اسان ڪانسواءِ ٻيو ڪٿي ڪا دوستي ياري بہ ڪانهنيس.... مون کي چوندو آهي، 'ادي مون سان فون تي ڳالهائيندي ڪر روح وندرجي ويندم' اختر جو تہ جگري يار آهي پر منهنجو تہ جڻ ديوانو آهي. هونءَ بہ ڪير هوندو ڀلا جو منهنجو ديوانو نہ هجي، مان آهيان ئي اهڙي." هن پنهنجي مستاني ادا مان رفيعہ کي چيو. "ڀلا سچي ٻڌاءِ لڳان ٿي ڪا ميرڊ وومين؟ ڀائي اسان تہ اهڙي جا ئي اهڙا اسٽائيلش آهيون! ڪيئن؟ ڪيسا؟ هي ڪہ نهين؟" هن لچائي مان ڀڇيو تہ هوءَ ٽرڙي ڪڪڙ جيان ٺهہ ٺهہ ڪري کلڻ لڳي.

ڪي پل خاموشي رهي شيري ٿڌو ساهہ ڀري چيو:

"بس يار اهائي تہ لائيف آهي، جيترو ٿي سگهي enjoy ڪرڻ گهرجي، نہ تہ اها بہ ڪا زندگي چئبي جو شادي ڪانپوءِ رڳو ڀاٽڪي روٽين لائيف لاءِ وقف ڪري ڇڏجي...."

”ها چو نہ، پيو پاڻ ڪريون ﭘہ چا ٿا. نہ تہ ڪرڻ وارا تہ الائي چا چا ڪيو وجهن.“

هو ٻئي چٽيون ٿورو ٿور ڪُلڻ ۽ اُڪلڻ جي باوجود بہ اجان پاڻ ڪي ’انجائيمينٽ‘ جي آڏ ۾ ستيون جتيون ظاهر ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳيون.

”ڏس نہ،“ رفيعہ سنجيده بڻجندي چيو. ”مڙسن جي زالن مان دل پرجيو وڃي تہ الائي ڪٿي ڪٿي ڪارو منهن ڪري وري اچي گهر پوندا، اسين زالون ويچاريون هُش ۾ خوش جيان ٿوڪ ٽڙي ڪرڻ وارن ڪي اهو ئي چونديون سين تہ ’سچو ڏينهن رُلي پني ڏوڙ پائي ٿو تہ چا ٿيو، وري بہ گهر ۾ ئي تہ اچي ٿو نہ...‘ سو جي اسان بہ بيزاري بوريت کان بچڻ لاءِ ڪنهن سان بہ چار ٻول ڳالهائي دل ٿا وندرايون تہ ڪهڙي قيامت ٿي پئي.“

”اچا! تہ تو بہ پرَ ڪديا آهن، مونکي تہ ٻڌاءِ ڪهڙا گُلَ ڪلائيندي وتين، وڏي ڪا چُپي رستم آهين.“

شيري جي ان ڳالهہ تي هڪ وار وري هوءَ ڪُڙ ڪُڙ ڪري کلي. دراصل سيف جو سڳ سوڌو مَنجهہ لهڻ کان پوءِ هن ۾ ايڏي تہ خود اعتمادي اچي وئي جو پنهنجا سمورا فلرٽ شيري سان شيئر ڪرڻ لاءِ سندس آڌو ڪڍي ڪري ترڪيءَ تي رکيا. هن کي بہ تهائين پرجهلو سات ملي پيو، جو ڪنهن مشاق فلرٽ جيان ڪيس سمجهاڻيون ڏيڻ لڳي.

”چري! ان خالد سان دوستي نہ وڌائجان سيد اٿئي! ماڳهين ڳچيءَ ۾ پئجي ويندءِ، ايئن نہ ٿئي جو سپاٽي چوبئي طلاق وني شادي ڪر. ان کان اڳ ئي چئجانس تہ مڙس کي پائيندي آهيان. ڪابہ اُميد اصل نہ ڏيکارجانس بس Just enjoy...“

”چري پاڻ کي پرٽيل ظاهر ڪري ويليو ڊائون ڪرائيندس چا... هو تہ مونکي ڪنواري ڪنيا ٿو سمجهي“

”۽ اهو مردار جنهنکي تُن ڏينهن ۾ ديوانو بنايو اٿئي سو آهي ڪهڙي باغ جو ليسوڙو؟“

”ان کي گهٽ نہ سمجهہ جيڪب آباد جو سردار اٿئي!“ رفيعہ

ڦونڊجندي ڇيو.

”بيوقوف ان پاسي وارن جا مغز هونءَ بہ ڦريل هوندا اٿئي، پڇي پري ٿي نہ تہ سياڻي جي مڙسهين سان ڳڌ ڏسي ورتائين تہ ڪارو ڪاري ڪري ماڳهين نہ ڳاڙهو ڪري وجهيو!“

”ڪاري ڳاڙهي ڪري وجي پڙوو پنهنجي ماءُ پيٽن ڪي، مون ڏي آڱر ڪٽي بہ تہ ڏيکاري!“ هن دهشت مان تارا ڦاڙي ٻاهريون ٻنو رکندي چيو.

”پر الا تون ڏسڻ ۾ تہ اهڙي هوشيار ناهين، ٻڌاءِ تہ ڪيئن هٿ ڪيئي انهن سردارن ۽ سيدن ڪي!“ شيري پنهنجي اکين ۾ چمڪ آڻيندي چيو.

”ٽيليفون، موبائيل ۽ نيٽ چيٽ زنده باد! ان ڪان علاوه آئي ڏينهن جي شادين وليمن جي ڪاڄن توڙي پارڪن ۾ اڳوات ٺئي طئہ ٿيل ملاقاتون تہ اڄ فلاڻي ڪاڄ ۾ فلاڻن ڪپڙن ۾ هوندس. فلاڻي ڪار ۾ ايندس، پوءِ ڪار جي شيشي مان اورتي پرتي جانچي جونچي ڄاڻايل پار پٽن تي پورو لهي، ڪاڄن جي پيهہ مان گوهي گٽ هٽي وجي دلدار جا ديدار ڪبا آهن... ڪڏهن پارڪ جي تنها گوشي ۾ تہ ڪڏهن ڊم لائيٽ واري ريسٽورينٽ ۾....“

”هائي! شال منهنجا بہ اهڙا ڀاڳ ٿين!“ شيري آواز ۾ اهڙي ادا ۽ نخرو پيدا ڪيو ڄڻ مذاق ۾ ڳالهہ ڪندي هجي.

هوءَ عورت سان ڳالهائيندي هجي چاهي مرد سان يا ڪنهن دل گهري دوست سان، هن جي ڳالهائڻ ۽ لهجي جو انداز ئي اور هو، جن ۾ ڄڻ وڏيون رمزون ۽ معنائون لڪل هجن... ڳالهہ ڳالهہ ۾ بي فڪري وارا بي باڪ ٽهڪ.... پر انداز نهايت ئي چالاڪ، حرفتائو ۽ اتڪلي.... هن جي شديد خواهش آزادي سان فلرٽ ڪرڻ... احساساتي، جذباتي ۽ سيڪس جي رنگ ۾ رتل گفتگو! هو پنهنجي ان انداز کي شدت سان محسوس ڪندي وري پاڻ ئي پردا وجهڻ جي ڪوشش ڪندي چوڻ لڳي:

”يار پوڙها ٿينداسين تہ اهي ڳالهيون ياد ڪري ڪيڏو نہ

ڪلنداسين، حال تہ زندگيءَ جو مزو ماڻيون.“

”الا هينئر سان ئي ان منحوس ٻڍاپي جون ڳالهيون ٻڌاءِ ڊپريس تہ نہ ڪر... اڃان تہ اهڙي ڪُمهلي خزان اچڻ ۾ گهڻو وقت پيو آهي.“

”ها تون تہ ڊائپر چاڙهيو آگونو ويٺي چوسين نہ؟“

”لخ اٿئي ديسان!“ رفيع پوندو گهروڙيندي چيس. ”هاڻ هرويرو ايڏي ڪڪڙي بہ ڪانہ آهيان... اُتِ پلا ڪجهہ ڪارائي پيٽ ۾ ڪوئا پيا ڊوڙن.“

”بہ گهنٽيون ٿڏي تہ گهر هيئي، آنڊو سنئون ڪري پوءِ اچي ڪڙڪين هان نہ...“ هُن چڻ ڪيس ڇڙيو.

”سوچيم تہ هيڏا سارا داڀلا پرجو سيف ڏي پيا وڃن مون بہ جي ٻہ چار ڪباب ڪائي ڇڏيا تہ ڪهڙو ڏڪار ٻئجي ويندو.“

”ڇا مطلب، اها خبر توکي ڪٿان پئي؟“ شيري اچرج مان اکيون ڦاڙي ڪيس گهوريو.

”بابا مون کي گهٽ نہ سمجهہ C.I.A وارن سان تعلقات اٿم!“

”سچي ٻڌائي... ڪيئن خبر پيئي؟“

ڪا دير شيريءَ جي بيتابيءَ مان لطف اندوز ٿيندي نيٺ ٻڌايائينس:

”تنهن رات مان ۽ فريد پارڪ ڏي پئي وياسين تہ تو وارو اهو بورچي چورو ٽفن هٿ ۾ ڪنيو چڻ اڏامندو پئي ويو. پانيم تہ اها مهرباني مونڏانهن ٿي آهي سو هاسڪار پڇيومانس، ”چورا ڪيڏانهن پجندو وڃين،‘ تہ چيائين ادي شيريءَ، سيف صاحب ڏي ڪباب ٺاهي موڪليا آهن تہ ڦتا ڦٽ اڏامندو ڏيئي اچيس.“

”مردار ڪٿي جو! چئبو تہ اعلان ڪندو وتي...“

”شڪر ڪر جو مون پڇيومانس، تنهنجي مائٽن مان ڪير پڇي ها تہ کهاٽيون ٿي پون ها.“

”کهاٽيون وري ڇاجون، سڀني کي خبر آهي تہ هو اسانجو دوست آهي. اُهي سڀ تو وانگر سجاٽينس، ملي بہ چڪا آهن. ڪو لڪائي ٿورئي پئي اماٽيم.“

”ان کي چوندا آهن هڪڙي چوري ٻي سينا زوري“ رفيع معنيٰ خيز

انداز مان اکيون چنيڪائي مرڪڻ لڳي.

”ھل ڙي ھَل، وڏي آئي آھي چوريون جھلڻ“ ايئن چوندي شيري انٽرڪام تي بيل وڄائي سبزل کي ڪافي وغيره ڪٺي اچڻ لاءِ چيو، تنھن بعد پنھي ڄڻين ڪُشن ۾ ويھاٺا پاڻ ڏي سوري پلنگ تي ڏاڍي بي تڪلفي مان آمھون سامھون ليٽي ڳالھين جون ڳوٿريون کولي ڇڏيون.

پيڙھين کان ھڪ ئي پاڙي ۾ ڳوٺ جون ھئڻ سبب سندن گھراڻن جي پاڻ ۾ ڪافي ويجھڙائي ھئي ھاڻ تہ سندن خاندان شھرن ۾ اچي آباد ٿيا ھئا، ان پراڻي واسطي جي آڌار تي ھو پاڻ ۾ حجائيتيون ضرور ھيون پر اڄ اوچتو ئي اوچتو پنھنجا سمورا زِرَ ظاھر ڪري ھڪ ٻئي جون رازدان بہ ٿڃي پيون.

”رفيعہ... اختر جو مون تي وڏو اعتبار آھي، مان جي ڪنھن ٻئي مرد سان ڳالھايان ٿي.... ملان ٿي يا عشق ڪريان ٿي تہ ان ۾ منھنجو ضمير مطمئن آھي. مون ڪو غلط ڪم ناھي ڪيو، ان ڪري ئي مان بلڪل بي خوف آھيان تون بہ پنھنجي مڙس مان مطمئن آھين... آھين نہ؟ مان بہ مطمئن آھيان. جنھن کي گناھہ چيو ٿو وڃي اُھو ڪرڻ سان دل تي بار ٿيندو آھي، مونکي ڪو بار ڪونھي... اجان تہ اھڙي ڪجھہ ڳالھہ ناھي پر جي ٿي تہ پوءِ ڏٺو ويندو... ھونءَ بہ اِھو ڪجھہ نيچرل آھي.... پلا ڇا ڪيون ماحول جو اھڙو ٿي پيو آھي... جڏھن اسان ٻين کي ايئن ڪندي ڏسون ٿا... پڌون ٿا تہ پوءِ لازمي اثر ٿئي ٿو... ھونءَ بہ ڪي شيون شاديءَ جي ذريعي حاصل نٿيون ٿي سگھين. اھي ٻاھران ئي ملنديون آھن...“

”مثال طور؟“ رفيعہ لڄائيءَ مان پڇيو.

”مثال کھڙا ڏيانءِ تون پاڻ سمجھو آھين،“ ھن لوائيندي چيو. ڇگُو ھاڻ رازدان ٻئين آھين تہ پنھنجي اِن سيد سڳوري جو آواز تہ ٻڌائي. گھٽ ۾ گھٽ اندازو ئي لڳايان تہ کھڙو ڪبوتر ڦاسايو اٿئي.“

”ھن مھل تہ اھو رولاڪ گھر ۾ ھوندو ئي ناھي پر ڏسان ٿي من تنھنجي ڀاڳين ملي پئي.“

”ھُون! ڀاڳ وري ڇا جا. نياڳي جو آواز ئي تہ ٻڌان پئي مونکي ان

مان کهڙو هوند شڪر" شيري ڪلندي ڳالهہ ڦهڪائي تہ هن سائيڊ تان فون ڪٽي بيڊ تي رکيو ۽ ان جو انٽرڪام ڪولي نمبر ملائڻ لڳي. پهرين گهنٽي وڄڻ شرط ڪنهن ريسور تي لامارو هنيو.

" هلو!

" شڪر جو تون ملي وئين، " رفيعہ ناز مان چيو. "مون پانيو سيرسپاٽي تي نڪتو هوندين."

" بس جانم، اجهو هينئر ئي ٻاهر نڪتس منهنجا نصيب جو هن مهل تنهنجو آواز ٻڌم... پلا وري ڪڏهن ٿي ديدار ڪرائين؟"

" اڃان هفتو اڳ تہ مليا آهيون..."

" روز ملون تہ بہ منهنجي دل نٿي ڍاپجي، سچ ٿو چوان رفيعہ تہ تون منهنجي زندگي ۾ نہ اچين ها تہ لائيف ڏاڍي ڊل هئي، تو تہ هر طرف رنگ ئي رنگ پري چڙيا آهن."

" ڇڏ بازاري ڊائلاگن کي، ڏي خبر امتحان جي تياري ڪيئن پئي هلي" هن پاڻکي شيريءَ آڏو معتبر ظاهر ڪندي چيو.

" ڪامريڊ ساٿي زنده باد، اسانکي تيارين جي ڪهڙي ضرورت آهي."

" خيال رکجئين، اڄڪلهہ هي نئون جنرل صاحب مڙئي جهان ديده ماڻهو ٿو ڏسجي. هر شئي تي نظر اٿس، ڪٿي پنهنجو ميڊيڪل جو آخري سال نہ وڃائين."

" ڇهيو جانم، رومينٽڪ ماحول خراب ڪرڻ لاءِ مائرن وانگر ويهي نصيحتون تہ نہ ڪر."

هن ڪيس ٽوڪيو تہ هوءَ ڦڪي کل کلڻ لڳي. دراصل ڪيس اڄوڪي گفتگو پنهنجو پاڻ اوپري ٿي لڳي، جو هن شيري جي موجودگي ۾ ايڏي گرمجوشي نٿي ڏيکارڻ چاهي، وري بہ ڳالهہ جو رخ موڙيندي چوڻ لڳي،

" پلا ڏي خبر تو واري سائڻ سگوري ڪيئن آهي؟"

" سائڻ ڏوڙ پئي پائي، " هن بيزار لهجي مان وراڻيو. "تنهنجي فون ڪان پہ منٿ اڳ ٻڪونان گاڏي موڪلي اٿن تہ سگهو پهچ، سائڻ چوٿين

مصيبت ڪي چٽڻ واري آهي.“

”آئي الا! پوءِ وچين ها نہ، اجان اِتي وينو آهين“ هن مصنوعي فڪرمندي ڏيکاري.

”مان ڇا لاءِ ويندو مان، ڊرائيور ڪي چيو اٿم تہ امتحانن ۾ مصروف آهيان. هونءَ بہ جن اِها گهنڊڙي ڳچيءَ ۾ وڌي آهي سي پاڻهي ويهي دهل نغارا وڄائين منهنجو وڃڻ ڪو ضروري ناهي.“

”ڇا مطلب؟“ رفيع حيراني ڏيکاري.

”مطلب سيئي ظاهر آهن، مڇن جي ساوڪ مس آئي تہ امان بابا جن ڪي اهو ڇئي پوتا پوتي ڏسڻ جي ڪُڏ ڪنيو تہ ’جاڻ مئاسين.‘ پر ڳوڻن ۾ مائٽ اِهي نمونا رڳو اولاد ڪي جذباتي طور بلئڪ ميل ڪرڻ خاطر اختيار ڪندا آهن. پاڻ تہ سئو ڇمارن تائين پوتا پوتيون پيا پرٽائيندا پر يار، سِر اسان مسڪينن جو رليو وڃي سنجهئي شاديون ڪيو...“

”پر لڳي ٿو تون تہ زال کي ڏاڍو ٿو ڀانئين، هر نئين سال تي ٿو پار جو گفٽ ڏينس“

”گفٽ وري ڇا جا، مڙئي ٿيو فرض پورو ڪرٽو، ڳوناٽين زالن جي من گهري وِندر بہ اها ئي هوندي آهي تہ پارهوئي گونهن مُٽ ۾ هٿ پيو هجي. هڪ هنج ۾، ٻيو ٽڄ تي، ٽيون پيٽ ۾ ۽ تهڙا ڇهہ ست ٻيا وري هيڏي هوڏي پيا لوس لوس ڪندا.“

”واقعي توکي ننڍي عمر ۾ ئي مائٽن ياران شادي جهڙي ڏچن ۾ ڦاسائڻ نہ گهرجي ها. ان حوالي سان تو پاري ميڊيڪل جي اسٽوڊنٽ سان وڏو ظلم ٿيو آهي.“

”ظلم بہ ڪو اهڙو تهڙو... پر ٿهيو هاڻ همدرديون ڪري گهٽا لوڻ نہ ٻرڪ زخمن تي.“

”چڱو بند ٿي ڪريان ڪوئي اچي پيو شايد...“

هن اختتامي چمي ڏيندي فون رکيو تہ ٻئي چٽيون تازو ملائي اچي ٿهڪن ۾ ڇتڪيون...

”يار تو تہ حد ڪري ڇڏي! نوجوان ڪي ايڏو بہ ڇتو نہ ڪر جو

سياڻي ڳالهہ ڪُلڻ تي تہ تون ڪاليج جي ڪنواري ڪنيا بدران ڏهن سالن جي ڏاگهہ پٽ جي ماءُ آهين! ڪٿي جيت مار دوا کائي پنهنجو انت نہ آڻي ڇڏي...“

”مئو چتو وجي مري، آيو منهنجي آڱوٺي تي! پاڻ منهنجي صدقي اخبار جي ڪنهن آپگهات ڪارنر ۾ فوٽي سوڏو جاءِ ملي پوندس.“

”ذليل ديسان، ڪيڏي نہ بي رحم آهين... محبت ۽ دوستي جون بنيادون گهڻي وقت تائين ڪوڙ ۽ فريب تي قائم نٿيون رهي سگهن. تون ڪيس ان حقيقت کان بي خبر رکي وڏي غلطي ڪئي آهي.“ ايئن چوندي شيري انٽرڪام مس بند ڪيو جو وري وني فون وڳو. شيري پنهنجي شيرين آواز ۾ ’هلو‘ ڪئي تہ ٻئي طرف رمل جو سُريلو آواز ٻڌي ڇرڻ ڇهڪي پئي.

”مس وجي ڪا وڏن ماڻهن کي اسانجي ياد آئي آهي، توسان ملاقات لاءِ تنهنجي گهر جا چڪر هڻي هڻي منهنجي گاڏيءَ جا تہ ٽائر ئي گسي ويا آهن. سدائين تنهنجي چربٽ نوڪرياڻي اچو منهن واري لڳي.“

”مونکي تنهنجا ميسيج ملندا رهيا آهن. تنهنڪري اڄ جيئن ئي واندي ٿي آهيان پهرين تو ڏي فون ڪيو اٿم.“ رمل کلندي چيو.

”توهان وڏن ماڻهن جا احسان! ڀلا ٻڌاءِ اچين ڪڏهن ٿي؟“

”اڃڻ جو نہ پڇ، سياڻي وري فيچر لاءِ ٿيلهو کلهي تي ڪري نڪرڻو اٿم.“

”ٿيلهو تہ توکي ٻارهوئي چڙهيل هوندو.... ڪُلهي پاتم ڪينجهرو جيان... زندگي کي ايڏو ڊل نہ ڪر جو ڪاغذن جو پيٽ پريندي پريندي پاڻ نہ ڪاغذ ٿيِ وڃين، جيڪو فالتو سمجهي ڊسٽ بن ۾ اُڇلي ڇڏبو آهي.“

”اڄ تہ ڏاڍو فلسفو پئي ڳالهائين، فلسفي جي ڪا انجيڪشن تہ نہ هڻائي اٿئي.“

”پياري اهي فلسفن جون انجيڪشنز توهان لِک پڙهہ وارن جي منحوس مغزن لاءِ هونديون آهن، مونکي تہ چئو ڦير پيار جون

انجيڪشنون پيون لڳن.“

”!So sad.... چو پلا ايڏا ڪي گهٽا مچر گهر ۾ ٿي پيا اٿئي چا جن جي چڪن ڪي تون انجيڪشنون ٿي ڪوٺين؟“ رمل چيڙيس.

”تون آهين بد ذوق انهن ڳالهين کي ڇا سمجهين.“ شيري به ساڳي خوشگواري مان وراڻيو. ”پوءِ پلا اچين ڇو نٿي“، منهنجي دوست رفيعہ به ويٺي آهي ساڻس ملي خوش ٿيندينءَ.“

”خدا جو قسم يار ڏاڍي ٿڪجي پئي آهيان. ذهن فريش هوندو ته ڪونہ ته ڪچهريءَ ۾ ڪهڙو مزو. بس هاڻي منهنجو عورتاڻو وعدو رهيو تہ Coming weekend تي تو وٽ اچبو ۽ پوءِ ٿئي گڏجي ڪچهري بہ ڪنداسين تہ ڇتو بہ ۽ ها، واه جو ياد آيم. تو ڪان بہ پنهنجي استوري لاءِ ڪميٽنس وٺندس، تيار رهجان...“

”ڪمينٽس وري ڪهڙا ٻڌائيندس، توکي جيڪي وڻي منهنجي پاران لکي ڇڏجانءِ. مون لاءِ انگريزي مئگزن ۾ نالي اچڻ واري لئہ ئي ڪوڙ آهي.“

”ڇا واقعي! ايڏو شوق اٿئي نالي ڏسڻ جو... تہ پوءِ نيڪ آهي، هاڻ جيڪو بہ تخريبي آرٽيڪل لکٽو هوندو سو تنهنجي نالي سان ئي لکندس.“

”مارائيندينءَ ڇا..“ شيري کلندي چيو.

”ڪنهن جي مجال آ....! Ok than see you خدا حافظ.

”!Bye Bye.....“

”!Bye“ شيري بہ هن جيان ئي استائيل مان موڪلايو.

”اها وري ڪير هئي“ رفيعہ ڏاڍي سَڌ مان ڏانهس نهاريندي پڇيو.

”رمل.... ڪنهن زماني ۾ اسانجو واسطو رهيو پر پوءِ هي هلي وئي ٻاهر پڙهڻ ۽ منهنجي وري شادي ٿي وئي تہ جڻ رابطو ئي ڪٽ ٿي ويو.“

”چڱبو تہ وري دوستيءَ جو پراڻو مردو ڪوتي ڪڍيو اٿئي“

”سني چوڪري هئي مونکان توڙي جو ٿي چار سال ننڍي هوندي، پر عزت ۽ پيار سان ڳالهائڻ ڪري هر ڪنهن جي توجهہ جو مرڪز رهي. مون سان بہ سني هاءِ هلو هئس.“

"هاڻ اِها هاءِ هلو ڪجهه گهرائپ ۾ نه پئي تبديل ٿئي ؟ "

"ها چئي سگهجي ٿو، تون ملندينس ته توکي به وٺندي"

"الله پناهه ذي مون کي ڇوڪريون وٽڻ کان...."

"توبهن! تون ته هر ڳالهه جو الائي ڪهڙو مطلب ويٺي ڪڍين."

۽ پوءِ ٻئي کل ۾ ويڙهجي ويون....

▲▲▲

سنجها ويل رمل، شهر جي هڪ معزز علائقي جي خوبصورت بنگلي آڏو پنهنجي FX آڻي بيهاري اَمرت اِگتي وڌي ڊور بيل کي هلڪو پريس ڪيو تہ پوڙهي چوڪيدار جيڪو منهن مهاندي مان پراڻو طبلچي ٿي لڳو کنگهندي اچي گيٽ کوليو ۽ سندن واقفيت پڇي. جنهن تي رمل مئگزن جو حوالو ڏيندي مختيار بيگم سان ڪجهہ وقت ڳالهائڻ جي خواهش ڏيکاري. هو کين ننهن ڪان چوڻيءَ تائين جانچي پہ منٺ ترسڻ جو چئي اندر هليو ويو. ڏهن منٽن جي انتظار ڪرائڻ بعد موٽيو تہ معذرت مان چيائين:

”معاف ڪجو توهانکي انتظار ڪرڻو پيو، بيگم صاحبہ نماز پئي پڙهي.“ تنهن بعد هن کين اندر آڻي اپ ٽو ڊيٽ ڊرائينگ روم ۾ ويهاريو. امرت جون نظرون چوڌاري طواف ڪرڻ لڳيون ڄڻ ڪجهہ ڳوليندي يون هجن. اهو ڏسي رمل چيس،

”چو خير تہ آهي وائڙپ مان ڇا پئي ڳولهين؟“

”طبلا، صندل، پاندان، چلمچيون ۽ چاندنيون، چيرون، موتيي جا گل، گائو تڪيہ اُگالدان اِهي سڀ ڪٿي آهن؟“ هن يڪ ساهي پنهنجي اورا کورا ظاهر ڪئي.

”اوهو... تہ چئبو توکي اِهي ڏسڻ جو شوق هو! يار پاڻ ان مخصوص ٽريڊيشنل جاءِ تي ڪونہ پهتا آهيون.“ رَمل مرڪندي چيس ”Mind it اهو ڪنهن ٻائي جيءَ جو ڪوٺو نہ، پر سابقہ ٻبلي جو بنگلو آهي.“

اهو ٻڌي امرت تهائين ڄمي وئي.

ويرم ئي نہ گذري جو ٽَلين واريون لَڙيون هٽائيندي، اچي ململ جي ٻُڪل سان مرڪندڙ نوراني چهري واري مختيار بيگم نروار ٿي. ڪنن جي چار چار انچ لڙڪيل پاپڙين ۾ موتئي جا گل ايئن ٽنبيا هئائين

ڇٽڪ اهي ڪن نہ پر ڪونديون هجن... جڏهن تہ ميندي، سان ٻئي هٿ ترڻيون ۽ پير ڪناريون بہ ڏاڍي نفاست سان رنگيل هئس. هوءِ دبيز غاليچي تان باوقار نموني هلندي ڪين ڏاڍي قرب مان ڳراٽڙيون پائي ملي پوءِ ويهڻ جو اشارو ڪندي پاڻ بہ ساڻن گڏجي ويٺي، ۽ نهايت تجسس ڀريل نگاهن سان ڏانهن نهارڻ لڳي، رمل ڪيس مخاطب ٿيندي چيو،

”ميڊم اسان توهانجو ڪجهہ وقت وٺنداسين. توهان جي پاڻٽي اسٽيج ڊانسر نيلم شايد توهانکي ٻڌايو هوندو تہ اسين مئگزن لاءِ اسٽوري پيا ڪريون سو ان ڏس ۾ توهانجي مدد گهرجي.“

”ها ها چو نہ. نيلم مون سان ڳالهہ ڪئي هُئي،“ هن شفقت مان وراڻيو. ”اسانجون زندگيون تہ بابا کليو ڪتاب آهن. پلي اسانجي پيٽان وڏا خان خانان پيدا ٿيا هجن يا پلي اسين ڪن خان خانائن جي تخم مان هجون پر معاشري ۾ اسانجو مقام اجهو اهو ئي آهي، جيڪو سيني جي سامهون آهي توڙي جو اڄڪلهہ بي شمار گهرن ۾ اسان واري ڪمن کان بہ بدتر ڪم پيا ٿين پر ماڻهن کي سڪون رڳو اسانکي ئي گهٽ ڪرڻ ۾ ملندو آهي.“

”توهان صحيح ٿا چئو.“ رمل ڏيان سان ڪيس ٻڌندي سهمت ڪئي جڏهن تہ امرت ٽيپ کولي هن اڳيان ميز تي رکندي پڇيو:

”ڇا ان جي اجازت آهي؟“

”ها، ڀٽ چو نہ“ اڌڙوٽ عمر جي کڙي تڙي بردبار مختيار بيگم سندس مٿي تي هٿ ڦيريندي چيو. ”اسانجي وري ڪهڙي هٿرادو عزت آهي جنهن جي وڃڻ جو خوف ڪريون...“

”ٻڌو هوسين تہ توهان پنهنجي ماحول کان بغاوت ڪندي شادي ڪرڻ کي ترجيح ڏني ۽ پوءِ اها ڪئي بہ، ڪيئن رهيو تجربو؟“ رمل جي سوال تي هوءَ تلخيءَ مان مرڪي، ماضي ڏانهن سفر ڪرڻ لڳي...

”ها... پانيم ٿي تہ نَٿ لهرائڻ واري روايتي رسم کان نڪاح جي ٽن ٻولن ۾ ٻڌجي سڄي عمر عزت جي ڇانوَ ۾ گذاريندس. اُن زماني ۾ بہ هن شخص مونکي حاصل ڪرڻ لاءِ لکين ڏنا هئا منهنجي ماءُ کي...

تڏهن وڃي ڪا هوءَ راضي ٿي هئي.... پر مرد پنهنجي فطرت کان باز نہ ايندو آهي، مون ڪيس ڏاڍو چڱو سمجهو. پر اها منهنجي ڀاراٽي هئي ڇو جو ڪوٺن تي اچڻ وارو مرد ڪهڙو چڱو مرد هوندو...“

هن شوخيءَ مان مرڪندي پنهنجي ڳالهہ جاري رکي. ”شادي کان پوءِ هُن منهنجو رت ست نپوڙي، تن مهينن ۾ ئي نظرون بدلي ڇڏيون. موسم بہ ايترو جلدي نہ بدلبو آهي جيترو تيزيءَ سان هن پنهنجو رنگ مٽايو ۽ وري ڪنهن ٻي ڪوٺي واريءَ وٽ وڃڻ لڳو. ان مان ثابت ٿيو تہ عورت زال بنجڻ ڪانپوءِ پنهنجي ڪشش وڃايو ڇڏي.... جڏهن ڏيءَ ڄايم تہ ماڳهين الزام هڻي گهر مان ڪڍي ڇڏيائين. تہ ’جهڙي هئينءَ تهڙي ٿي ڏيکاريئي، اها منهنجي ڏيءَ ڪونهي اسانجي خاندان ۾ عورتن کي رڳو پٽ ڄمندا آهن. شاديءَ جو سانگ تہ رڳو منهنجي ملڪيت تي راڄ ڪرڻ لاءِ ڪيڙيو هيئي. الائي ڪنهنجو پاپ آڻي منهنجي ڪاتي ۾ ٿي وجهين... هي غليظ خون منهنجو نٿو ٿي سگهي...‘ اهو سڀ هن پنهنجي ماءُ جي چورت ۾ اچي ايڏو اوچتو ڪيو جو مان حيران ٿي ويس. دراصل هن جي ماءُ سندس شادي وڏي پئسي واري گهراڻي ۾ ڪرائڻ پئي چاهي. مون تہ هن پوڙهيءَ جون بہ بي غرضيءَ مان ڏاڍيون خدمتون ڪيون پر هوءَ سدائين حقارت جي نظر سان ڏسندي مونکي ڏڪاريندي هئي، نيٺ طلاق جو تحفو ڪٽي ڏيءَ سوڌو موٽي ماڳ تي پهتس جتي پنهنجي خانداني ’ڪرت‘ کان علاوه جيءَ جاَن سان ان جي پرورش ڪرڻ لڳس. ڇا ٿيو جو ڪيس سڳي پيءُ جو نالو نہ ملي سگهيو. هونءَ بہ قيامت ڏينهن تہ ٻار ماءُ جي نالي سان ئي سڏبو نہ.... آءُ قيامت تائين جو انتظار ڇو ڪريان ها.... ڇا لاءِ هڪ پيءَ جي نالي جي دنياوي خيرات گهرندي وتان ها ان بي غيرت کان.... مون پنهنجي جگر جي ٽڪر کي پنهنجو نالو ڏنو.... هوءَ منهنجي وجود جو ئي تہ حصو هئي!“

”ميڊيم، هوءَ ملڪ جي نامور ايڪٽريس ڪيئن بڻي؟“ رمل ڪيس غور ۽ دلچسپيءَ مان ٻڌندي پڇيو.

”بس امان، جنهن کي رب نوازي.... هن جا ڀاڳ بہ ڪي چڱيرڙا

هئا.... اسان وٽ اتي ڊائريڪٽر ايندو هو جنهن ڪيس اسٽيج تي نچڻ جو چانس ڏياريو، تڏهن تيرهن سالن جي عمر ۾ منهنجي پيٽ جائي، اُن امير زادي جي سڳي ڌيءَ، چير ٻڌي اسٽيج تي نچي ماڻهن کان داد عيش وصول ڪيو. تنهن بعد هوءَ تُرت ئي فلمن ۾ ڪچي وئي. اڄ ڏهه سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ هوءَ صف اول جي ايڪٽرياڻي شمارجي ٿي. معاشري ۾ هن جي عزت آهي... مقام آهي... سوين سلامي آهن..."

"پلا اسان ان شخص جو نالو پڇي سگهون ٿا؟"امرت چيو.

"ڇڏيو امان، جن کي خبر هئي يا آهي سي چاڻين ٿا باقي هينئر نئين‌ءَ مان ڪهڙو ويهي هُنجو نالو ڪڍان... بس سمجهو يادن ۾ دفن ٿيل هڪ نالو آهي." هُن ڳالهه نٽائي. ايتري ۾ هڪ عورت ٽري ۾ شربت سجائي سندن آڏو اچي بيٺي.

"ڪٿون امان..." مختيار بيگم جي چوڻ تي هنن مهرباني چوندي گلاس کڻي سامهون رکيا.

"شادي جي تجربي بعد ڇا وري ڪڏهن شاديءَ جو خيال توهان جي دل ۾ آيو؟ هُنان کان هيستائين جو سفر ڪيئن طئي ڪيوَ؟" رمل جي سوال تي هن بي اختيار وراڻيو،

"عقل واري لاءِ تہ شاديءَ مان سبق حاصل ڪرڻ جو هڪڙو ئي ڏڪ ڪوڙ آهي. تجربي مان ئي ماڻهو سکي ٿو، اُن هڪڙي پُل ڪانپوءِ اهڙو خيال تہ وري منهنجي ذهن ۾ ڪڏهن پُلجي بہ نہ آيو.... هڪ وار وري پاڻکي ان ساڳئي نظام ۾ ضم ڪري ڇڏيم جنهن ۾ اسان چوڪرين جا ولر پيا پلبا هئا... تنهن بعد ترت ئي مون پنجاب جي چوڌريءَ سان سنگت رکي جيڪا ڏينهون ڏينهن وئي تي پڪي ٿيندي، بزنس سانگي اتي پيو اچڻ ٿيندو هئس، هي بنگلو بہ هن ئي مونکي وٺي ڏنو ۽ ان ۾ آئي رهايو. چوڌري مان رڳو بہ جاڙا پٽ ٿيم. جيڪي اڄ اوٺيهہ ورهين جا جوان ٿي ويا آهن، جن کي هن ولايت پڙهڻ لاءِ موڪليو آهي. منهنجي ڌيءَ کي بہ سڳي اولاد جيان پائيندو آهي. خرچ پکو باقاعدگيءَ سان ڏ ئي تہ سيئي ضرورتون بہ پوريون ڪري. آءٌ آرام سان ويٺي آهيان... سندس زال توڙي پار سڄي حقيقت ڄاڻين ٿا پر خدا

جو شڪر آهي ڪنهن وٽان بہ ڪا ڪئونس ناهي ٿي. هر ڪو پنهنجو پاڻ ۾ مگن آهي.“

”مطلب تہ توهان پنهنجي موجوده زندگي مان مطمئن آهيو؟“

”ها يقيناً... شاديءَ ڪان هيءَ زندگي مون لاءِ وڏيڪ مطمئن ڪندڙ ثابت ٿي...“

”اوهانجي سٽ جي ساٿياڻين جو ان باري ۾ ڪهڙو رويو آهي؟“

”هتي بہ درجا آهن هرو ڀرو هر ڪنهنکي مرد بدلائڻ جي عادت ڪونهي. اُهي گهٽيا رنون ٿين جيڪي ٽڪي پيسي تي پيون وڪامجن، جڏهن تہ اسان پارن کي ڪو هڪ مرد، واقعي بہ ڪنهن مرد جيان سني طرح رکي ٿو تہ پوءِ پئي ڏي اک ڪٽي بہ نہ نهاريون. هونءَ بہ مرد وٽ اسان ويهاريلن جي عزت، نڪاح پڙين ڪان سوين درجا مٿي آهي. توهان اشرافن وٽ شينهن ڪلهي چڙهڻ وارو سئودو ڪيڏو نہ گهاٽي وارو ٿيندو آهي. اها ڳالهہ وقت ۽ مشاهدي مونکي سمجهائي ڇڏي. توهان مڃو نہ مڃو، پر اها حقيقت آهي تہ مرد وٽ هڪ وهاريل يا طوائف جي زال کان وڌيڪ عزت آهي. هو ڪين گهمائڻ ڦيرائڻ نِت نئين ملڪن جا سير سفر ڪرائڻ سان گڏ، هر مهيني گهربل رقم يا عيوضو، ۽ پيون سوڪڙيون پاڪڙيون تحفا تحائف وڏي قرب مان عقيدت منداڻي نموني ڏي ٿو، جڏهن تہ گهر ڏياڻين کي ڪو خرچ پڪو ملندو تہ اهو سهائي مارڻ ڪانپوءِ خيرات وانگر ملندو تہ ’هيئن ٿو ڪمايان هونءَ ٿو ڪمايان سڄو گهر ٿو سنڀاليان... کهول ٿو پاليان.‘ اسان پاري ڪا بچڙو ڪندس تہ ان کي بہ اسانجي ادا سمجهي پيو مُرڪندو، جڏهن تہ اشراف زال طلاق جي ڊپ کان خاموشيءَ سان پئي ظلم سهندي آهي. جو تہ نڪاح جي ٻولن ۾ ٻڌجڻ ڪانپوءِ پنهنجو وقار ۽ قدر مڙس اڳيان جڻ وڃائي ٿي ڇڏي.“ هوءَ نان اسٽاپ ڳالهائيندي پنهنجا خيال ظاهر ڪندي رهي. ۽ اهي سمورا سوال جيڪي پئي جٽيون ذهن ۾ سانڍي آيون هيون تن جا جواب ڪل جا سم سم جيان مختيار بيگم جي واتان نڪرندا ڏسي ڪين گهڻا سوال ڪرڻ جي تڪليف ئي نہ ڪرڻي پئي. سندن هر سوال جو جواب، هن جي گفتگو مان پاڻمرادو ڦٽي ٿي نڪتو!

پاڻکي معتبر زال ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هوءَ تهائين اڃي ڏيگهه ۾ چٽڪي:.

”پٽ دنيا ۾ عزت هجي نہ هجي پر عزت نفس جي حوالي سان شريفن ڪان اسانجي عزت ڪيئي درجا مٿي آهي....!“

”چٽي اچي ٿي آهي رَن“ امرت دل ۾ سوچيو ، سندس اکين ۾ پل جي پريل ڪروڌ جي جهلڪ ڏسي رمل مسڪرائڻ بنا رهي نہ سگهي. هن چاتو ٿي تہ امرتِ رسمن رواجن کي پوچڻ واري چوڪري هئي. پر رمل جي مرڪ کي مختيار بيگم پنهنجي لاءِ Reward سمجهي ويتر ڦونڊ مان ڳالهہ کي ڇهٽي پئي.

”اسين ڇا ۾ گهٽ آهيون؟ هڪ پاسي شريفن وٽ نياڻين جو ڏرجو ست قرآن برابر آهي ٻئي پاسي ڪنهن قرباني جي ڍورجيان وڌ ڪان وڌ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ نياڻي پالي وڏي ڪري هڪ بنهہ نئين خاندان ۽ اوپري ماحول ۾ فرض پورو ڪرڻ جي نالي کين ڌڪيو ڇڏين.“

”توهانجو مطب آهي تہ عزت واري نڪاح جي رشتي ڪان ڪنهنجي سريت ٿي رهڻ کي وڌيڪ پائيداري آهي.“ امرت دل ئي دل ۾ پڇرندي پڇيو.

”ها بلڪل،“ هن اعتماد مان وراٺيو. ” نالي ۾ تہ ڪٽي اسان مردن جون ويهاريل آهيون پر ڏسجي تہ هو بہ اسان جا رکيل آهن.... هلي سگهون تہ واهہ نہ تہ لت هٽي ڪڍيو ڇڏيون ۽ اهي ساڳيا مرد جيڪي پنهنجي زالن کي لتون هڻڻ تي هريل هوندا آهن سي جڏهن اسانجي ڪنترول ۾ ايندا آهن تہ اسانجي لتن هيٺان پيل هوندا آهن. چاهي ڪجهہ عرصي لائي ئي سهي پوءِ بہ پاور جو اهو احساس اسانکي بي پناهہ آٿت ڏي ٿو تہ خريدار اسانجي مسمير يزمواري طلسمي ڪشش ۾ مڪمل طور وڃائجو وڃي....“ مختيار بيگم پنهنجي چهري تي معنيٰ خيز مرڪ سجائيندي فخر مان چيو. ان مهل سندس چهري جا نوراني تاثرات ٿبي ڏيئي الائي ڪٿي گم ٿي ويا. جن جي جاءِ يڪدم Vampish تاثراتن والاري ڇڏي. امرت قاتل اکين سان يڪ ٽڪ ٿي ڏانهس نهاريو. هن جيڪي ڪجهہ ڳالهايو، سو سندس مٿان لنگهندو پئي ويو. ڪيس لڳو

تہ سامهون وينل مختيار بيگم تي ڪن جو ڪنِ ۾ نوجواني جي اِستري ڦيرجي وئي هجي ۽ هو چست پجامو ۽ ڪوتي پشواس پائي، پيرن ۾ چيرون پڌي ڪوچ تي ئي بيهي تڪ ڏنا ڏن جو مظاهرو ڪندي هجي. جڏهن تہ هو ۽ رمل چڻ طبلن تي سنگت ڏيئي رهيون هجن!

”ڪيئن امان غلط تہ ڪونہ آهيان....؟ صحيح ٿي چوان نہ... هن رمل کان پڇيو.

”جي ميڊم بلڪل....“

”اڄ ڪلهہ شادي شده زندگيون ڪيئن ٿيون گذرن، توهان تہ عقل واريون چوڪريون آهيو... چاڻو ٿيون تہ اڄڪلهہ جا مرد ڪهڙا نہ ذليل ٿي پيا آهن جو پنهنجي زالن کي ڳالهہ ڳالهہ تي مار موچڙو گارگند ۽ هر هر طلاق جي ترار پيا اُلاريندا آهن.... ڪير بڌاءِ تہ سهي اها پل پل مارڻ واري سزا عورت کي ڇا جي ٿي ملي.... شرافت جي نہ ؟ ڏنڊو ڪندڙ زالن کي تہ ڪو اهڙي اُلر ڪري ڏيکاري جن جي اُوچي طبقي وارن ۾ هڪ رات جا لکين ملن. عزت وارا ويچارا سڄي زندگي جي غلامي عيوض لک ڏيڍ جو حق مهر لکرايو ويٺين تہ چوڪري محفوظ رهندي، ڏوڙ محفوظ رهندي! ان قيمت ۾ تہ هاڻ سر لڪائڻ لاءِ گهر تہ ڇا سيڪنڊ هينڊ گاڏي بہ نٿي ملي.... سچ تہ اِهو آهي تہ شريفن وٽ عورت کي عورت هئڻ جي جرم ۾ ئي سڄي عمر ڀوڳڻو ٿو پئي.“

”اِن ڪري ئي تہ جنت بہ هن جي قدمن هيٺان آهي جو نيڪ عورت ماءُ بہ تہ آهي.“ امرت اعتماد مان چيو.

”اِها خوش فهمي بہ پَٻيءَ جو هڪ قسم آهي.“ مختيار بيگم سنجيدگيءَ مان پيرون چاڙهيندي وراڻيو. ”ويچاري عورت کي هر مذهب ۾ رڳو پَٻيون مليون آهن، پر جيڪا ويڏن ان سان ٿئي ٿي سا دنيا ۾ ڪنهن سان بہ نہ ٿيندي هوندي... زمانو جنهن تيز رفتاريءَ سان تبديلي ڏي پيو وڃي تہ ڏسجو ڪجهہ وقت کان پوءِ هرڪو اسان جي ئي طريقن ۽ خيالن جي پوئيواري ڪندو.“ امرت، مختيار بيگم جي واتان رمل جهڙا خيال ٻڌي زير لب مرڪي تہ رمل بہ ان جو مطلب سمجهي مرڪي پئي. ڪن جي ماٿ ڪانپوءِ هوءَ وري ساڳئي موضوع ڏي آئي.

”اڄ جي معاشري ۾ مشڪل سان اهڙا مرد ملندا جن جي نظر ۾ عورت جو مختلف رشتن ۾ ويڙهيل درجو قابلِ عزت هجي.... اسانکي تہ ڪير پير جي جتي نٿو ڪوني سگهي، اهي لقب ڳهرو زالن لاءِ هوندا آهن.... اسان ڪنهن جي پير جي جُتي نہ پر ڳچيءَ جو هار بنجي وينديون آهيون.... پنهنجي ادائن ۽ حڪمن سان مرد کي پير جي جُتي بڻائيندي يون آهيون.... پنهنجي پيرن جي لتاڙيل مٽي سمجهندي يون آهيون... توهان جي معسري ۾ عورت کي آهي اهڙي همت؟“

”آهي تہ سهي.“ وري بہ امرت وراڻيو. ”ڪڏهن ڪڏهن ڪي وات وڪيل عورتون پنهنجي مڙسن تي حاوي بہ ٿيڻ لڳنديون آهن.“

”پر ان ڇڪتاڻ يا ڪروڌ کان پناهہ ماڻڻ لاءِ سڪون ۽ راحت وري بہ اسان پاري، بہ منا ٻول ڳالهائڻ واريءَ وٽان ملندي اٿن.“ مختيار بيگم وري بہ پنهنجي لت مٿي رکي. ”عورت جي زبان درازي، طعنا مهڻا ۽ ڪروڌ گهڻي مرد جي زندگي زهر ڪرڻ سان گڏ. سڄي گهر کي تباهہ ڪري ٿي. ڪيس مرد تي ڏاڍ ڪرڻ ۽ ڏمرجڻ بدران هوش کان ڪم وٺي، راهہ راست تي آڻڻ جو موقعو ضرور ڏيڻ گهرجي.“

”توهان جي سماج ۾ Physical Trade جي حوالي سان زندگي گذاريندڙ عورتن ڇا ڪڏهن ايئن نہ سوچيو آهي تہ سندن ڌيءَ پڙهي لکي عزت واري زندگي گذاري يا ڪنهن شريف خاندان جي عزت بڻجي؟“ امرت جي نئين سوال تي مختيار بيگم، جنهن ڪاڏيءَ تي هٿ رکي ڏاڍي اشتياق مان پئي ڪيس ٻڌو، تنهن مرڪندي وراڻيس:

”اِن پيشي سان گهٽي پاڳي اسانجو سمجهوتو ئي ٿيل آهي پر سوچن يا خوابن تي ڪو بندش تہ نٿو وجهي سگهي، اهڙي سوچ بہ اچي سگهي ٿي. مون پنهنجي ڌيءَ کي پڙهايو، ان علم پويان ئي تہ هن جو فن ويتر نکريو تہ عزت بہ مليس. پين بہ جن ڇوڪرين کي علم سان چاهہ آهي سي پڙهن پيون، اوچن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ عزتدار شريفن جي نينگرين سان گڏ.... جن سان دوستيون ۾ اُٿڻ ويهڻ، اچڻ وڃڻ سڀ هلي پيو....“

”توهان کي سماج ۾ پنهنجو مقام ڪيئن لڳندو آهي؟“ امرت شايد تہ ڪيس لاجواب ڪرڻ جي چڪر ۾ سوالن مٿان سوال پئي ڪيا پر هن نهايت ئي تحمل مان وراڻيو،

”جيئن توهان جي سماج ۾ ماڻهن جا درجا ٺهيل آهن تيئن اسان جو بہ هڪ پنهنجو سماج آهي.... ڏنڌو ڪرڻ اسانکي پيڙهين کان رضا خوشيءَ سان مليو آهي، ان لاءِ اسانکي ڪو پڇتاءُ ڪونهي، ٿئي بہ ڇو... اسان ماڻهن کي خوشي ٿا ڏيون.... اسان وٽ اچي ڪي پهر پل ڪين سڪون ۽ سرور ملي ٿو تہ ڇو چئون تہ اسين ڪو برو ڪم پيا ڪريون.... الله رسول کان جيترو اسان ٿا ڊڄون ايترو توهان بہ نہ.... نمازون اسان پڙهون.... روزا اسان رکون.... محرم ماتم، خير خيراتون، نذر نياز اسين ڪريون باقي ڇا ۾ گهٽ ٿياسين؟ پاڻ ڏسجي تہ ڪيترن شريفن کان مٿي ئي آهيون.“

”توهانکي ڪڏهن ڪو ڏک يا محرومي جو احساس ٿيو؟“

”ڇا جو ڏک.... ڇا جو پڇتاءُ؟ هر ڳالهہ ۾ اسان جي رضا خوشي شامل اهي، جيڪڏهن اسان مان ڪير شادي بہ ڪري ٿي تہ اُها سندس مرضي....“

امرت، جنهن جي پنهنجي مڱيندي سان اڻين بجي ڊيٽ هئي، تنهن ڪانٽي کي نون تي پهچندو ڏسي رمل کان پڇيو.

”هلا ٽيپ ڪليل هجي يا بند ڪريان؟“

”منهنجي خيال هاڻ اِن جي ON رکڻ جي ضرورت ناهي، ميڊم کان ڪافي ڳالهيون معلوم ٿيون“ ايئن چوندي هوءَ مختيار بيگم ڏي مخاطب ٿي،

”ميڊم توهانجي تمام گهڻي مهرباني، توهان اسان سان سٺو سهڪار ڪيو.“

”نہ پٽ مهرباني ڇا جي، ڪا ئي ڳالهہ ناهي.“

هو اُٿڻ تي هيون جو هن ڪين قرب مان ويهاري وري چانهہ جي صلاح هئين جڏهن تہ امرت ڪروڌ مان اندر ئي اندر جڻ وٽ پئي ڪاڏا.

”ميڊم توهان سان گڏ پيو هتي ڪير ٿو رهي“

”بس مان آھيان، نوڪر چاڪر.... چوڌري صاحب مھيني ماسي ڏينھن ٻن لاءِ ايندو آھي. آءٌ ڊش، ٽي - ويون ڏسيو پنھنجو دل وندرايو مزي سان ويٺي ھوندي آھيان، سارو ڏينھن پيا مِٽ مائٽ ايندا ويندا اٿم تہ ڪڏھن آءٌ بہ وڃو چڪر ھنيو اچان....“

”تڏھن بہ پارن ڪانسواءِ اڪيلائي تہ ٿيندي ھوندو؟“ رمل مشڪندي چيو.

”ھو ٻڌو نہ اَٿو تہ ’پنج ڇڏيائين ماءُ جي ھنج‘ مون سان تہ منھنجا پار وري بہ گھٽو گڏ رھيا آھن. اڄڪلھہ شريفن جا اولاد تہ مائٽن جي جيڪا عزت ڪن ٿا سا ھر ڪنھن کي ساري پئي آھي. منھنجا ٻچا تہ سموري حقيقت حال ڄاڻندي بہ منھنجي عزت ڪن ٿا، محبت ڏين ٿا.... پيو ڇا کپي ھڪ ماءُ کي.... ٻي ڪھڙي خوشي ٿي سگھي ٿي ھڪ ماءُ لاءِ.... جتي ھجن شال جڙيا ھجن، شڪر آھي جو ڏيءَ بہ پنھنجي پيرن تي بيٺل آھي، ايندي آھي تہ بنگلي جي اندر توڙي ٻاھر ميلو مچيو وڃي، سڀ ڪيس عزت ڏيندي ڏاڍو ڀائيندا آھن.... الله اڃان بہ مان وڌائيندس.... ٻچڙا بہ ڄاڻ پنھنجي پيرن تي بيٺا.“

”چڱو پوءِ ھاڻ موڪلايون.... توھانجي تمام گھڻي مھرباني“ رمل اُٿندي چيو، تہ امرت بہ يڪدم اُٿي کڙي ٿي، ڄڻ بند خلاص ٿيا ھجنس.

”دل تہ نٿي ڏاپي توھانجي ڪچھريءَ مان پر وري بہ ڏاڍو مزو آيو.... الله نگھبان!“ مختيار بيگم ساڻن گلي ملندي کين رخصت ڪيو.

▲▲▲

رمل ڊائننگ ٽيبل آڏو ويھي نيرن تي ڪئي تہ جيما چانھہ ۾ کنڊ ملائيندي چيس،

” امان اڄ آفيس مان موٽين تہ پيڻ وٽان بہ خير خبر لھي اچجانءِ، تون تہ پنھنجي مصروفيتن ۾ ٿي رھين. چڱا ڏينھن ٿي ويا آھن جو منھن ئي ڪونہ ڏيکاريو اٿس.....“

”اڇا!“ رمل سينڊوچ کائيندي چيو، ”مونکي پاڻ ڏاڍي ياد پئي اچي.... شام جو ضرور ويندي مانس.“

”اڳي تہ ڪڏھن ڪڏھن فون بہ ڪندي ھئي. ھاڻ تہ اھو بہ ڪرڻ ڇڏي ڏنو اٿس“

”ٻارن جي چانگ ۾ ويچاري ڪھڙا ويھي فون گھمائيندي، تون ئي ڪٿي خبر چار لھندي ڪرينس“

”آءُ ان ھَچا پاچائيءَ سوران فون ڪريان ئي ڪونہ، جو چاٽان ٿي تہ وري ڪٽندي نعيم جي شاديءَ جو راڳ!

”ڇڏيس، پئي ھٽي مٿو“ ھوءَ نيپڪن سان منھن اُگھيندي ڪرسي تان اٿي ۽ Key Holder تان ڪار جي چابي ڪٽي آفيس رواني ٿي.

▲▲▲

چاچي روهت خان جي گهر ۾ داخل ٿيڻ شرط ڪيس چاچيءَ جي زور زور سان دڙڪا ڏيڻ جو آواز ڪن تي پيو، پر لفظ چِٽا سمجهه ۾ نٿي آيس، جنهن ۾ هن ڪيس ٿي سٽ سريون پئي ٻڌايون،

”هڪ شادي ڪري لتيو ٻي اللہ اعلان الائي ڪٿي ڪٿي ڪارو منهن ڪندي ٿي وتي. گهٽ ۾ گهٽ جيما جي مرڻ جو تہ انتظار ڪري ها ويٺهين . چڱو جو ماٺهين اها بي حيائي ڏسڻ کان اڳي ئي پاڻ ماري آجي ٿي.!“

رمل جي نندي سئوت، جيڪا جنگجو حالتن سبب وائڙپ وارن تاثراتن سان اچي ساٿس ملي، تنهن کان مسڪرائيندي پڇيو،

”وري ڪنهن تي باب ٻريو آهي؟ جو چاچي ويني گوڙ ڪري.

هوءَ ڪا ورندي ڏي ئي ڏي تيسين هيءَ چئوطرف چوزن وانگر پکڙيل ٻ' ن تي هڪ رسمي مرڪ پيري نظر وجهندي، وراڻندي مان لائونج ۾ اچي ٻيني جتي چاچيس چيلهہ تي هٿ رکيو منعم سان پئي وڙهي ۽ هوءَ کوچ تي مٿو جهلي، ٻارڙي هنج ۾ ڪنيو ويٺي رُني.

” چو چاچي، خير تہ آهي جو ايڏي ڪاوڙ پئي ڪرين !“ رمل پيءُ جي پير ۾ ويهي ڪيس پاڪر ۾ پريندي چيو.

هن جي اوچتي اچڻ تي چاچيس تِٺان پٺان ٿي وئي ۽ سندس سوال کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ٻيت ڏيندي وساٽيل لهجي مان چيو،

”امان تون ڪڏهن آئينءَ؟“ پئي ئي لمحي هن ڪِيڪَر لاءِ مئل نموني هٿ وڌايو تہ رمل ان کي نظرانداز ڪندي تکائيءَ مان پڇيو:

منعم تي چا لاءِ پئي ايڏو ڏمرجين چاچي؟“

سندس لهجي جي گرمي کي محسوس ڪندي هن بہ پاڻ سنڀاليندي ساڳي تيزي ڏيکاري.

” آخر بہ سس آهيان هن جي، ماءُ برابر! ايترو بہ حق ڪونهي!

جي ڪجهه چيومانس تہ ڪهڙي اربع خطا تي پئي"

"پر بہ ڪيائين ڇا جو ويني تي هنجون هاري؟"

منعم جا سڏ ڪا تهائين تيز تيندا ڏسي چاچيءَ ويتر داہي مان چيس:

" تون تہ چپ ڪر ڇوري، ٻيٽين کي ڏسي وينين آهين ڊراما ڪرڻ. ٻڌائينس نہ تہ مغز ڪٿي هوندو اٿئي...." وري رمل ڏي مخاطب ٿي.

" گهر جي ڪنهن بہ ڪم ۾ نہ اٿس ڌيان نہ ئي وري ڪا دلچسپي ... هر ڳالهہ ۾ ٻارن جو بهانو، ڪنهن چيس تہ ايڏا ٽڪڙا ٻار ويهي ڇڻ مون بہ ڳنڍيون ٻار ڇٽيا نپايا تہ گهر بہ هلايا، اها باڪَل پوتي وري ڪا عرش تان ڪانهي لٿي جو پنج ٻار نٿا سنڀاليا تينس."

" پر نيٺ ٿيو ڇا، جنهن لاءِ ايڏو محشر متو آهي"

"رڳو پئي تي نقصان ڪري... مئل متيءَ جون يادگيريون ريتي".... فرش تان مگ جا ٽڪرا ميڙيندي چيائين.

رمل منعم کي ڳرانڙي پائيندي سندس ڪمري ۾ وٺي آئي تہ پويان چاچيس جو ٺڪو ٻڌڻ ۾ آيس.

"وڃي هاڻ نويڪلائيءَ ۾ ڪوڙ ڪٿي هانءُ هلڪو ڪر"

رمل ، پيڻ کي وٺي آٿي پلنگ تي ويهاريو ۽ سندس منهن متي ڪندي پڇيائين،

" هي سڀ ڇا آهي منعم ، تون ڪهڙي وئيل ۾ پئي آهين؟."

هوءَ خاموش سڏڪندي رهي، پر هنجي سڄيل اکين جي هيٺان پيل اڌ ڪارا چنڊ ٻڌائي رهيا هئا تہ هو ڪنهن لاڳيتي ذهني ٽارچر جي ور چڙهيل هئي.

"ٻڌاءِ نہ مني پيڻ چپ ڇو آهين.....؟"

" بس قسمت ۾ جيڪو لکيل آهي سو ڀوڳيان پئي...." هن هوريان چپ چوريا.

" مونکي اڳ ئي شڪ هو تہ توسان ڪونہ ڪو پرابلم آهي. پر پڇڻ کان انڪري نٽائيندي رهيس جو تون پاڻ بہ ڪونہ ٿي ڪڇينءَ، اڄ اکين سان ڏٺم تہ ڏهن اندازو ٿيو. منهنجي پيار ڀيڻ زندگي ايئن

هيسجي هراسجي نتي گذاري سگهجي جيئن تون تي چاهين..... تون ٻلي ٻارن ٻچن واري پرٽيل زال هجين پر منهنجو تجربو ۽ مشاهدو توکان وڌيڪ آهي. ماڻهن سان اٿي ويٺي، انهن جا پرابلم اکين سان ڏسڻ تہ کيئن تي سندن زندگي گذري... تون جو ٻاٽکي حالتن جي رحم کرم تي ڇڏي هيٺ کان هيٺ کيرائيندينءَ تہ هي ماڻهو، جيکي بدقسمتي سان اسانجا ڏاڏاڻا آهن، جن جي ٻچڙن افعالن هوند کير کين ڪونہ پچي سي تيئين چوٽ چڙهندا ويندا ۽ تون ان گهر جو اهم فرد هئڻ جي باوجود بہ پنهنجي حيثيت، هيسيل هراسيل عادت هٿان کسيري جهڙي پئي کرائين“

” ان ۾ منهنجو کهڙو ڏوهہ،“ منعم لڙک اُگهندي وراڻيو .

”قدرت ماحول ئي اهڙو ڏنو... اباڻي گهر ۾ امان جي ڏکن ڏکايو... بابا جي حالن هيسايو تہ ساهرن سان سينو ساهڻ جي سگهہ کٿان آئيان... هٿ نچائي رڙيون کري جوابي ڪارروائي ڪرڻ تہ آءُ سکي ناهيان، نہ جيما کان نہ امان کان.... منهنجي تہ فطرت ۾ ئي اهڙا انداز ناهن“

” ڏندا کٽي وڙهڻ لاءِ تہ آءُ بہ نٿي چوان پر پنهنجي عزت تہ نہ وڃائي، جيکو پنهنجو قدر نٿو چاڻي سو بي قدر ٿيو وڃي،“ هن کيس احساس ڏياريندي چيو. ”چاچيءَ کي ڇا ٿيو هو اڄ جو ايڏو گوڙ ٿي کيائين؟“

” پوڙ پُڇيندي پئي پاسي ٿانو بہ پئي ڌوتم... ڪُکو وني رنو تہ اوڏانهن ٻچڻ جي تکڙ ۾ سندس پاٽي پيئڻ جو مگو نل سان ٽکرائجي ڀجي پيو، تڏهن کان هُل کندي امان جا بہ عيب گناهہ پئي ورجايائين......؟“

” تو پئي ٿانو ڌَوتا!؟“

” ها آءُ ئي ڌو ئيندي آهيان“ اهو ٻڌي رمل جي اکين ۾ باهہ ٻرجي وئي هن هڪ وار وري عجب مان پڇيو....

” يعني سڄي آکهہ جا ٿانو...؟ نوکر ڇو نٿا رکو“

”چاچيءَ کي انهن جا ڌوتل ٿانوَ نٿا وڻن.... ڇئي ٿي اجايو

خرچ وڌندو"

" تہ پوءِ پنهنجا ٽانوَ پاڻ ڇو نٿيون ڌوئين.... تون پنهنجي فيملي سان ٻڌل آهين، نوڪر رکڻ چاهين تہ ڇو نٿي رکين جو اهڙي رحم جوڳي حالت ڪري ڇڏي اٿئي..... خرچ تہ هونءَ بہ چاچو روهت ئي ڀري ها.... مونکي سخت افسوس ٿيو آهي منعم بلڪ شرم بہ پيو اچي.... بجاءِ ان جي جو حالتن کي مڙسيءَ سان منهن ڏين رهندو ڏينهون ڏينهن پاڻ پٽي وڃائين.... امان کي تہ ڪٽي وڃائڻ وارو هو بابا.... اسانجو سڀو پيءُ، تون وري هنن هٿان پاڻ وڃرائيندين‌ءَ....؟"

" بس ڪر رمل، هاڻ وڌيڪ ڇَهڪ نہ ڏي .... آءُ تنگ ٿي پئي آهيان.... برداشت نٿو ٿئي.... پر بہ جيئان پئي.... عظيم مهينن جا مهنا منهن ڪونہ ڏيکاري سارو ڏينهن اڪيلي ڪمري ۾ قيد ٿيو پئي هوندي آهيان. بيماري سيماري لاءِ رکو پئسا منهن تي آڻيو اڇلي تڏهن بہ چاچي ٽڪي ٽڪي جو حساب ٿي وٺي مونکان.... ويندي ذاتي خرچي تي خرچ ڪريان تہ پڇي ٿي ڪيڏانهن ڪيئي؟ انهن مان فلاڻي شئي ڇو نہ ورتئي؟ ڪجهہ ناهڻ لاءِ رڌڻي ۾ گهڙان تہ پويان دٻا چيڪ ڪندي تہ هيڏا سارا مرچ مصالا ڇو ڪٽي ويا... مان ڏاڍي منجهيل آهيان، ٻارن جي پرورش پنهنجي انداز سان نٿي ڪري سگهان. ڪري ٻوهر ٿي ويا آهن.... اڃا بہ ماحول جو اثر وٺي الائي ڪهڙي رنگ ۾ رنگبا. آءُ خود هجوم جهڙي گڏيل ماحول ۾ رهندي بدلجندي پئي وڃان. جيما جيڪي تربيتون ڏنم، صفايون، سٺايون ۽ سگهڙايون سيڪاريون سي سڀ ڇڻ وسرنديون وڃن... سڀ ڇڻا مون اڪيليءَ تي حاوي.... گهر هوندي بہ ڇڻ بي گهر آهيان، اهڙي حالت ۾ آءُ ڪيئن ٿي پنهنجي انفراديت برقرار رکي سگهيان."

" پوءِ باقي تون ڪنهنجي عزت تي حرف اچڻ جي ڊپ کان ان جهنم ۾ ويني آهين؟ نہ اٿئون ڀاءُ نہ پيءُ نہ ماءُ...! مونکي تہ خير ان 'Lucky Draw' ۾ حصو وٺڻو ناهي جو منهنجي فيوچر کي ڪو خطرو هجي، تون ڇو ويني قربانيون ڏين... ڏوڙ وجهہ سيني تي، ٻار بہ هٽين ٻوٽ وارا.... اڳ ئي جيڪا پلٽڻ ان مسافر خاني ۾ پلجي پئي، اُتي اِهي

ٻه پلجي پوندا. وٽين ته پنهنجي عياش پيءُ ڏاڏي وانگر ٿين، وٽين ته چرسي چاچي جي واڳ وٺن. تون ڪا لوهه لڙهندي ناهين جو ايئن توکي جُهرڻ پُرڻ لاءِ ڇڏي ڏيون، تو وٽ سڀ ڪجهه آهي هل مون سان گڏ...."

" اڃان ترس! مونکي ڪجهه وقت ڏسڻ ڏي، پوءِ ايئن ئي ڪرڻو پوندو...."

"جيئن ان وچ ۾ اَٽ ڏهه ٻار ٻيا پيدا ٿي وڃنئي؟ منهنجي چري پيڻ ڪنهن معجزي ٿيڻ جي انتظار ۾ تون پنهنجي زندگيءَ جو اهو وقت ٻه پئي هرويرو وڃائين... ادا جي نوڪري ٻاهر آهي ته اِن جو مطلب اِهو ناهي ته تون اِتي رهي ذهني اذيتون برداشت ڪرين، ڇو نٿي وڃين وٽس رهين. هتي ڇا لاءِ پئي آهين؟. آءُ ٿي ڳالهايان چاچيءَ سان". رمل تيزيءَ مان چيو.

" چپ ڪري ويهه رمل" هن پنهنجا لڙڪ اُگهي سندس هٿ جهلندي چيو، " ڇا ڪريان نٿر ٿي پئي آهيان، ٿوري دير لاءِ ڏک ٿيندو اٿم وري ويساريو ڇڏيان.... مرڻ جيئڻ ٻه ته هاڻ انهن سان ئي آهي، تنهنڪري ٻي وس ڪري ڇڏيو اٿم پاڻ کي..." هن اچا ايترو ئي چيو جو بيڊروم جو در وڏي ٺڪاءُ سان کولي چاچيس اندر ڏوڪجي پئي ۽ چيلهه تي هٿ رکندي منعم کي چيائين،

" روئي ورتئي سمورا سور، ڪيئي هاڻ هلڪو! اهو ڪونه ٻڌايئيس ته منهنجي بابي مرحيات جو ڏنل ڏاج وارو مگو ڪيئن نه ٻي دردي‌ءَ سان ڀڃي ڀور ڪيو اٿئي جو منهنجو هِينئون اڃان سوڙو صدمي وچان ڀور ڀور پيو ٿيندو وڃي..."

"چاچي توکي ٿيو ڇا آهي، آهين ته ٺيڪ؟" منعم بدران رمل وراڻيو." پنهنجي ننهن سان گهر ۾ اهڙو ورتاءُ رکيو ويٺا آهيو جو ڇڻ گهر ڏجاڻي نه پر ڪا..."

"اَئي هان ! هان! مائي چئين ڇا ٿي. هوش ڪر، " هن بي اختيار رمل جي ڳالهه ڪاٽي وات مان ٽيستي ڳُنڍڪي وارين ڦهنگڻ جي شاورنگ ڪندي جوش مان ڀرون چاڙهي چيو. "گهر ڏجاڻي وري ڇا

جي؟ آءٌ جيئري وينئي آهيان. اِهو بنگلو منهنجي مڙس جوڙايو آهي ، کو هن جي مڙس ڪونہ ٺهرايو آهي جو سندس ٿي پيو. اِهو نہ ويسار تہ پيٽين ننهن جي حيثيت ۾ اسان سان گڏ،منهنجي گهر ۾ پئي رهي، ڏجاٽي جي حيثيت ۾ نہ"

" مونکي تہ لڳي ٿو ننهن جيءَ ۾ بہ نہ پر زر خريد ٻانهيءَ جي حيثيت ۾ توهان وٽ رهي پئي آهي، "رمل توڪ مان چيو." خيال ڪجانءِ چاچي، پنهنجي ڌيئن جو ڌڻ بہ اڳيان اٿئي. سياڻي انهن جو حال منعم کان بہ بدتر ٿي سگهي ٿو."

" هونهہ، بدرتر حال تا ٿين! ڌي جيڪي پِٽون ڌيٽيون هجنئي 'جي پٽيا سي چٽيا،' رب انهن جو اهڙو مورت موچارو ڪندو جو ڏيهہ ڏسندو."

" ننڌٽڪي اها بہ ڪانهي. پنهنجو بہ گهر اٿس. توهان سندس معصوميت جو تمام گهڻو ناجائز فائدو ورتو آهي."

" ها تہ پوءِ رهي وڃي پنهنجي ڪاڪ محل ۾ اسانجو ڪهڙو آڱوٺو پٽيندي" هن ايئن چيو ڄڻ نوڪريءَ مان جواب ڏيندي هجيس.

" نيڪ آهي تہ پوءِ آءُ ڪيس وني ٿي وڃان"

" ها ها، وني وڃيس. آءُ ڪونہ پوتي پيرن ۾ وجهندي مانس منهنجي پٽ ڪاڻ ڪي ڪتيون آهن، هڪ کان هڪ حور پري ان در جي چونٺ تي آٿي بيهاري سگهي ٿو. ٻچي شال اَچي تہ ٿي پتر بہ موڪلي ڏيندس..."

"هونهہ!تي پتر ٿو موڪلي! وڃي سئو پتر پاڻ تي وسائي، مونکي انهن مدي خارج ريتن رسمن جي ڌمڪي نہ ڏي... پُٺهين وٽ اِن سپر پاور ڌمڪيءَ کان سواءِ پيو آهي ئي ڇا"

هيڏي هُل تي گهر جون ڇوڪريون ۽ ٻار ڪمري جي در ٻاهران ايئن گهيرو ڪري اچي بيٺا ڄڻ تماشو ڏسندا هجن.

"اَٿ منعم"

" ڇا ٿي ڪرين رمل، ڇڏ ٻاراٽي" هن پنهنجي پوري سگهہ مان چيو،"

”سڌي تي اُت منعم هاڻ گهٽو ٿيو. تون ڪا لاوارث ڪونہ آهين جو توکي اهڙي مصيبت ۾ ڇڏي هلي وڃان“

”ها اسين تہ آهيون مصيبتون زحمتون. تون پلي وڃي وڃ اِن رحمت کي پنهنجي رحمتن جي ڇانگ سوڌو“ چاچيس ٻارن ڏي اشارو ڪندي بي پرواهيءَ سان چيو.

” اها پلٽڻ تہ توهان وٽ پلبي. منعم توهان ڏي اڪيلي آئي هئي اڪيلي ويندي!“

”رمل ڇا ٿيو اٿئي! ڇا پئي چئين؟“ منعم جي جسم مان ڇڻ رت ڇڏائجي ويو. هوءَ نري پيلي ٿي وئي.

”تون چپ ڪر. هل مونسان“ ايئن چوندي هو منعم کي هٿ مان جهلي ذري گهٽ گِهليندي در ڏانهن وڌي ۽ هوءَ نہ چاهيندي بہ سحرزده ڪيفيت ۾ ڪنهن بوتي جيان الائي ڪيئن ساڻس گڏ هلندي وئي.

” مائي ڪرين ڇا ٿي،“ چاچيس اچرج مان چپ تي آڱر رکندي دَڙيس ” چار اکر پڙهي پيڻ جو گهر ڦٽايو اٿئي تہ ٻائين تي وڌي سوچ پئي ڪٿين پر انهن مصيبتن کي تہ ڪنيو وڃو. پيا تہ وري بہ ٻاڻ پرا آهن. تڇ پياڪن کي ڪير سنڀاليندو“

” پاڻهي ويهي تڇون پياريو ۽ سنڀاليو اِنهن چرون کي... نہ تہ وڃي ايڌيءَ جي پينگهن ۾ اُڇلي اڇجون.“

”آءٌ اڄهو ٿي عظيم کي فون ڪريان تہ ڇوريءَ کي هاڻ جو هاڻ تي طلاق لکي موڪلي.“ حُرمت لفظ ڪُرتيندي ڏيچارڻ واري نوع ۾ چيس.

”ڇڙو ٿي چو؟ چئوس تہ طلاقن جا ويهي لک ڪڍي! نڪاح مهل منعم ڪهڙو دل سان قبوليو هئس جو هاڻ سندس طلاق لاڳو ٿيندي. توهان جهڙن نفسياتي مريض ماڻهن ئي شادي ۽ طلاق کي مشڪري بنائي ڇڏيو آهي“

حرمت جون اکيون ۽ چوڪرين جا وات ڦاٽي ويا تہ ڪن پل لاءِ ٻارن جي ٻوڪاٽن کي بہ ٻُنجو اچي ويو.

رمل پيڻ کي وٺي رمندي رهي. پويان ٻارڙن ۽ سال سال جي وقفي

سان پيدا ٿيندڙ ٻن معصومن، ماءُ کي جو ايئن ڪنيجي ويندي ڏٺو تہ منهجن راڙو راڙ ۾ ڏاڙ گهوڙا پئجي وئي. حُرمت اِهو توائي ڪندڙ لقاءَ ڏسي ٻنهي هٿن سان مٿو جهلي، پاسي ۾ رکيل ڪٽ تي اچي ڪري تہ ست ئي ڏيئون دانهون ڪندي روئڻ سان گڏ ٻاچائي ۾ رمل ڪي پٽن جا ڏوڙيا وسائڻ لڳيون.

▲▲▲

آفيس ٽائم اوور ٿيڻ تي سمورا ڪليگ هڪ ٻئي پويان پنهنجي ماڳن ڏي روانا ٿي ٿيا. رمل اڃان ڪائونٽر تي ويٺي آپريٽر سان ڪجهه ڳالهايو پئي جو ڊاڪٽر عرفات کي ايندو ڏسي ڏانهنس وڌي آئي.....

" هلو ڊاڪٽر واٽ آسرپرائيز! توهان هتي؟"

" ها مس رمل اڄ منهنجو (off) هو، سوچيم شازم کي آرٽيڪل ڏيڻ جي بهاني هلي توهانجي آفيس به گهمجي، ته ڪا دير سائنس ڪچهري ڪري نه ملڻ واري ميار به لاهجي."

"زبردست! ايڪسيلينٽ!! پر .... شازم ته نڪري چڪو آهي"

" پلا مسٽر نچر...؟"

" اوهه you mean اسد... ٻئي اڄهو هاڻ گڏ نڪتا آهن."

" هارڊ لڪ..."، هُن ڪلها جهٽڪي لفافو ڏانهنس وڌايو.

"اچي پوءِ هي آرٽيڪل توهان پاڻ وٽ ئي رکو"

"مهرباني، تمام گهڻي مهرباني"

"ويلڪم ، چڱو پوءِ پلا اتان ئي ٽا ڪلي موڪلايون..."

" نه نه ڊاڪٽر، چانهه ته پيئندا وڃو" هن مضمون حفاظت سان فائيل ۾ رکندي چيو.....

"مس رمل هينئر توهانجو سمورو اسٽاف ذري گهٽ وڃي چڪو آهي، اِها چانهه وري ڪنهن ٻئي پيري...."

"اهو ته بلڪل ئي مناسب نٿو لڳي. هڪڙو ته وڏو احسان ڪري توهان اسانجي رڪئيسٽ تي آرٽيڪل لکي ڏنو آهي، سو گهٽ ۾ گهٽ چانهه ته پيو نه..."

"موڊ ته هو برابر... پلا اهو بهتر نه رهندو ته ڪٿي ٻاهر هلي چانهه پيئجي If you don't Mind "

" پاهر؟" هن نيم رضامنديءَ مان سوچيندي پڇيوَ. "مثلاً ڪٿي ؟"

" جيم خاني ۾ ڪيئن رهندو؟"

" مونکي تہ ڪو اعتراض ناهي پر Out of way هئڻ ڪري ڪافي دير ٿي ويندي"

"مان توهانکي جهٽ ۾ ڊراپ ڪري ڇڏيندس"

"So Nice of you but I have My own convene" ايئن تا ڪريون مان توهان کي فالو ٿي ڪريان پاسي ۾ ئي ريسٽورينٽ آهي. اتان ئي هلي تا چانهہ بي وٺون"

"Sure why not" ايئن چوندي عرفات پنهنجي ڪار ۾ ويٺو تہ پويان هن بہ گاڏي اسٽارٽ ڪئي.

خوبصورت اوپن ريسٽورينٽ ۾ هڪ ٻئي جي سامهون ڪرسين تي ويهندي عرفات ويٽر کي چانهہ ۽ سينڊوچز ڪٽي اچڻ جو آرڊر ڏيئي، شوخ مرڪ مرڪندي رمل کان پڇيو،

" پلا اها پراسٽيٽيوشن واري ڪور اسٽوري فاعنلائيز ٿي يا اڃان ڪم هلي پيو؟"

"شڪر جو مس وچي ڪا اڄ ان مان جند ڇٽي آهي. اها رپورٽ پڪ سان توهانکي اسد ڏني هوندي... ها نہ؟"

" واهہ جو سڄاتوَ تنهن ڏينهن هو شازم سان گڏجي رپورٽون کڻڻ آيو تہ توهانجو بہ ذڪر نڪتو. چيائون پئي تہ اسٽوري پويان ڏاڍا سرگرم لڳا پيا آهيو"

اهو ٻڌي هن مصريءَ جهڙي چوڪري، مٿي تي چاڙهيل سن گلاسس کي لاهي پرس ۾ رکيو ۽ ٿڌڙي هوا ۾ منهن تي لڙي آيل وار پوئتي ڪندي چيو:

" هر ڪم ٽيم ورڪ سان ئي ممڪن آهي، اڪيلي سر تہ مان بہ ڪجهہ نٿي ڪري سگهان. مونکي تہ هرو ڀرو پيا مفت جا ڪريڊٽ ڦبندا آهن"

"هاڻ ايڏو بہ ڪسر نفسي کان ڪم نہ وٺو مس رمل.... مان

توهانجو باقاعدگيءَ سان پڙهندڙ آهيان تنهنڪري ايترو اندازو مونکي به آهي ته خدا توهانجي قلم توڙي ذهن کي ايڏي سگهه ڏني آهي جو پڙهندڙ اوهانجي هر لکڻي پاڻ ۾ جذب ٿيندي محسوس ڪندو آهي."

"Thankyou So Much!"

ايتري ۾ ويٽر چانهه ۽ سينڊوچز آڻي سامهون رکيا ته عرفات کي ڪٽليءَ ڏي هٿ وڌائيندو ڏسي رمل اِها پاڻ ڏي سيريندي چيو.

"توهان اسانجي آفيس ۾ پهريون ڀيرو آيا آهيو انڪري اڄوڪي مهمان نوازي منهنجي آهي... پر افسوس! جنهن دوست لاءِ توهان آيا سو نه ملي سگهيوَ..."

"توهانکي ڪو اعتراض ته نه ٿيندو جيڪڏهن چوان ته پهرين ملاقات ۾ ئي توهانکي شازم سان گڏ ڏسي مان پنهنجي دوستي جي دائري ۾ شامل ڪري چڪو هئس."

"اها ته منهنجي خوشقسمتي آهي" رمل شوخيءَ مان مرڪندي چيو،

"هاڻِ پلا سچي ڪريو ته آرٽيڪل توهان شازم جي چوڻ تي لکيو يا منهنجي تي، ته جيئن ٿورو ڪيس پتايان."

" يقين ڪندؤ اهو رڳو توهانجي ۽ صرف توهانجي ڪري ئي لکي سگهيو آهيان. هو سندس موکي اکين جي گهري سمنڊ ۾ غوطو هڻندي چيو.

" هاڻ ڏسجو سياڻي شازم کي اها ڳالهه ٻڌائي ڪيئن ٿي جهيڙو ڪرايان ...."

"شازم ڏاڍو پيارو دوست آهي، هو ان ۾ ئي خوش ٿيندو ته توهان جي چوڻ تي ئي سهي پر مون جهڙي ماڻهو کان ڪجهه لکجي ته ويو"

" ڏاڍو ڪانفيڊينس اٿو پنهنجي دوست تي"

" هو آهي ئي اهڙو پيارو ۽ اعتماد ڪرڻ جهيڙو..... مان ته ڪيس ننڍپڻ کان سڃاڻان ، گڏ پڙهيا به آهيون" چوڻ ته هن اهو به چاهيو پئي ته توسان ملائڻ جو ذريعو بڻجڻ ڪري هاڻ ته تهائين پيارو ٿي ويو اٿم، پر جذبن کي لفظن سينسر ڪري، دل جي دٻي ۾ بند ڪري

چڙيس ۽ رڳو ايترو چيائين، ”پاڻ ٻـ جي ان دوستيءَ جي چين ۾ شامل ٿيا آهيون تـ چو نـ هڪ ٻئي جي باري ۾ واقفيت ڏجي ونجي.“

” مـان هـڪ ORPHAN ڇوڪري آهيان..... ڪـن جي پـيار جي خوابن جي تعبير ۾ ڪيڏي نـ پيانڪ....! “

”Oh! sorry to know“ هن ڏيمي لهجي ۾ چيو.

”پڦي سان گڏ رهندي آهيان پاڻ ۾ رڳو ٻـ ڀينر آهيون.“

”توهانجي ڀيڻ بـ ڪٿي Job ڪري ٿي...؟“

” نـ هو ميرڊ آهي. ننڍپڻ ۾ ئي سئوٽ سان شادي ٿي ويس. گهر ۽ ٻارن ۾ مگن رهندي آهي. جڏهـن تـ مان ماس ڪـميونـيڪـيشـن ۾ ماسترز ڪرڻ ڪانپوءِ ان ئي فيلڊ ۾ اچي وئي آهيان، منهنجا ڏينهن رات بس اِن مئگزين جي ئي حوالي آهن“

” تمام سٺو ٿيو، پريڪٽيڪل لائيف ۾ پير پائڻ سان زندگي ۾ يا عمر تازگي قائم رهي ٿي تـ پنهنجي پيرن تي بيهڻ وارو احساس پڻ شخصيت ۾ ڏينهون ڏينهن مضبوطي آڻيندو آهي.“

”بـلـڪـل ... هـونءَ ڇوڪـريـن جي ميجارٽي هاڻ انهـن ڳالهين کي سمجهڻ لڳي آهي، تڏهـن تـ هر فيلڊ ۾ اِهي اڳتي وڌن پيون. هائي ڀلا توهان ڪجهہ پنهنجي باري ۾ بـ تـ ٻڌايو....“

”منهنجي بـ ڏاڍي مختصر فيملي آهي. اسين پاڻ ۾ ٽي ڄڻا آهيون، بـ ڀائر هڪ ڀيڻ. ڀاءُ ڀاڄائي لاڙڪاڻي ۾ رهن تا ۽ ڀيڻ ڀيٽيوو اِتي ئي، ٻئي ڊاڪٽر آهن.“

”چئبو تـ توهان ڊاڪٽرز فيملي آهيو، ڇا ڀاءُ ۽ ڀاڄائي بـ ڊاڪـٽـر آهن؟“

”پائو ڊاڪٽر نـ ٿي سگهيو Basically I belong to a poor family منهنجي پيءُ هاريي جي محنت سان پيٽ تي پٽيون ٻڌي هُن کي ميٽرڪ تائين پڄايو ئي مس جو جهولو لڳڻ ڪري ايڏو تـ بيمار ٿي پيو جو پوءِ بچي نـ سگهيو. تـنـهن بعد امڙ سميت منهنجي ۽ ڀيڻ جي سموري ذميداري ڀائو جي ڪلهـن تـي اچي پئي. جنهـن سنـهيون سـڪيون

نوڪريون ۾ هارپو ڪري گهر جو گاڏو گهليندي، پنهنجي تعليم به جاري رکي ته اسانکي به پاڙهيو. هينئر پاڻ پرائيويٽ فرم ۾ مينجر آهي، ته پاپي وري هائوس وائيف. سندن شادي ڪانپوءِ امڙ به ترت ئي گذاري وئي. اڄ مان جيڪو ڪجهه آهيان سو پاپو جي مهربانين جو ئي نتيجو آهي.“

”سچ پچ ته He is a great ! اهڙا جذبا هاڻي ڪٿي ٿا ملن. اڄوڪي معاشري ۾ ته رشتن ۾ ڪا اٽريڪشن يا سچائي نه رهي آهي.“

”ها پر ان حقيقت جي باوجود اڄان به ڪي آهن جن سان هن جهان ۾ جيئڻ جون اُميدون قائم آهن“

”توهان ايئن چئي سگهو ٿا، ڇو ته غريبي هوندي به مائٽن جو ڀرپور پيار ماڻيو اٿو، جڏهن ته اسان ڀينرن کي سڪئي ستابي گهر ۾ اڪ ڪولڻ جي باوجود پينگهي ۾ ئي سور پرائڻ وارو ماحول نصيب ٿيو. مون ڪڏهن به ڪي خواب نه اُٺيا.... مونکي خوابن کان نفرت ٿي وئي آهي ۽ هر شئي ۾ ريئلٽي ڏسڻ جي قائل آهيان. ڪي به ڀهروپ نه ..... منهنجي مشاهدي موجب مونکي سڀني رشتن ۾ جيڪا سيلفشنيس نظر آئي آهي تنهن مونکي سخت شاڪ رسايو آهي“ هن ٿوري ۾ ئي ڪيس پنهنجي ۽ خانداني بيڪ گرائونڊ جي ڄاڻ ڏني ته هو نهايت سنجيده ۽ اداس ٿي ويو پر ٻئي ئي لمحي ڏاڍي پنهنجائپ ۽ پيارن مان رمل کي دلداري ڏيندي چيائين:

”رمل..... ! ڏک سور ته هر انسان جي زندگيءَ جو حصو آهن، انهن کي جرئت سان منهن ڏيڻ ئي ته نالو آهي زندگيءَ جو ۽ توهان اهڙا مثال قائم به ڪيا آهن. اڄ ڪانپوءِ توهان پنهنجا سڀ ڏک ويساري منهنجي ڪاتي ۾ هٽي ڇڏيو. مان توهان تي انهن جو پاڇو به نه پوڻ ڏيندس....“ هن ڌيمي لهجي ۾ سادي لفظن سان پنهنجي مردانگي سان ڀرپور آواز ۾ رمل جي اندر تحفظ جو اهڙو احساس پيدا ڪيو جنهن کان اڳ هو بنهه نا آشنا هئي... ڪيس لڳو ڊاڪٽر عرفات مسيحا بڻجي هن جي روح جي ٻرندڙ زخمن تي ٿڌا ڦها رکي ڇڏيا هجن.

”منهنجي خيال ۾ هاڻ اُٿڻ گهرجي“ رمل واچ ۾ ڏسندي ويٽر کي

بل آٽڻ جو اشارو ڪيو. هُن بل آندو تہ رمل پرس مان پئسا ڪڍي ٽِري ۾ رکڻ واري هئي جو عرفات اڳ ئي ڦڙتيءَ مان ڪارڊ ۾ نوٽ رکي ڇڏيا، اهو ڏسي هن پيار ڀري ناراضگيءَ مان چيو،

”ڊاڪٽر عرفات اها سراسر زيادتي آهي مون توهانکي پهرين بہ چيو تہ اج توهان منهنجا مهمان آهيو.“ ائين چوندي هن جهٽ هٽي ويٽر کان ڪارڊ ورتو ۽ عرفات وارا پئسا ڪيس واپس ڪندي، پنهنجا پئسا ان ۾ رکي ڇڏيا.

”ٿينڪيو ميڊم!“ ويٽر ان ڪارروائيءَ تي مرڪندي بل وٺي روانو ٿيو.

”رمل توهان نيڪ نہ ڪيو، دوستن سان اهڙا تڪلف نہ ڪبا آهن“

”تڪلف جي ڪائي ڳالهہ ناهي، هاڻ تہ توهان تي اهڙيون ڇَتيون پيون پونديون، اجوڪي چانهہ کي محض افتتاحي ڪارروائي سمجهو“

”واقعي توهان سان پڇي نٿو سگهجي“ هن پنهنجو وولٽ کيسي ۾ وجهي اُٿندي چيو. تنهن بعد ٻئي گڏجي ڪار پارڪ ڏي وڌڻ لڳا.

”مس رمل توهان سان ڪي گهڙيون شيئر ڪري سچ تہ ڏاڍي خوشي ٿي.... انشاالله هاڻ ملندا رهنداسين....“

”ضرور! توهان جهڙو قابل شخص اسانکي پنهنجو قيمتي وقت ڏئي ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي عزت افزائي ٿيندي.“

”مهرباني!“

هو هڪ ٻئي کان موڪلائي پنهنجي گاڏين ۾ اچي ويٺا.

▲▲▲

شَهرين جي بنگلي تي سنبدس ڏير جي شادي جي سلسلي ۾ سموري ساهراڻي آکهه وين پرائي اچي لٿي هئي، گهر ۾ راڄ ئي ڄڻ انهن جو ٿي ويو، ته پيڪاڻي گهر مان به 'ڪانُ ڪي لُٽَ ۾ مزو' جيان پينر پاڇايون به ور ور ڪري اچي ڦيرو ڏيئي ٿي ويون. جيسين وڃي گهوٽ لائون لهي ڪرهو ڪاهي، هُن ڪي سيف سان ملڻ ڳالهائڻ جي ڪا مهلت ئي نه هئي . مڙس جو ويجهو دوست هئڻ ڪري ان ڪاڄ ۾ ته هو تهائين هن جو ٻانهن ٻيلي ٿي ويو. ذري پرزي ڪم لاءِ پاڻ سان گڏ ڪيس به ڪنيو ڪنيو ٿي هليو. ڏيرن به ساڳي ڪار ڪندي واندو ويهڻ ئي نٿي ڏنس، گهر ۾ ايندي ويندي به هو ڄڻ شيري لاءِ ڏنو ڏنو ٿي پيو. هن کي به ساڻس ڳالهائڻ جي نه هئي پرائيويسي نه وقت، سارو ڏينهن نراٽن، ڏيرياڻين ۽ سندن ڏيئرن سميت شاپنگ پويان رُل رُلان ۾ ئي پوري ڪانه ٿي پئي پر وجهه ملندي ئي سيف اڄ رات ڪيس فون ڪرڻ جي سخت تاڪيد ڪئي. گهر ۾ فلمي گانن ۽ دهل جي وڄت تي نينگرين ڇئن ڏينهن کان پوءِ ٿيڻ واري مهندي توڙي شاديءَ ۾ ڊانس جا ڪرتب ڏيکارڻ جي پريڪٽس پئي ڪئي ، هو جا اڳ ئي موقعي جي تاڙ ۾ هئي سا گت ڏيئي، ڳاڙهن پردن، دبيز غاليچن ۽ قيمتي فرنيچر سان سينگاريل پنهنجيَ من موهڻي ڊرائينگ روم ۾ سيف کي فون ڪرڻ لاءِ هلي آئي، هو به هڪيو تڪيو هن جي اوسيئڙي ۾ ويٺو هو. منو ڪلاڪ رومينٽڪ گفتگو جي ڏي وٺ ۾ وڃائجي وڃڻ کانپوءِ اوچتو شيري کي وقت جو احساس ٿيو:

"ٻارنهن ٿيڻ تي آهن....."

"ته پوءِ سمهي رهون پاڪي پائي....؟"

"ته ڇا تو اڄان مونکي پاڪي نه پاتي آهي!"

"تون ويجهو ئي نٿي اچين، مان اڪيلو ڪمبل ۾ پيو آهيان."

”سمجهه تہ مان توسان گڏ ڪمبل ۾ ستي پئي آهيان...“
”توکي ڏسان تہ روز ٿو پر تون مصروفيتن ۾ ايڏي تہ گهيرجي وئي آهين جو پر ۾ ئي نٿي ويهين....“
”تون وري کهڙو واندو آهين... سچو ڏينهن تہ اختر جي لٺ ٿيو هلين.“
”چا ڪريان ليلٰي کي ماڻهن لاءِ ڪتو تہ ٿيٽو ئي پوندو آهي. سو ٿيو پيو هلان مڙسهين جو. پر ڏس تنهنجي فون لاءِ اڄ مان سوير ئي جند ڇڏائي گهر اچي ويس.“
”پر هاڻي جيسين گهر ۾ مهمان آهن فون نہ ڪنداسين.... مان پاڻ ئي دل ۾ سوچيندس ۽ تنهنجي پاران جواب بہ پاڻ ڏيندس، ساڳي طرح تون بہ پنهنجي سوال جو جواب منهنجو جواب سمجهہ... دل جي ڪائنات ڏاڍي وسيع آهي... آزاد.... خبر اٿئي تنهن ڏينهن دل ۾ توکي خوب گاريون ڏنم، تڏهن وڃي هانءُ هلڪو ٿيو...“
”مان انهن گارين کي چڱي طرح ڄاڻان ٿو“
”معنٰي تہ ...؟“
”معنٰي تہ پيار ڪيو هونديءَ...“
”چڱو هاڻي بہ ٿي موڪلائڻ مهل ڏي... ڪيترن ڏينهن کان نہ ڏنيون اٿئي.“
لڳاتار چمين جا آواز هن جي ڪنن سان ٽڪرائڻ لڳا تہ نخري مان دانهن ڪندي چيائين،
”بس بس تو تہ مِنين جو مينهن وسائي ڇڏيو.... هاڻ مونکان نہ وٺندين“؟ ايئن چوندي هن ٽي چار هوائي چميون ڪيس ڏنيون تہ گڏ جذباتي انداز ۾ ان جي تشريح بہ ڪندي رهي....
”انهن مِنين مان مان هڪ منهنجي جاءِ، تنهنجي پيشاني لاءِ... ٻي جاءِ تنهنجا ڳل.... تنهن بعد منهنجي جاءِ تنهنجا هٿ، جيڪي مونکي ڏاڍا وڻندا آهن.... منهنجي جاءِ تنهنجا پير... ۽ باقي پوءِ هر هنڌ“.... ان جذباتي ۽ هيجاني گفتگو ڊسمبر جي سرد ماحول کي ٻنهي پاسي هيٺر جيان گرمائي ڇڏيو. ڪيس تڙپندو ڇڏي هوءَ يڪدم رفيعہ جو نمبر

گهمائڻ لڳي. جيئن ئي هن رسيور کنيو ته شيري هوريان چيس:

”الا سوير کان يڪو سيف سان پئي ڳالهايم توکي بي وقتو انڪري فون ڪيم ته جيئن ساهرا سمجهن ته ايڏي دير زيورن وغيره جي باري ۾ پئي توسان ڳالهايو هوندم“

”ڪوئي آيو آهي ڇا؟“

”هن مهل ته نه، پر به پيرا نراڻ ۽ وڏي ڏيرياڻي ڏسي ويون اٿم. وري به ڪير اچي سگهي ٿو. تنهنجي نند ته نه ٿنايم؟“

”نه يار، فريد اڃان گهر آيو ئي ڪونهي ان جي انتظار ۾ ويٺي جاڳيس...“ هن مرڪ لاءِ چيو.

”ماڻس ڪيڏانهن وئي جو تون پئي جاڳين...؟“

”يار ان جي پريشاني ته تهائين ماري وڌو آهي....“

”ڇو؟ راتو رات ڪنهن سان ڀڄي وئي ڇا پوڙهي .....“

”الا ڇڏ مشڪري!مان هن جي ناچاڪيءَ سبب پريشان آهيان.“

”تون وري ڪڏهن کان فرمانبردار نُنهن ٿي آهين، مان ته نوابن وانگر رهندي آهيان. مون ته پنهنجي سس کي ڪڏهن چانهه جو ڪوپ به ناهي هٿ ۾ ڪونه ڏنو آهي. نوڪر چاڪر آهن، پاڻهي پيا خدمتون ڪن....“

”بيوقوف ايترو به نٿي سمجهين ته هن جي ناچاڪيءَ جي ڪري گهر جي سڄي ذميداري منهنجي نازڪ ڪنڌ تي اچي پوندي.... تو جيان فل ٽائيم ته مون وٽ نوڪر ناهن... پارٽ ٽائيم ٻِنِيون نوڪرياڻيون ته روز پيون بدلبيون آهن.... تون ته ڄاڻين ٿي هڪ ڏينهن به گهر مان ٻاهر جو چڪر نه هٽان ته هوند ڇري ٿي پوان ۽ مون وارا عاشق سڳورا به ماڳهين پريشان ٿي ڳوليندا در تي اچي پڄندا.“

”بي ايمان ڪڏهن ته گهر ۾ به ويهندي ڪر، رولاڪ مردن جيان سڄو ڏينهن پئي هرڻ جهتيندي وتين.... پوڙهيءَ کي شڪ پيئي ته سر رولي رکندئي.“

”پڏوس! اها ٿي سر رولي، حالي ته مون واري سڪليندي مهراڻ ئي مِٽي مردار ڪري رکي اٿس... سارو ڏينهن تو نوان نوان انگل ڪٽائيس ۽

تيسا ڪيو تپائيس“

”هيڪاندا لاڏ ڏيئي ڪاريو به تہ پاڻ هوندائين“

”پيو نہ تہ، آهي ئي هن جي بلي“

”تڏهن تون بي فڪر ۽ ڇڙواڳ ٿيو گهمندي وتين“

”اهوئي تہ وقت اٿم آزادي ڇوڙڻ ماڻڻ جو.... جيترو وڏو ٿي اُلر ڪري مارڻ اچي، تيترو تہ گهمي ڦري عيش ڪري وٺان... بابر بہ عيش ڪوش ڪي عالم دوباره نيست“

”ڇتي اچي ٿي آهين ڏيسان، اڄ سوڏو مڙسهين اُلر ڪونہ ڪري سگهيو باقي پٺهين جي خوف اچي ورايو اٿئي“

”مڙس پراڻي ماڊل جو اٿم، ان جي مغز جي ايڏي رينج ناهي. پٽ ڪمپيوٽرائيزڊ ايج جو ماڊل آهي. مشيني مغز اهڙا تہ تيز ٿي ويا اٿن جو اسانجي پڄڻ جي جاءِ ناهي. آڏيون پڇائون ڪري ماڳهين تنگرائي وجهيم!... جيسن آءٌ چاليهہ عقل پيس ٿالهيءَ واري عمر تي پهچان تيسين هي اڳ ئي اهڙو ذهن رکيو وينو آهي! هاڻ تہ اهڙيون ترقيون ٿي ويون آهن جو ڊپ ٿو لڳي ان ڏينهن کان تہ دل ۾ سانديل راز ۽ پلينگون نہ اڳلو ڄاڻي وٺي ....“

”وڏي ڪا دور انديش حرامڙي آهين...“

”نيٺ تنهنجي دوست جو آهيان....! ڇا خيال اٿئي دبئي فيسٽول هلجي؟ هلين تہ انجوائي ڪيون، منهنجو پروگرام ٺهي پيو.“ رفيعہ چيو.

”پر ڪنهن سان ؟“

”بظاهر تہ اڪيلي آهيان... باقي تہ سوَ سلامي نڪري ايندا.“

”آءٌ وري ڪٿي ٿي توکي اڪيلو ڇڏيان....“ شيري لاڏ واري لهجي ۾ چيس. ”اصل ڪونہ ڇڏيندي ماڻ اڪيلو. تون ٻارڙي ناسمجهہ نادان، منهنجي نظر داري ضروري اٿئي! متان ڪو اُٺ مهاندو عرب جبي ۾ لڪائي پڄائي نہ وڃئي.“

”جُبي ۾ ٿو لڪائي جو بس! آءٌ بہ پڄڻ جوڳي آهيان“.

”ڇڱو هاڻ ڪيئن بہ ڪري منهنجي ويزا وٺ. هتان گڏ هلي، ايئرپورٽ تي الڳ الڳ ٿي ويندا سين پوءِ واپسيءَ ۾ وري گڏجي

ڪن"

" هلا اٿئي چالاڪ لومڙي.... " رفيعہ سندس مسئلو سمجهندي فون بند ڪيو تہ ٻئي ڏيرياٽيون بنگلي جي پوئين پڌر واري چڪون ڪيرايل، ڪوسڙي وراندي ۾ اچي وينيون جتي خاندان جي بزرگن آڏو نينگرين ڍولڪيءَ تي ڏاندیا ڏانس جا نچڪا پئي ڪيا.

▲▲▲

سنجها ويل رمل ۽ منعم، پقيءَ عظمت سان گڏ گرين تي مان کوسا ڏُڪ پريندي لائونج ۾ ويٺي اوپاريون لهواريون ڪيون جو در تي بي ڍنگي نموني ڪار جو هارن پڌي حيرت مان هڪ ٻئي ڏي نهاريائون. ٻَل رکي وري ساڳيو هارن وڳو تہ جيما زرينا کي ٻاهر ڏسي اچڻ لاءِ چيو جتي منعم جي ڏير کي ڏسي هن جون ڪن تائين واڇون ٽڙي پيون ۽ ڪجهہ ڪيڻ پڇڻ بنا ڊڪندي اچي اهڙو اطلاع ڏنائين.

”چوري پوءِ اندر وني اچينس ها. ڪو غير تہ ڪونہ هو. “ ڪوماٽيل جيما ۾ چڻ خوشيءَ جي لهر جاڳي پئي تہ منعم جي منهن تي بہ آس ۽ اُميد جي وچ ۾ لرزندڙ تاثرات اُڀري آيا پر رمل جي سمجهائڻ ۽ دلدارين جي اثر هيٺ اچڻ ڪري اکر نہ اڪليو تيس. پقيس گوڏا جهلي اٿڻ جي ڪئي تہ رمل روڪيندي چيس:

”جيما تون ترس، مان ٿي ڏسان“.

”امان تون ماٺ ڪري ويهہ. متان وٺڻ آيو هجيس، اجايو ڳالهہ نہ ڦٽائي“

”جي ايئن ئي ڪيس جهنم ۾ واپس موڪلڻو اٿئي تہ پوءِ باقي مون ڌوڙ پاتي جو ڪيس وني آيس“ رمل جي چينہ ٻُڌي جيما جتي هئي اتي ڄمي وئي، جڏهن تہ رمل تهائين. اعتماد مان پورچ ڏي وڌي ۽ گيٽ کولي ٻاهر ايندي پڇيائين،

”جي .... فرمايو؟“

”ڀاڀي کي وٺڻ آيو آهيان.“ نعيم ڪار ۾ ويٺي ئي چيو.

”ڪهڙي ڀاڀي؟“

”چا مطلب؟“ هن ٿورو ترشيءَ سان چيو. ” اسانجي ڀيو وري ڪهڙي.“

”ڀاڀي چئي چو ٿو وات وڃائين. چئو تہ اسانجي نوڪرياڻي،

زرخريد ٻانهي... گولي!"

"بهرحال جيڪو بہ سمجهو آءٌ ڪيس وٺڻ آيو آهيان، سندس ٻارن امان کي سخت پريشان ڪري رکيو آهي."

" معاف ڪجو اهي ٻار رڳو سندس نہ پر توهانجي پاءُ جو بہ ڏوهہ آهن. نپائي سگهو ٿا تہ نپايو نہ تہ وڃي بلقيس ايڌيءَ واري پينگهن ۾ اڇلي اچو"

"رمل تنهنجا اهي نمونا صحيح ناهن .... هٿن سان پنهنجي پيڻ جو گهر پئي برباد ڪرين"

"خدا نہ ڪري جو منهنجي پيڻ جو گهر برباد ٿئي، هو پنهنجي گهر ۾ نهايت سڪون ۽ آرام سان ويٺي آهي. نوڪرياڻين جيان نہ پر راڻين جيان... باقي ائين چئو تہ هن بنا توهانجو گهر پيو رلي برباد ٿئي"

"مونکي پاپي يا ڦقوءَ سان ملائي آءٌ تنهنجي ٻڪ ڀڏڻ ڪونہ آيو آهيان...؟"

"Mind your languge تو سان ملڻ لاءِ ڪوئي تہ ايندو، منعم جنهن جي امانت آهي تنهن جي اچڻ ڪانپوءِ ئي ڳالهيون ٿينديون"

"تون ڏاڍو غلط پئي ڪرين رَمل." هن ايڪسليٽر کي زور سان دٻائيندي تيز لهجي ۾ چيو ۽ گاڏيءَ کي چيڪاٽ ڪڍائي روانو ٿيو. جڏهن تہ هوءَ ڪا دير اتي ئي بيٺي رهي ۽ تازي هوا ۾ گهرا ساهہ جهٽي پاڻ کي جڻ ريفريش ڪيائين. اندر آئي تہ جيما ۽ منعم ٻئي ماٺ هيون. منعم جي اکين ۾ ترندڙ خاموش لڙڪ هن کان لڪي نہ سگهيا، جن ۾ خبر ناهي تہ التجا هئي يا ڪو احتجاج. هن سندس ڀني ڀرپنڌي چيو،

"منعم تون حوصلو نہ هار، ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جو انتظار ڪر"

"رمل تون نٿي ڄاڻين تہ تنهنجي اِها ضد مهنجي ٻارن جو سر وڃائي سگهي ٿي"

"سر ٿو وڃي جو بس! اهي بہ تہ ٻار آهن جن کي مائرون جنم ڏيئي مري وينديون آهن، تڏهن بہ ڏڪا ٿاٻا کائي پلجي پوندا آهن. ها

ايئن چئو تہ پنج ٻار ٻڪريءَ ۾ پوڻ ڪري سندن سر رلندا. ٿج پياڪ تہ ٻڪريءَ جو کير پي بہ زنده رهندا."

"توکي ٻار ڪونهن تڏهن تي اهڙيون ڳالهيون ڪرين"

"ٻار ناهن تہ چا ٿيو. حالي مونکي انهن جي ضرورت بہ ناهي. جي ضرورت پئي بہ تہ پاٽڪي ڪنهن جي چونٺ تي سڄي عمر لاءِ بي عزتي سهڻ ڪاڻ گروي ڪونہ رکندس. ايڏو حوصلو مون ۾ آهي"

"مان تنهنجي جُتيءَ ۾ پير نٿي وجهي سگهان...." منعم خفي ٿيندي وراڻيو.

"رمل هاڻ ڪلمو پڙهہ. اجائي ضد نہ ڪر. اُتي منهنجي ڏاهي ڏيءَ. چڏي اچ وجي پيڻ ڪي ... چار ڏينهن تي ويا آهن!" جيما چيو.

"چار مهينا ڏهہ ڏينهن تہ ڪونہ ٿيا آهن ..."

ويرم ئي نہ گذري جو وري ڪار اچي در تي نڪاءُ ڪيو جنهن مان منعم جي سس ۽ مڙس. ٻارن جي راڙو راڙ ۾ رومڙ ڪندا ٻاهر آيا. زرينا آٿي کين اندر ويهاريو .

جيما. منعم ۽ رمل جتي وينيون هيون اُتان چريون ئي ڪونہ. ٻار ڊوڙي وجي ماءُ کي چنبڙيا باقي سو نندڙي ڏاڏيءَ جي هنج ۾ ۽ ٻيو ٻار پيءُ جي ڪچ تائين محدود رهيا.

" هي سڀ چا آهي رمل. مان ٻنپهرن جو ڪوئيتا مان گهر پهتو آهيان. هي کهڙي مشڪري ڪئي اٿو؟"

"توهان ڪوئيتا جون هوائون ڪائيندا رهو باقي منهنجي پيڻ اِتي بي موت مرندي رهي"

" هوءَ رڳو تنهنجي پيڻ ڪونهي. منهنجي سئوٽ. زال ۽ ٻارن جي ماءُ آهي. جيتري توکي پياري آهي ان کان وڌيڪ مونکي."

تڏهن چاچيءَ جي عتاب ۾ مهين جا مهينا ڦتو ڪري ويندا آهيوس. مان تہ ايترا سال ٻاهر رهيس ڪا خبر نہ چار. جيما کان سندس حال پڇندي هئس تہ اها بہ مونکي پرديس ۾ ڪجهہ ٻڌائڻ کان لنوائيندي هئي. سدائين پئي رڳو چوندي هئم تہ پيٽين خوش وينی آهي. ڪڏهن جي فون ڪريانس تہ محسوس ٿيندو چڻ هيسجو وجي. نلهو

ڪري چڪي آهي. هاڻ اُچل جيترا پتر اُچلئا اٿئي."

"چا پئي چئين رمل، هوش ۾ تہ آهين"؟

"مونکي بہ جي پاڻ وانگر نشي ۾ بيهوش ٿا سمجهو تہ پوءِ ماءُ کان پڇو تہ چا چيو هئائين"؟

" ابا اِها تہ اصل نڙيءَ مان ٿي جهلي، ڳالهہ جو ڪنيو ڳاتو وٺي، انسان خطا جو گهر آهي ڪنوار کي وٺيو پئي وئي تڏهن ڪٽي چڙ مان ائين چيم." اهو ٻڌي هن ماءُ جو پاسو ڪٽندي چيو.

" امان تہ اسانجي وڏي آهي، بزرگ آهي.... ان کي ڪجهہ بہ چوڻ جو حق آهي تون تہ هوشمند جرنلسٽ آهين توکي چا ٿيو آهي."

"تڏهن تہ هوش آيو اٿم، دير سان ئي سهي .... توهان ئي ٻڌايو تہ چا زال جي زندگي جو رڳو اهو مقصد آهي تہ هو ساهرن ۾ قيد ٿي مڙس جي واپسي جي انتظار ۾ سُڪ ٿيو وڃي هجي، جتي ڪيس پيار ۽ تحفظ بدران رڳو طعنا مهٽا ۽ ڏجها سهٽا پون.... هر هر احساس ڪمتري ۾ ٻڌل اهو احساس ڏياريو وڃي تہ هي گهر تنهنجو نہ اسانجو آهي! تہ ادا هيءَ تہ توهانجي پنهنجي سڳي سئوٽ آهي، خبر ناهي پراين ڌيئن سان ماڻهو ڪهڙا حال ڪندا هوندا. توهانکي شايد خبر ناهي تہ مڙس جو مطلب عورت لاءِ تحفظ آهي. منعم هڪ غير محفوظ ماحول ۾ ڪيئن ٿي زندگي گذاري سگهي".

"مونکي هاڻي اهڙي تحفظ جي ڪائي گهرج ناهي" منعم پنهنجي مسلسل وهندڙ گونگي ڳوڙهن تي قابو پائيندي پهريون ڀيرو زبان کولي. منجهس پنهنجي حق ۾ ڳالهائڻ وارو اعتماد اچڻ لڳو...

" چا مطلب!؟" عظيم حيرانيءَ مان پڇيو.

"مطلب تہ مان هاڻ ٻيهر اِن جيئري جنهم ۾ ڪونہ ويندس"

" پوءِ ٻارن جو چا ٿيندو؟"

"توهانکي منهنجي گهرج ئي ٻارن لاءِ آهي" .

" ايئن ناهي منعم، تون نٿي سمجهين... هرو ڀرو ڳالهہ مان ڳالهڙو ڪري ماڻهو نہ ڪلائي" عظيم نرمي مان چيو تہ حرمت بہ سِنگهہ سُٽڪندي سُر ملايو.

" ها امان، هاڻ سدوري ٿي... ڇڏ پڇر تڪرارن جي ، تقدير جا فيصلا اشراف نياڻيون اکيون پوري قبول ڪنديون آهن ته وري ان سان ڳن به اهڙوئي ڏينديون آهن ."

" هاڻ تقدير منهنجا فيصلا نه ڪندي، مون ۾ پاڻ پنهنجا فيصلا ڪرڻ جي جرئت پيدا ٿي وئي آهي."

"اِها تون نه پر رمل جي چابي پئي ٻولي!" حرمت اوقات تي ايندي چيو.

" ڇا ٻه ڪٿي سمجهو... هي گهر منهنجو آهي، سهري جو ناهي جتي مونکي اٿندي ويهندي طعنا ڏجن. عظيم جي چاهي ته اِتي رهي ٿو سگهي، جي نه ته مونکي الڳ گهر وٺي ڏي باقي مان پنهنجي ساهرن سان نه رهندس.... نه نوڪرياڻي ٿيڻ لاءِ نه ئي ٻارن جي تربيت برباد ڪرڻ لاءِ"

ڪا دير ماٺ ڇانئجي وئي جيڪا ڀڃندي رمل ڏيرج مان پڇيو،

" پوءِ ڇا خيال آٿوَ؟"

ان سوال تي عظيم ڪا دير رمل ڏي نهاريندو رهيو، پوءِ وڏي ضبط مان منعم ڪان پڇيائين،" ته ڇا اهو تنهنجو آخري فيصلو آهي؟"

" ها، بلڪل آخري" منعم وراڻيو. " پر اوهين مائٽن ڪان ڌار نٿا رهي سگهو ته بيشڪ پنهنجا ٻار ڪٿو ءِ ڪين پاڻهي سنڀاليو، نڀايو ءِ تربيت ڪريو. هاڻ هي زمانو ٿن ٻترن جي ڌهڪاءُ ۾ گونگي ڳانءِ ٻنجي زندگي گذارڻ جو ناهي. توهانکي پنهنجي ماءُ جي عزت آهي ته مان به نيٺ هڪ ماءُ آهيان، توهانجي ٻارن جي... مون سان ساڳي ئي گهر ۾ غلط ورتاءُ چو ٿئي. توهان پنهنجو هتي ٽرانسفر ڪرايو، نه ته مونکي به وٺي هلو پاڻ سان ..."

"ابا تون پنهنجو گهر نه ڦٽائي، هي گهر وري ٻه ته چاچي جو گهر اٿئي. جيڪو اڄ به تنهنجو سياڻي به تنهنجو، ڇڻ ڪير وهي پٽ ۾ پيو! توکي کهڙو عيب ٿيندو"

حُرمت وري به پنهنجي حرفت کان باز نه ايندي لت مٿي رکي.

"ڇگو سائڻ هاڻ ڪاوڙ ڇڏ... جيئن تون چونديءَ، تيئن ئي

ٿيندو... جتي مان أتي اوهان... هاڻ گهر هلي ڪوئيتا لاءِ تياري ڪريو.... بس! هاڻ تہ خوش نہ؟ "عظيم وس پڇندي ڪيس راضي ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي تہ رمل ۽ منعم هڪ ٻئي ڏي نهاري مُرڪي پيون.

"جيڪو مُڙيو سو جُڙيو!"

حالتن کي جائتو ٿيندو ڏسي جيما بي اختيار خوش ٿيندي چيو، جنهن بعد ياسيرو تي زرينا کي ڪجهہ آٽڻ لاءِ چيائين، جيڪا لونهہ پائي جهٽ ڀربوتلون ۽ بسڪيٽ تري ۾ سجائي کڻي آئي. منعم هَر هر پنهنجي ٻارن کي منيون ڏيئي چاتيءَ سان تي لاتو. عظيم، ٽج پياڪ نندڙا سندس حوالي ڪيا. جن کي ٽج ڏيڻ لاءِ کٽي هوءَ ڪمري ۾ هلي وئي.

" ادي عظمت، هاڻ تون بہ رمل کي 'هائو' ڪرائي تہ نعيم بہ اڱو پوءِ اِتي ئي اچي ٿائينيڪو ٿئي..."

"ياچائي آءُ هٿ تي ٻڌئين، وري اِهو ذڪر نہ ڪجانءِ!"

▲▲▲

شيري جي هر هر گهر اچڻ لاءِ زور ڀرڻ تي اڄ نيٺ دل من هٽي هٽي رمل پاڻ راضي ڪري ورتو. لنچ بريڪ دوران آفيس مان ٽڪڙو ڪم اُڪلائي، ڪيس فون تي پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏئي، ڏس پتو پڇي هو رمندي رهي. سندس گاڏي ڊفينس جي رستي تي ڊوڙندي شيري جي گڙنگ بنگلي آڏو اچي بيٺي جتي چوڪيدار سان گڏ ڇهل قدمي ڪندڙ خوبصورت رَشين ڪتي ڀونڪار ڪري چڻ سندس آڌر ڪيو.

رمل جي اچڻ جو ٻڌي شيري پورچ تائين ڊڪندي آئي.

”او واٽ اِنائيس سر پرائيز! يقين نٿو اچي ته تون اچي وئينءَ، توکي چُمان يا تنهنجي گاڏيءَ جي ڦيٿن کي جيڪي توکي مون تائين وٺي آيا آهن.“

”هاٺي گهٽي مجنون نه ٿي...“ رمل چيو ۽ ٻئي ڪلندي گهر اندر داخل ٿيون. وينيون مس ته ساک به اسڪول جو يونيفارم بدلائي فريش ٿي، ماءُ جو پاسو وٺي اچي ويٺي ۽ مرڪي مرڪي رمل ڏي نهارڻ لڳي ته هن سندس ڳل جهڙو گلابي ڳل ٿپٿپائيندي چيو.

”هيءَ ته ننڍڙي شيري آهي، صفا تو جهڙي“ هوءَ تهائين خوش ٿي لڄاري مرڪ مرڪڻ لڳي ته ويتر پياري ۽ وڻندڙ ٿي پئي.

”جي تماشو ڏسڻو هجئي ته چئيس ته صفا پنهنجي نانيءَ مهانڊي آهي پوءِ ڏس ته ڪيئن نه چڙيون هٽي ٿي روئي....“

”پوڙهي هوندي انڪري نه؟“ هن ڪلندي ساک کان پڇو ته هن لڄاري مرڪ مرڪي هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو...

”اڇا اڇا ٺڌهن! پر بيبي تنهنجي ناني به ته جوانيءَ ۾ ضرور سهڻي هوندي تنهنجي ماءُ جيان ... هاڻ ويچاري پوڙهي ٿي وئي ته ان ۾ ڀلا هن جو ڪهڙو ڏوه... تنهنجي ممي کي به ته نيٺ پوڙهو ٿيڻو آهي... پوءِ تون پاڻ کي ڪنهن جهڙو سڏرائيندين؟“ جواب ڏيڻ بدران

هوءَ شرمائجي ڊوڙ پائي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي...

ان دوران ٻاهران ڪان اَختر ٻـ پريان ئي شيريءَ کي سڏيندو اچي پهتو. هوڏانهس وڌي آئي تہ چيائين :

”شيري جلدي سان منهنجو بيگ ناهي وٺ مونکي ڇئين بجي واري فلائيٽ ۾ اسلام آباد وڃڻو آهي.“

”ڪاش هڪڙو ڏينهن اڳ ۾ ٻڌايو ها تہ مان ٻہ هلي هلان ها.“

”بزنسَ ٽرپ تي پيو وڃان آفيس جا ماڻهو گڏ اٿم. توکي وري ڪٿي گهليندو هلندس. جتي وڃان پويان لڙڪيو پئين چڻ ڪجهہ ڏنو ئي ڪونہ اٿئي، جيڏانهن گهمڻو هجئي پاڻهي وڃي گهمندي ڪر. آءُ ڪو پڪ نڪ منائڻ ڪونہ پيو وڃان...“

”الا ايڏو ليڪچر تہ نہ ڏي مون بس ڪئي! آءُ وري ڪهڙو تي هليس مڙئي توکي پئي تپايم... ڏسو تہ مون وٽ ڪير آيو آهي...“ هن پريان صوفا تي ويٺل رمل ڏي اشارو ڪندي چيو.

”هلو.“ هن ويجهي ايندي چيو. ”جيڪر مان غلطي نہ پيو ڪريان تہ يقيناً اوهين ٻيڻ رمل آهيو.“

”يقيناً!“ هوءَ تعظيمن اٿي بيٺي.

”ويهو ادي ويهو...، “ هن ڪيس ويهڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ ٻہ سامهون رکيل صوفا تي ويهندي چيائين، ”شيري وٽان مون توهانجو ايڏو تہ ذڪر ٻڌو آهي جو توهان لاءِ هڪ اميج قائم ٿي ويو هو ۽ خوشي اٿم تہ هوبهو ان مطابق ئي آهيو... روبيسٽ. سمارٽ ۽ چارمنگ پرسنلٽي!“

”بس بس هاڻ گهڻو ٿيو.“ شيري مڙس کي ڇيڙيندي چيو. ”سيئي لفظ ان جي ساراهہ ۾ ئي پورا ڪندا ڇا؟ ڪي تہ منهنجي لاءِ ٻہ بچائي رکو.“

”ها. اجان لفظن جي ڪجهہ پوپر باقي اٿم ساتو لاءِ پاسيري رکي آهي.“

اهو ٻڌي پئي کلڻ لڳيون. شيري بورچيءَ کي هڪل ڪندي چيو. ”سبزل تون جلدي سان ماني لڳرائي وٺ. صاحب کي دير پئي ٿئي.“

رمل ۽ اختر جي پاڻ ۾ رسمي ڳالهہ ٻولهہ جاري هئي تيسين شيري

بئيگ ناهي ورتي. ماني کانپوءِ اختر سائڻ موڪلائي روانو ٿي ويو. ساڪ سمهي پئي، جڏهن تہ رمل ۽ شيري چانهہ پيئندي ڪچهرين ۾ لڳي ويون...

" ڪيئن لڳئي منهنجو اختر" هن اکين ۾ چمڪ آڻيندي پڇيو.

"سٺو مڙس، سٺو پيءُ ۽ سٺو انسان... پر جيئن تہ اها منهنجي پهرين ملاقات آهي انڪري وڌيڪ يقين سان ڪجهہ نٿي چئي سگهان.... پر لڳي ٿو تون منجهانس مطمئن ناهين..."

"وري شروع ڪيئي پنهنجي تفتيش."

" ها، ڪرڻي تہ پوندي، تنهنجي بي راهہ روي، پين مردن ۾ هيڪاندي دلچسپي ڪجهہ سوچڻ تي تہ ضرور مجبور ڪندي نہ"

" ڏس رمل، ڪابہ شيءِ ڪوبہ جذبو دائميت نہ رکندو آهي. اسان رڳو مطمئن ٿيندا آهيون... الائي ڇو وقت ۽ حالتون رَوين ۽ محبتن ۾ ٺڏاڻ آڻيو ڇڏين... اَختر منهنجو پيار آهي... عشق آهي... بلڪ جنون آهي، يا شايد هو... اسان پيار جي شادي ڪئي، سڀ ڪان خوشقسمت سمجهڻ لڳا هئاسين هڪ ٻئي کي.... انتهائي مطمئن... پر دنيا جون مصروفيتون ۽ وٺ وٺان ماڻهوءَ کي ڏينهون ڏينهن هڪ ٻئي کان دور... جذبن کان عاري ڪيو ڇڏين. هن مون لاءِ تہ دنيا جي هر آرائش آندي، پر پاڻ کي مٽيريلسٽ دنيا ۾ وڃائي ڇڏيو.... بظاهر تہ هو اسان لاءِ ئي سڀ ڪجهہ ڪري پيو پر هو خود ڇڻ ڪٿي بہ ڪونهي.... پنهنجو پاڻ ۾ بہ ناهي."

رمل پنهنجي آرٽسٽڪ هٿن ۾ ڪاڏي رکي ڪيس ڏيان سان ٿي ٻڌو.

"اهو سچ آهي ۽ ان حقيقت جي سيني کي خبر آهي تہ مان هيٺين ڪلاس مان آئي آهيان پر ان هوندي بہ اڄ بي انداز دولت منهنجي لاءِ ڪا ڪشش نٿي رکي... هي ڏس منهنجون ٻانهون..." هن پنهنجون ٻڻيون ٻانهون ڏانهس وڌائيندي چيو. "هيڏو وڏو انڊسٽريلسٽ آهي منهنجو مڙس، چاهيان تہ ٻئي ٻانهون نونڻن تائين هيرن جواهرن ۽ سون سان جرڪائي ڇڏيان پر منهنجي پهرين ضرورت پيار ۽ صرف پيار آهي... ٿورڙي توجهہ آهي... ذهني ۽ جذباتي هم آهنگي آهي... جيڪي

هاڻ اختر وٽ ناهن رهيون. آئون بہ ڪتان آٿيان فسٽ نائيٽ وارا اِموشن ۽ گرم جوشيون ساڳي مڙس لاءِ .... اسانجو رشتو پڻ زال مڙس جي فارملٽي ۾ قيد ٿي وڃڻ ڪانپوءِ پنهنجي معنيٰ وڃائي وينو آهي..."

"تنهنجون سوچون پاراٽيون ۽ احمقاڻيون آهن،"

"شايد تون سچ ٿي چئين رمل، مان ٿي چري آهيان پر ڇا ڪريان منهجو بهرحال پيار بنا گذارو مشڪل آهي. جذبن کان وانجهيل بڻجي ڪنهن روبوٽ جيان ٿي رهڻ مونکان نہ پڄندو. پنهنجي فطري جذبن جي تسڪين لاءِ ٿوري گهڻي فلرٽيشن جو گيم تہ ڪيڏٿو پئي ٿو نہ تہ هيلتائين جيڪر ڪڏهوڪو گهٽجي بوساٽجي مري وئي هجان ها."

"شيري تنهنجي درد ڀري ڪهاڻي ٻڌي مونکي الائي ڇو ان ناشڪري عورت واري ڳالهہ پئي ياد اچي جيڪا مڙس جي پٺن تي سوار ٿي پاڙي مان چلم لاءِ ٽانڊو وٺڻ نڪتي تہ 'ڏکيءَ کي ٽانڊو ڏيو!' رمل ماحول ۾ گلابن جهڙا ٽهڪ وکيري ڇڏيا تہ هن سنجدگيءَ مان چيس،

"تون ڀلي مون تي کِلون ڪر. اجان شادي واري تعدي ڪونہ ٿي اٿئي نہ تڏهن پئي ڏند ڪڍيو کلين. جڏهن بقول تنهنجي ان فضول رسم جي ور چڙهندينءَ پوءِ پڇندي مانءِ تہ 'حال ڪيسا هي جناب ڪا...'

"اهڙي جواب طلبي واري ڪارروائي ڪرڻ جي توکي ضرورت ئي محسوس نہ ٿيندي جو منهنجو اهڙي ڪوهہ ۾ ٽپو ڏيڻ جو هرگز خيال ناهي، جنهن جي پٺن سان ويهي پوءِ مٿو ٽڪرائجي."

"معني تہ سڄي عمر Nun ٿي گذاريندين؟"

"Nun جي ڳالهہ ناهي. آءُ ايئن نٿي چوان تہ ڪو سٺي ساوتري ٿيو مالاجپڻ ويهي رهندس پر مان گهٽ ۾ گهٽ ڪنهنکي تو وانگر دوکو نہ ڏيندس. جڏهن ڏسندس تہ منهنجا جذبا يا امنگون رخ موڙي رهيون آهن تہ آءُ ساٿ ڇڏي ڏيندس. تون تہ مڙس کي دوکو پئي ڏين! نڪاح جي ڍڪ جو فائدو پئي وٺين. هونءَ بہ جنهن ڳالهہ جو اسانکي خوف ئي نہ بلڪ يقين هجي سا ڪجي ئي ڇو؟ پنهنجو پيار ماڻڻ لاءِ، سر ترِيءَ تي رکي ڀلي ڪٿي ڪيڏيون ئي بغاوتون ڪجن، پر جتي ان 'جنون' کي قانوني حيثيت ملي، اُتي خاندانن ۽ ٻين مسئلن ۾ ڦاسجڻ

ڪانپوءِ پڻ چٽن ڪي هڪ ڪرڻ وارو پُرڪشش جذبو سرد خاني ۾ دفن ٿيو وڃي…“

”مجموعي طور تہ تون صحيح آهين پر انفرادي سطح تي اِنکي تنهنجو وهم ۽ ذهن ۾ وينل پراڻو خوف بہ چئي سگهجي ٿو.“

”هلو منهنجو وهم ئي سهي، پر معاشري جي بدلجندڙ حالتن کان ڇا تون اجان بي خبر آهين… چوڌاري وحشتن دهشتن جا راڄ آهن… اخلاقي قدرن جا جنازا آهن، بي رحمي ۽ پٽ ڪوهہ واريون حالتون آهن. هرڪو پنهنجي فعل ۾ فيل مست جيان آزاد ٿيو هلي، سهپ ۽ صبر بنھ ختم ٿيل. عقل مت شرم الائي ڪٿي نهوڙجي غرق ٿي ويا، هر پاسي حرفت بازيون ۽ وک وک تي پنهنجي مفاد لاءِ ڪجھہ بہ ڪري سگهڻ وارا انتهائي قدم…! هي تون اخبارون نہ پڙهندي آهين روز جا پريمي جوڙا سر جو سانگو لاهي گهران ڀڄي، اخبارن ۾ فوٽا ڇپرائي، مائٽن جي منهن تي دانگي ملي، سوين ماڻهن سامهون ڪين ڪورٽن ڪچهرين ۾ گهلائي پائيندا آهن وڏي سوڀ ڪئي اٿن پر پوءِ جڏهن ان سوڀ ماڻڻ جا ڪيتا لوڙيندا آهن تہ اهو بہ جڳ جهان ڇاٽيندو آهي. تنهنڪري شادي تہ هاڻ هن ذرتي تي هڪ So called انتهائي پراڻي رسم جي صورت ۾ آخري هڏڪيون پئي پري. نسل وڌائڻ جي تہ هاڻي ڪنهن کي ضرورت ئي ناهي رهي، جن جا نسل وڌي وڻ ٿيا آهن، سي حالتون ڏسيو وينا منهن متا پٽين… باقي ضروري ناهي تہ جنسي ضرورتن جي پورائي لاءِ هرويرو شادي جو ڳٽ ڳچي ۾ وجهجي اهي تہ پوريون ڪرڻ وارا ڪٿان بہ پيا پوريون ڪندا آهن، هونءَ جن کي پاڻ تي ضابطو آهي اُهي ضبط کان ڪم وٺي ڇاٽين.“

”شيم شيم! رمل تنهنجا خيال ڏاڍا فحش ۽ بغاوت پريا ٿي پيا آهن. سنيال تہ ڪٿي اندر نہ ٿي وڃين… پاهران پڙهي آئي آهين تہ متو ئي ڦري ويو اٿئي، تڏهن ٿي ويني. اهڙيون ڳالهيون ڪرين، هتي هر ٻئي ڏينهن شادي ڪارڊن جو وسڪارو لڳو پيو آهي ۽ تون پئي چئين تہ رسم ٿي ختم ٿئي… ٻيھ تہ تولاءِ جيما ڏي ڪنهن چاليھہ پنجاھہ سالن جي ڪوڳي ڪودڙي جو رشتو ٿي اماڻيان، پاڻهي مغز سنئون ڪندءِ پوءِ

پئي خدمتون ڪجانس...“

”جيئن تون اختر جون خدمتون ڪري ٿڪي آهين.“ رمل منجهس اکيون کُپائيندي شوخيءَ مان چيو.

”ها، ڪريان ته پئي، ڪڏهن هن سان گڏ ناشتو، ڊنر ۽ لنچ ڪرڻ جو شرف ملندو اٿم ته سوشل گيدرنگس ۾ پڻ ساٿس گڏ اُتان ويهان، ته آئي وئي آڏو خوشگوار 'Couple' هئڻ جو تاثر به ڏيندي آهيان، بيڊ تي به گڏ سمهندا آهيون ان کان وڌيڪ هڪ زال نوڪرن چاڪرن جي هوندي پنهنجي ڪاتائو ۽ ڪمائو مڙس جي ٻي ڪهڙي خدمت ڪندي.“

اهو ٻڌي رمل هن جي ڳالهه تي بي پرواهيءَ مان مرڪندي چيو ”شادي شده زندگي ۾ اچڻ کانپوءِ تون اهو چو ٿي ويسارين ته عورت ۽ مرد هڪ ٻئي جو ڍڪ هوندا آهن... لباس هوندا آهن... هڪ چولي جا ساٿي ۽ هم سفر سڏبا آهن...“

”۽ سچي ڳاڏيءَ جا ڦيٿا به ته هوندا آهن،“ شيري ترڙائي پري توڪ مان ياد ڏياريندي چيس. ”پر رمل، ماڻهو ڪو ناهوڪو يا قيمتي لباس وٺندو ته شوق مان ئي وٺندو، به ٽي دفعا پائي رکي ڇڏيندو، ظاهر آهي ته ڦٽي ڪونه ڪندو، ڪڏهن جوجهڪي آيس ته هڪ اڌ دفعو پائي وري خوش ٿيندو ۽ رکي ڇڏيندو... ان ريت پيا به ڪيئي مثال ڏيئي سگهجن ٿا.“

”مون تنهنجي ڳالهه نه سمجهي“ ڪيس وڌيڪ کولڻ جي ڪوشش ۾ هن سڀ سمجهندي به اڻڃاڻائي مان پڇيو.

”مان تو اڳيان کليو اعتراف ٿي ڪريان ته اختر سان منهنجو رشتو هاڻ ان لباس جهڙو ئي وڃي رهيو آهي. مان اهو به ٿي اعتراف ڪيان ته هاڻ ان لاءِ مان پنهنجي جذبن ۾ اها گرمي ۽ اها شدت نٿي محسوس ڪري سگهان، جيڪا اڳ هئي، مان مڃان ٿي ان ۾ ڪجهه ڏوهه سندس ۽ شايد ته گهڻو ڏوهه منهنجو آهي، اِنڪري جو آءُ زندگي ۾ رومينس ڏسڻ ٿي چاهيان ۽ هو ريئلزم، شايد هو پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي ۽ مان به غلط ناهيان، هيءَ زندگي آهي به ڪيتري مختصر، روٽين ۾ گذري

وچي ان کان سنو وڏ کان وڏ مزو نہ ماڻجي...؟ هاڻ سالن کان هلندڙ ٽريند جوپيٽرن تبديل ٿيڻ گهرجي. شادي کانپوءِ عورت جو سارو ڳيو رڌڻي ۾ بيهڻ... ان ۾ تہ هوءَ جڻ چڪيءَ ۾ آيل داڻي جيان پيسجيو وڃي... ان کانسواءِ سس سهري جي خدمت ڪرڻ، خرچ پکي تي مڙس سان جهيڙو ڪري ان جا پادر کائڻ، بار ڄڻڻ ۽ زندگي کي گهلڻ وارا ٻيا سوين مسئلا.... اهو سڀ رڳو زال سان لاڳو ڇو هجي؟ وقت زندگي جي هر شعبي ۾ ترميمون ۽ تبديليون آنديون آهن. قانون، سياست، تعليم کان ويندي فيشن ۽ Living اسٽائيل ۾ تبديليون آيون آهن.

سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقيءَ سان پڻ انسان جي ذهني شعور ۾ وڏي تبديلي آئي آهي... باقي شادي جي ٻنڌڻن ۾ ڪجهہ تبديليون يا نرمي ڇو نہ ٿي اچي سگهجي؟ اها تہ ضرور اچڻ گهرجي..."

"توکي سڀئي سک حاصل آهن نہ، تڏهن ٿي اهي پيٽ ڀرائيءَ جون ڳالهيون ڪرين!" رمل ڪاغذي اکروٽ کي نٽ ڪريڪر سان ٻہ اڌ ڪري ڀِڳر ڪڍي کائيندي چيو. "اهي سڀ سائنسي ڪرشمن جا ڪمال آهن جن نهايت تيزيءَ سان زنگيل ذهنن ۾ شعوري جاڳرتا تہ آندي آهي پر ساڳي وقت ان جي هيڪاندي ڊوز سائيڊ افيڪٽ طور ذهنن کي تباهہ بہ ڪيو آهي... جيڪر واقعي تنهنجون اهڙيون سوچون آهن ۽ زندگي کي تو رڳو رومينس ۾ ئي ٿي ڪٽڻ چاهيو تہ پوءِ توکي شادي ڪرڻ ئي نہ گهربي هئي. زندگي ۾ ملڻ جلڻ واران جا تجربا ۽ مشاهدا بہ تہ نيٺ تنهنجي سامهون هوندا. پيڻگهي ۾ هوندي تہ تنهنجو نڪاح ڪونہ پيو هوندو نہ؟"

"ها. اِتي مان جذبات جي وهڪري ۾ وهي مار کائي ويس،" شيري ٺڏو ساهہ کڻندي چيو. "ڪنهن زماني ۾ چاهہ جا چار ڊائلاگ چيا ڳالهائي ورتائين جو آءٌ سڄي زندگيءَ لاءِ آزجي ويس. شادي ڪري شاديءَ جو سحر ڇُومنتر ٿي ويو. زندگيءَ ۾ ڪا خوشي نہ رهي. ڪاش منهنجي جذبن کي ڪوئي سمجهي سگهي ها... دل چوندي هئي تہ باقي زندگي سڪون سان گذارڻ لاءِ اِن واڙيل زندگي مان الڳ ٿي وڃون پر

پوءِ مونکي لڳو ڇڻ هو منهنجو حصو ٿجي ويو. هجي... هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ جي ڇڻ عادت پئجي وئي..."

"تہ پوءِ هاڻ روئڻو ڇاجو، قانوني ۽ مذهبي طرح جڏهن تہ ان رشتي يا 'سزا' کي پنهنجي رضا خوشيءَ سان قبول ڪري ورتو آهي تہ ان مقدس ٻنڌڻ سان بنا ڪنهن ٺوس سبب جي هٿ چراند ڪري تون يقينن ڏني ڏوهارڻ ليکبينءَ...."

"مون وٽ پنهنجا دليل آهن، مان کوبہ ڏوهہ نٿي ڪريان، زندگي خدا جو تحفو آهي، ان کي هٿ وٺي برباد ڪرڻ بہ تہ ڏوهہ آهي."

"جي تون ايڏي بيزار آهين، تہ سيپريشن وٺي ڇڏ."

"اهو ئي تہ پرابلم آهي، ڪير منهنجو مسئلو سمجهي نٿو سگهي، هرڪو اهوئي چوندو 'توکي ڪارائي پيو رهائي پيو، اٽو لٽو اجهو ڏنو اٿس، باقي کهڙو ڦاهو ڪپنئي.'"

"يقينن انهن مان هڪ مان بہ هوندس... شيري، مان ڏاڍي آزاد خيال آهيان، پر ان سان گڏ قانون جو احترام پڻ ڪريان ٿي تہ جيڪر ڪير هڪ ٻئي کي خوشيءَ سان قبول ڪري تہ پوءِ نڀائي، ٻي صورت ۾ الڳ ٿي وڃي، پر ڪنهن بہ حالت ۾ دوکو نہ ڏي... بيوفائي نہ ڪري. ان حوالي سان ڏسجي تہ Periodically Marriages جنهن کي اسين 'مطعہ شاديون کوٺيون ٿا، ان جو رواج پراڻو هوندي بہ پنهنجي دور ۾ سٺي جدت هئي مان تہ اڄ بہ ان جي ئي حق ۾ آهيان..."

"مونکي پڻ اهوڪين شادين کان وري بہ اهو رواج ڀلو ٿو لڳي، اِن ۾ عمر قيد واري سزا تہ ناهي..." شيري چيو.

"پر ان طريقي جون شاديون، مردن جي 'سهوليت' کي نظر ۾ رکندي، يا ائين ڪٿي چئجي تہ حرامڪاريءَ کان بچڻ لاءِ هڪ خاص فرقي ۾ مَروج هيون، شايد ڪن ملڪن ۾ اڃان بہ آهن..." رمل سوچيندي چيو.

"هي مردن جو معاشرو آهي تنهنڪري هو پنهنجي سهوليت ۽ مطلب جي هر جائز توڙي ناجائز ڳالهہ کي نِت نئين معنيٰ ڏئي جا ويس پارائي مجرايو وينا آهن... مذهبن جا باني بہ تہ اهي مرد ئي آهن..."

”هونءَ مذهب تہ هر هڪ قابل احترام آهي، جو انسان کي انسانيت جو درس ڏي ٿو پر اِها بہ حقيقت آهي تہ ڪو هندو جي گهر پيدا ٿيندو تہ هندو سڏبو ڪو مسلم جي گهر تہ مسلمان... اهڙي طرح مذهبن جا سلسلا پيڙهين ڪان هلندا اچن، جنهن ۾ فرد جي پنهنجي ڪابہ Choise ناهي هوندي ڇو تہ قلندر جي چوهي واري ٽوپ جيان، مذهب جو ٽوپ بہ ڄمڻ سان پاڻمرادو اچي هن جي مُٿي تي ڪُپندو آهي ۽ هوش سنڀاليندي ئي سندس مغز ۾ وجهبو آهي تہ توکي ان ئي مذهب جي مُنهن ۾ ويڙهو آهي، جنهن جي تون پيداوار آهين ۽ جيڪو تنهنجي ابن ڏاڏن کي ورثي ۾ مليو آهي...“

”اها ڳالهہ تہ واقعي حقيقت آهي، اسان جي سامهون تہ ڪا بہ چونڊ نہ رکي ويندي آهي. ڏس نہ اج جي ڪوئي هندو آهي، سڀاڻي مسلمان يا ڪرستان ۽ پريهن ڪجهہ ٻيو، تہ ڇا هنجي مذهبي عقيدن ، عبادتن ۽ ڏوهن ثوابن واري سموري ڪاتن ۾ هر هر ٻئي ڦير گهير ٿيندي ڇا؟“ شيري ’سونف سپاري‘ جي پڙي ڪولي ترڍءَ تي ڇنڊيندي چيو.

”ان تي تہ ڪو عالم سڳورو ئي روشني وجهي سگهندو.“ رمل وراڻيو.

”پر خود، اسانکي بہ تہ شعور آهي...“

”بهرحال منهنجو تہ اخلاقي قدرن ۽ انسانيت ۾ وڏو ويساهہ آهي.“

”انسانيت ۽ هن معاشري ۾ !“ رَمل جو رايو ٻڌي شيري طنز مان کلندي پڇيو.

”ها اجان بہ ڪي آهن جن جي ڪري هي دنيا وٺڻ جي قابل آهي نہ تہ اسانجي سماج ۾ واقعي بہ ڪهڙي عزت آهي عورت جي... رکو اجايو ڪيس پڌايو ٿو وڃي،“ هن ڄڻ مختيار بيگم جا خيال ورجايا. ”هڪ پاسي ماءُ جي پيرن هيٺ جنت جي ڳالهہ، نياڻيءَ کي ست قرآن جو لقب تہ ٻئي پاسي اسانجي ماڻهن جي روز مرهہ جي زبان تي ڳالهہ ڳالهہ ۾ ماءُ ڀيڻ ڌيءَ جون ڪچيون گاريون چڙهيل آهن. لچا لفنگا تہ ٺهيو پر، پاڻکي معتبر مڃيرا مڙس سڏائيندڙ، يا پاڻ ۾ حجتي لعنتي انهن

قومي ڳارين جي متا ستا ڪرڻ بنا رهي نہ سگهندا... ماني هضم ڪونہ ٿيندن. اها عزت آ اسان وٽ عورت جي."

"ها يار واقعي... ان ڪان تہ ڪو رشتو ئي نہ هجي جو پوءِ انهن جي بي حُرمتيءَ تي غيرت بہ نہ اچي... اسان عورتن سان ڏاڍيون بي انصافيون ۽ بي واجبيون آهن. منهن تي وڏي عزت ڏيندي چوندا، تنهنجي ماءُ منهنجي ماءُ، تنهنجي ڀيڻ منهنجي ڀيڻ، تنهنجي ڌيءَ معنيٰ منهنجي ڌيءَ تنهنجو پٽ منهنجو پٽ، تنهنجو پاءُ منهنجو پاءُ، پوءِ تنهنجي زال منهنجي زال چوڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي؟" شيري جيڪا جذبات ۾ اچي پاڻکي سيف الله جي روحاني زال ڪوٺيندي هئي تنهن جڻ پنهنجي تسلي تي چاهي، جنهنکي محسوس ڪندي رَمل اُمالڪ چئي ڏنس.

"تون تہ رڳو واهيات وجهہ پئي ڳولهين. ڏسين نٿي تہ اهي رشتا مقدس آهن، جڏهن تہ زال جو تعلق سيڪس سان آهي."

"مقدس رشتن کي ڳاريون تہ بہ Sex واريون ٿيون ملن! "

"جيڪڏهن ايئن آهي تہ سالو ڪوٺڻ گار جيان ڇو ٿو لڳي... پوءِ تہ ڪنهن ڏارئي کي بابا پٽ يا امان ڌيءَ بہ نہ ڪونجي... اِن ريت جي ڳالهہ جو ڳاتو ونجي تہ پوءِ هر رشتو ئي گار بڻجي وڃي."

"اصل ڳالهہ اها آهي تہ تون شاديءَ جي پابنديءَ ۾ رهي بہ پاڻ کي آجو سمجهڻ ٿي چاهين، هر ڳالهہ ڪان مڪتي ماڻڻ جي خواهش ٿي رکين..."

"ڪاش! جيئن خوشي شيئر ٿيندي آهي، غم شيئر ٿيندا آهن، دوستيون شيئر ٿينديون آهن. تيئن زال مڙس جو رشتو بہ شيئر ڪري سگهجي ها." شيريءَ حسرت مان چيو.

"مردن کي تہ شيئر جي ضرورت ناهي، اهي تہ جڏهن چاهين جتي چاهين عورت حاصل ڪري سگهن ٿا... پر تون رڳو مردن جي ڳالهہ جو ٿي ڪرين، پنهنجو مثال سامهون رکي عورتن لاءِ بہ اها ساڳي ڳالهہ ڪري سگهين ٿي... لڪ چڇ ۾ تہ انهن وٽ بہ اهڙا ڪم هلن پيا، بلڪ تون تہ ڪرين بہ پئي پر، پريڪٽيڪلي ڪلمر ڪلا ايئن ڪرڻ جي

جرئت بہ تہ ڪري ڏيڪار...."

"مرد بہ تہ شادي وارا هوندي ڪٿي نہ ڪٿي چمي چڪ ڪيو ذائقو بدلايو اچن وري مُڇون اُگهي اشرافت جي پڳ پائي. زالن اڳيان اچو ويهن پر ڪيڏا نہ بيوقوف آهن ويچارا. مونکي تہ ڪل ايندي آهي اهڙي پوڪ بصر مردن تي جيڪي هن زماني ۾ اسان عورتن مان اجان بہ اها اميد رکيو ويٺا آهن تہ اسين رڳو سندن ئي استعمال لاءِ ستيون جتيون بنجي وقف ٿيو وينيون هونديون سين. ظاهر آهي اسانکي بہ دل آهي، جذبات آهن. اڪيون آهن ۽ جي حُسن، جواني ۽ سمارٽنيس بہ برقرار آهي تہ زندگي جو مزو ماڻڻ اسانجو بہ حق آهي."

"خير تو جيان ان قسم جون واحيات ۽ گهٽيا سوچون هر عورت جون نٿيون ٿي سگهن..."

"تون تہ هر ڳالهہ پويان سينسر بورڊ ٿيو ويٺي آهين. جڻ ان ڳالهہ سان سهمت ٿيندينءَ تہ توکي اچي ڳچيءَ مان جهليندا. صحافي آهين تہ سچ کي هضم ڪرڻ جي بہ همت رک پاڻ ۾...." شيري لڄائپ مان کيس ڀٽايو.

رَمل حيرانيءَ مان ڏانهنس تڪنيدي رهي، کيس هن مان اهڙي بي حيائيءَ جي توقع نہ هئي.

"تون بہ تہ حسين بلڪہ ڪنواري ڇوڪري آهين، ڏاڍو مضبوط ڪردار سمجهندين آهين پاڻکي... تون پنهنجو بہ تہ احتساب ڪر. هيڏن سارن ماڻهن سان ملي جُلين ٿي، ڇا ڪڏهن تنهنجون فيلنگز اچل نہ ڪائينديون هونديون تہ تون بہ ڪنهن سان پيار ڪرين... ڪنهنجو انتظار ڪرين...

يلا ان راز ۾ ئي ڪٿي شامل ڪر تہ ڪڏهن تو بہ پنهنجي جذبن هٿان مجبور ٿي ڪنهن طرف جهڪڻ چاهيو هوندو..."

"ها ڇو نہ، پر تون الائي يقين ڪرين يا نہ تہ ان ڪان اڳ مون وٽ اِهي فيلنگز نہ هيون پر جڏهن ڪان ڊاڪٽر عرفات سان سڃاڻپ ٿي آهي تڏهن ڪان محسوس پئي ڪريان تہ هو انهن سون هزارن مردن مٿان حاوي ٿيندو ٿو وڃي، جن سان مان پنهنجي پروفيشن يا

No doubt, he is...ڪانتيڪٽس جي حوالي سان واسطي ۾ رهي آهيان
my best friend,

اهڙو دوست جنهن سان سني ۽ سنجيده گفتگو ڪري سگهجي جنهن سان خاموشيون Share ڪجن...

Luckily I found that in Irfat .He always make me feel good about life and my self!"

"هون! هن مام ۾ مرڪندي چيو. ته چئبو ٺلهو اڪيون ناريو پئي پاڻ کي ڏنا ڏنپ ڏين، ڦاسائيس نه شاديءَ جي ڪوڙڪي ۾"

"تہ جيئن اڳتي هلي ويچاري مخلص ماڻهوءَ سان اهڙو حشر ڪريان جهڙو تون ادا اختر سان ويني ڪرين."

رمل جي چيندڙ لفظن پهريون ڀيرو هن کي پنهنجي نظرن ۾ ڪي قدر ڪيرائي ڇڏيو، جنهنکي هڪ جرنلسٽ جي نظر سان تاڙيندي هن ٺهه پهه ٻيو وار ڪيو:

"شيري، سچ سچ ٻڌائي، ڇا تون سمجهين ٿي هو ٻه توسان اهڙي بي وفائي ڪري پيو." ڪن پل اڳ تائين ڇهڪندڙ شيري کي چڻ ماٺ لڳي وئي ۽ پوءِ لفظ ميڙيندي چيائين،

"مونکي پاڻ کان وڌيڪ هن تي يقين آهي تہ هو ڪڏهن ائين نہ ڪندو... هو ائين ڪري ئي نٿو سگهي..."

"ايڏو Confidence!" رمل اچرج مان پڇيو.

"ها!" هن پُراعتماد لهجي مان وراڻيو ۽ الائي ڪهڙي جذبي تحت هن جي اکين ۾ پاڻياٺ لهي ستارن جيان چلڪڻ لڳي...

"جيڪڏهن ڪيس تنهنجي فلرٽيشن جي خبر پئجي وئي تہ پوءِ؟"

"پوءِ جو تہ مان تصور ئي نٿي ڪري سگهان.... چو تہ پوءِ بہ هو مونکي ڪجهہ نہ چوندو... شايد پاڻ ماري وجهي!"

"ظالم...! تون ڏاڍي ظالم آهين! ...You are too crual"

هن شرم ڏيارڻ واري نوع ۾ چيو.

"ها شايد... شايد...."

▲▲▲

شيري شوخ رنگن وارا ۽ سبيل ڪپڙن جا ڍير سامهون رکي پنهنجي فيملي ٽيلر کي ڊزائننگ بابت سمجهاڻيون پئي ڏنيون جو رفيع کي وائڙپ مان لش لش ڪري لائونج ۾ داخل ٿيندو ڏسي هوءَ پاڻ به وائڙي ٿي ڪيس ڏسندي رهي.

رفيع جي چهري تي ڄڻ سائيبيريا جون هوائون ٿي گُهليون. هن شاپر ۾ پرس اڇل مان پرتي ستي 'نه ڪئي هم نه تم' سڌو اچي ريفريجيٽر کوليو.

"خير ته آهي؟! "شيري ويجهو ايندي پريشانيءَ مان پڇيس ته ڪيس ٻڌو ۽ ٻڌو ڪندي پاڻيءَ جو وڏو شيشو ڪڍي يڪ ساهي ڏوڪي وئي، تڏهن وچي ڪا توائي تاثراتن ۾ ڪمي آيس ۽ ڳالهائڻ جهڙي ٿي...

"الا منهنجي ته نڙي خوف مان سڪي نِڪر ٿي وئي..."

"ڇا جو خوف؟ خير ته آهي؟" شيري سوال ورجايو.

"خير واري ڇا جا، ٻيڙي ٻڏي وئي... منهنجا ته سيئي قڪڙ قاتي پيا." هن پيشاني تي ڏک هٽندي چيو.

"پر ٻڌائي ته سهي ٿيو ڇا؟" هن ڪيس لائونج جي ڪنڊ ۾ آڻي پڇيو ته جيئن ٽيلر ماسٽر نه ٻڌي، جڏهن ته هو انچ ٽيپ ڳچيءَ ۾ پايو پهريائين ته اجايو سيڙهجي ڪين نهاريندو رهيو. پر پوءِ معاملي جي نزاڪت کي محسوس ڪندي ڪپڙن کي ڪجهه ان ريت اٿلائڻ پٿلائڻ، جانچڻ ۾ ماپڻ ۾ مگن ٿي ويو، ڄڻ ڪيس ڪن ئي نه هجن، جڏهن ته اِهي گناهگار وري به ڪو انڪشاف جهٽڻ لاءِ سهي جي ڪنن جيان ويتر ڪڙا ٿي پيا.

"اڄ ڪو ڏنو ٺڪر آڏو اچي ويو نه ته ذري گهٽ مئس ٿي ڇورن هٿان..."

"ڇورو به نه ماڳهين ڇورا...! ڪٿي ڪنهن سان فحش اشاري بازي

تہ ڪانہ ٿي ڪيئي؟"

"توکي تہ اڃي مشڪري لڳي آهي. مونکي تہ تصور ڪرڻ سان ئي پيٽ ۾ ٿڌا وَٽَ ٿا پون... ڏس تہ هٿ بہ ڪيڏا نہ ٺري ويا اٿم..." رفيعہ هن جي ڳل تي هٿ رکندي چڻ پنهنجي دلي ڪيفيت محسوس ڪرائي.

"اَئي تون تہ بنهہ برف ٿيو پئي آهين، ڇا ڪان اهڙا حال ٿيا اٿئي؟"

"بس 'ڪُتي ڪٽي ڳوهہ ڪي تہ ڳولي شڪارين جا گهر' جيان مونکي بہ ڪتيءَ ڪنيو جو مڙس سان گڏ نڪتي هئس شاپنگ ڪرڻ..."

"اهو سچ وري ڪٿان اُيريو جو ادو فريد توکي وٺي ويو شاپنگ تي؟"

"سياڻو ڪانءُ بہ ٽنگو ڦاسي واري چواڻي، شايد ٺهي ئي ڪا مون لاءِ آهي، ان نپٽي ويلينٽائن ڊي جي مناسبت سان. تنهن ڏينهن پنهنجي نامراد عاشقن لاءِ ڪجهہ گفٽ ۽ ٽي چار ڪارڊ وٺي آڻي رکيا هئمُ سي فريد جي اوچتي اچڻ تي تڙ تڪڙ ۾ ڪبٽ جي ڪنڊ ۾ هٽي ڇڏيم تہ متان ڏسي نہ وٺي ۽ ٿيو بہ ايئن جو ڪا شئي ڳولڻ لاءِ ڪبٽ ۾ اٿل پٿل سان ايڏو تہ ڦڙ ڦوٽ پاريائين جو هڪ ڪارڊ هٿ چڙهي ويس! منهنجا تہ هوش خطا ٿي ويا. شڪر جو اجان ڪارڊن تي ميٺ لپسٽڪ وارين چمين جا وسڪارا ڪري نالا ڪونہ لکيا هئم... هن ڪارڊ ڏسي حيرت مان پڇيو، 'هي وري ڇاهي ڪنهن لاءِ رکيو اٿئي؟' اهو ٻڌي اندر ۾ ساڏڪٽي وٺي وئي پر پاڻ سنڀالي مڪر مان مرڪي چيو مانس، 'آهي ڪو منهنجو تمام پيارو يار دلدار...' تہ اهو اشارو پاڻ ڏانهن سمجهندي بہ پاهرئين رعب مان چيائين 'ٻڌاءِ ڪير آهي نہ تہ مارياڻءِ نہ ان يار سان خوار ڪري!' مٿان وري مون بہ رسندي چيومانس، 'آءٌ تنهنجي عشق ۾ انڌي اونڌي پئي ٿيندي وڃان ۽ تون پيو منهن ٻڃڙو ڪيو پڇين تہ ڇا آهي. ڇا لاءِ رکيو اٿئي؟ ڪارڊ آهي پيو ڇا آهي، تو لاءِ نہ وٺندس تہ پيو ڪنهن لاءِ..... خبر نہ اٿئي تہ ٧ فيبروري عاشقن جو ڏينهن 'ويلنٽائين ڊي' ملهائبو...،"

"پوءِ ڇا چيائين؟" شيري وڏي اشتياق مان مرڪندي سموري

ڪارستاني ڏيان سان پئي پڌي.

”ان مهل به بد ذوقيءَ مان چيائين، ’ ڪهڙو اسان جي ابن ڏاڏن Valantine Day ملهايا هئا جو اسين اچي ٻچڙا ٿيا آهيون.‘ پر لڳو ته ڪارڊ جي رومينٽڪ جملن منجهس نئون روح ڦوڪيو جو خوشيءَ مان سندس مُڇ پئي مرڪي... جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو اڄ آفيس اڌ ۾ ڇڏي، شاپنگ ڪرائڻ وٺي هليو. مونکي به ازل کنيو جو ان ڊپارٽمينٽل اسٽور تي وٺي هلڻ لاءِ چيومانس، جتي يونيورسٽيءَ جا ٻه ڇورا به ڪي آيا هئا.“

”ته ڇا ڊپارٽمينٽل اسٽورن تي يونيورسٽي جي ڇوڪرن جو داخلو بند ٿيڻ گهرجي؟“هن نه سمجهندي پڇيو.

”ڇري انهن مان هڪ ته هو ڪامران، جنهن سان ڇهن مهينن جي دوستيءَ کان پوءِ ٽي مهينا ٿيا جو سائس ڦِٽي. وري ساڳي يونيورسٽي جي ٻئي ڇوڪري اشهد سان ’سائيڊ بزنس‘ طور نينهن جو ناتو جوڙيم. ٻنهي ساڻ هڪ ٻه ڊفعو ملي به آهيان...“

”ملي به آهين!“ شيري اکين مان حيراني ڇلڪائيندي چيو.

”تڏهن ڇا رڳو فون تي ڇورن جا آواز ٻڌڻ جو شوق جاڳيو اٿم...“

”رن تون ته مونکان به وڌي لعنتي ڪردار آهين! سيد، سردار ويندي ڇورا ڇنبر به! ڪجهه ته خيال ڪر بي حيا، ڪهڙا ته رسڪي ڪم ٿي ڪرين، ڪٿي جهلجي ته نه پئين؟“

”بس قيام ڪاري ٿيڻ کان زري گهٽ بچي آهيان. اشهد مونکي ڏسي اجا ڏند ٽيڙ مس ڪئي جو ڪامران خوني نهار سان نهوڙيندي مون بابت هن جي ڪن ۾ سس پس ڪري الائي ڇا چيو... شڪر جو فريد ڪي لکا ئي نه پئي. آءٌ ياسينون پڙهندي تڙ تڪڙ ۾ اچي گاڏيءَ ۾ وينس ۽ ڪيس چيم ته ’مونکي اوچتو مٿي ۾ سخت سور پئجي ويو آهي. شيريءَ جو گهر اِتان کان ويجهو هوندو تڪڙي ڊرائيونگ ڪري مونکي اتي لاهي ڇڏ ته ڪا گهڙي آرام ڪريان.‘ پر ظلم وري اهو جو

پويان گاڏيءَ ۾ چورا بہ لڳا آيا!"

"مار پوندي، نياڳن کي منهنجو گهر تہ نہ ڏيکاري ڇڏيئي؟" هن منهن تي پوندو رکندي چيس. "جو سياڻي اچي تنهنجا پلاند مونکان وٺن."

"ساهہ جو ٿو نکرنئي اکين ڏکي، کڏهن دوستيءَ ۾ قربانيون بہ تہ ڏيون آهن...."

"قربانيءَ جا جذبا توکي رڳو ٻکرن ۽ ٻڪرين وتان ئي ملي سگهندا، آءٌ مسڪين اهڙن جذبن کان بنهہ وانجهيل آهيان."

شيري کيس تپائيندي چيو تنهن تي هن بہ ساڳي لهجي ۾ وراڻيس، "نياڳي کهڙو کو تنهنجي گهر ۾ وني آئي آهيان جو پٺي سيتجين، الله ڏڪ ڏکيم جو مٺا ٽريفڪ ۾ ئي مُنجهي پٽ تي رهجي ويا"

ان ڳالهہ تي ٻئي تازي ملائي کل ۾ اونڌيون ٿي پيون. درزي بہ ڇڻ پنهنجا ڪن ڦڙ ڦڙائي قِصي مان کي قدر واقفيت ۾ حض ماٺي کنگهڪار کندي چيو:

"ادي پوءِ پلا وِيلويٽ واري وڳي جي ڊزائن ٻڌايو تہ مان هي ڪپڙا کٽي وڃان."

"ها گلو ترس تہ مان ڊزائين واري مئگزين کٽي ٿي اچان"

هوءَ ڪمري اندر وئي تہ رفيعہ بہ پنهنجو پرس ۽ شاپر کٽي پويان هلي آئي ۽ بي تڪلفيءَ مان ميترس تي ويهندي چيائين،

"تون جيسين درزيءَ کي سمجهائي، تيسين مان بہ ڏسان تہ سهي ڪهڙو ڪن خريدي آئي آهيان، خوف ۽ تڪڙ ۾ حواسن ڪم ئي نٿي ڪيو تہ ڪهڙي شئي، ڪهڙي ڪم لاءِ پئي وٺان."

جهٽ پلڪ ۾ شيري موٽي اچي پڇيس، "چانهہ پيئندين؟"

"منهنجو تہ اجان سوڏو هانءُ پيو رڦي، ڪا ٺڏڙي شئي پيار تہ من دل جائتي ٿئي" هن وراڻيو.

شيري گهنٽي وڄائڻ بدران در مان ئي منڊي ڪدي نوڪر کي ٺڏو ڪٽي اچڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ هنجي پر ۾ ويهي ڪُشن هنج ۾ رکندي

چيائين:

”چوري هاٽي اِهي ڪُڏا ڪم ڇڏي ياد الاهي ۾ مصروف ٿي پاڻ کي ڪو ڊرائي ڪلين ڪر، مونکي ته ڊپ آهي جي ساڳيا ئي ڪرتوت رهيئي ته پوءِ سياڻي ڪنهن هتان مري نه پئين. چورا ته چورن جي ماڳ اڄ مڙسهين ئي شڪ جو فائدو وٺي ڳيا ڳيا ڪري لاش ڳجهن آڏو اڇلي اڇنئي ها.“ اهو ٻڌي هن ڇرڪندي چيو:

”الله پناهه ڏي، هانءُ ڇو ٿي ڦاڙين ڏائڻ... صدقي ڪئي! پاڻ کي به ته ڏس، تون وري ڪهڙو ڀوڪ ٻڌيو حجاب پايو هلين، تنهنجا به ته ساڳيا ئي پرڪار آهن.“

”ها ... پر اسان جو اسٽينڊر ڪجهه هاءِ آهي... يونيورسٽي يا اوڙي پاڙي جي ڇورن ڇنبرن تي اڪي ئي ڪونه ٻڌي“ هن وڏائيءَ وارو پوز هٽندي چيو.

”هاڻ جيڪو ٿيو سو ٿيو، منهنجا وڏيڪ پتا نه ساڙ!“

”پر اهو تہ سوچ، سياڻي انهن کي ڪهڙو جواب ڏيندينءَ جن مڙسهين سان گڏ ڏٺئي؟.“

”چوندس ته منهنجو ڪزن هو.... چاچو هو، ٿي سئو سٽ رشتا آهن، ڪجهه به چئي سگهان ٿي، پر اصلي خوف ان ڇوري ڪامران مان اٿم، هُن جن نفرت ڀريل نگاهن مان ڏنو تِن ۾ ڏاڍو ڪروڌ هو، ماريو چئن ڏينهن جي دوستيءَ ۾ اهڙو ڇتو ٿي پيو جو اُٿندي ويهندي وات ۾ رڳو اهائي وائي هجيس ته. ’امان ۽ ٻاچائي کي ٿو رشتي لاءِ موڪليان‘ مون اهو چئي مس وڃي ڪا جند ڇڏرائي ته. ’منهنجو نڪاح ننڍپڻ کان ئي سوٽ سان ٻيل آهي، مڙس وڏو ٿيندم ته مائٽ ان سان ئي شادي ڪرائيندا.‘ پر تڏهن به مجال جو ڪو مُردار مڙي! هرو ڀرو جا مُدا لائيندي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته ’تون پڙهيل لکيل آهين، بغاوت ڪر...‘ چيومانس، مون ۾ همت ڪونهي...، پوءِ نيٺ اُبتيون سبتيون ڳالهيون ڪري جند ڇڏايم، مونکي ڪهڙي خبر ته ڀيو نياڳو به ڪو اِن نپٽي جو دوست نڪرندو.“

”پر مُئي توکي موت ڪهڙو ٿو ڪٽي جو هڪ وقت ۾ ايڏن سارن

کي ڦوڪٽن جيان ڪڇ ۾ ڪيو هلين، اجان ڪو مري يا ٽري تہ پوءِ ڪٽي ٻئي لاءِ واجهہ وجهہ، پر تو تہ جهٽ هٽڻ سان پوريون ڪري ڏنيون آهن...“

”يار هاڻ تو اڳيان اڳهاڙي ٿي آهيان تہ باقي ڪهڙي ويهي لِڪ لِڪات ڪيان... دائيءَ کان بہ ڪو ڍڍ ڳجهو...“

”چئين ڇا پئي مائي! آءٌ وري ڪڏهن کان تنهنجي دائي ٿيس؟“

”ڇُہ .... توبهہ! ... ڇڙو هڪڙو مثال ڏنم ، تون تہ نڙيءَ مان ٿي جهلين... الائي ڇا پئي چيم.“ رفيعہ ذهن تي زور ڏيندي چيو، ”ها... ڳالهہ اِها هئي تہ ڏس نہ، ڪن ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ ڪائي سگهن يا نہ، پر جيڏي مهل کائڻ لاءِ ويهن تہ سندن آڏو طرح طرح جا ست رڇا طعام رکيل هجن. سمجهہ تہ مونکي بہ ڪجهہ اهڙي هير پيل آهي، مڙس جهڙي Main Dish هئڻ سان گڏ ڇهر ڇٽيون بہ ضروري ٿي پيون اٿم.“

”سنيال تہ انهن طرح طرح جي ڇٽين جي زد ۾ اچي ڪٿي پاڻ نہ ڇنٽي ٿي پئين...“

”ڇا ڪريان... هاڻ عادت جو اهڙي ٿي وئي اٿم ... جيسين وڃي ڪو ڪراڙپ جو بي رحم اٽيڪ پئيم.“ .

”سو بہ يقين اٿم تہ پهرئين ۾ ئي اٽيڪ تائين بہ ڪونہ سڌرنديءَ، جيسين وڃين ٽئين اٽيڪ جي منهن ۾ پئين!“ شيري کلندي چيس تہ هن بہ نهہ پهہ وراڻيو:

”چندي ديسان وائي تہ سولي ڪيد.... آئي هئس مٽي جي سور جو بهانو ڪري، تنهنجي بڪ ڀڏي ماڳهين اصلي سور اچي پيو اٿم، تڏو تہ پياريئي هاڻ جلدي ڪري چانهہ گهرائي ڏي.“ رفيعہ حُڪما حُڪمي چيو. ۽ پوءِ ٻئي گڏجي خريداري واري شاپر ۾ ڦولهارا وجهي سامان ڪٽي ڏسڻ، جانچڻ ۽ تبصرا ڪرڻ ۾ لڳي ويون.

▲▲▲

عرفات ۽ رمل جي هڪ ٻن ڳنڍجاڻين ڪانپوءِ دوستي جو هي سلسلو شام جي پهر ۾ رڪي رڪي گهلندڙ ٿڌڙي هير جيان هلندو رهيو. مِٽن مائٽن سان تہ تعارف ٿي چڪو هئن، آفيس ۾ بہ ڪَليگ ڪَڙا معاملي کي تاڙي ويا تہ ڊاڪٽر، جيڪو مريض جي وڏ ٽڪ ڪري ڪين بيماريءَ ڪان آجو ڪندو هو، سو پاڻ رمل جي عشق بخار ۾ وڻجندو پيو وڃي، جنهنجو علاج هاڻ تہ ڪنهن ماهر سرجوت بہ نہ هو. جيئن پوءِ تيئن هوءَ ڪيس پنهنجي روح جي آٿاهہ گهراين ۾ لهندي محسوس پئي ٿي. هُن آڏين جو اُتي اُتي نون پراڻن مئگزنن ۾ ڇپيل هن جا آرٽيڪل ٿي پڙهيا..... سندس خيال پنهنجي احساسن سان ڇهي ڪيس عجيب سڪون ٿي مليو. ڪڏهن ڪيس من ئي من ۾ پيار جي مس سان خط ٿي لکيا جڻ هوءَ ان سموري پيار کي پنهنجي نظرن سان پڙهي پنهنجو پاڻ ۾ اوتي ڇڏيندي! ڇتيون اڻ ڇتيون ڳالهيون... مبهم... اڌوريون سوچون... جيڪي روبرو ڇوڻ جي سگهہ نٿي ساري سگهيو تہ بيوس بڻجي پنهنجو پاڻ کان پڇندو هو، ”ماڻهو ڪنهن لاءِ ايڏو شدت سان سوچ ويچار ڪري، ويچارو ڇو ٿو ٿي پئي.... آخر ڇا آهي ماڻهوءَ جو روح...؟ “ تہ سندس اندر مان ازخود آواز اڀرندو، اهي جي هن جا ويچار آهن... خواب... تصور... آدرش... حسرتون... خواهشون ۽ ريجڪ... هيڪاندا پور...

هنجي من جي ڪيفيت اها هئي جو اڪيلو هوندي بہ ڪيس ائين پيون لڳندو جڻ هوءَ سندس سامهون ويٺي هجي... اهڙن خيالن ۽ سوچن ئي هن کي محسوس ڪرايو تہ پولار جون بہ انتهائون ماپي سگهجن ٿيون، پر هنجي من ۾ رمل لاءِ جيڪو پيار آهي، ان جي ڪا منزل ناهي... حد ناهي...

هاڻ تہ رمل بہ هلڪي سلڪي رمارڪن جي ور چڙهڻ لڳي پر

کو اعتراض ڪرڻ بدران ڳرو مشڪي تي پئي، تنهن ڏينهن جيئن ئي آفيس هال ۾ گهڙي تہ شازم اکين ۾ معنيٰ خيز چمڪ آڻيندي چيس:

”رمل، اجهو هينئر ٽيون ڀيرو ڊاڪٽر عرفات جو ٽولاءِ فون آيو هو. ڪٿي هئينءَ ايتري دير؟ ويچاري کي اطلاع تہ ڏيئي وڃين ها.“

”اڄ ٽورو گاڏيءَ ۾ پرابلم ٿي پيو، ورڪشاپ تي هلي وئي هئس.“

هن ساڻس نظرون ملائڻ بنائي وراڻيو.

”ويچارو ٽائيم ٽيبل تي هلڻ وارو ڊاڪٽر ماٺهو بہ تہ پوءِ حق تي پريشان ٿيندو، ڪا تہ کهل ڪرين ها منهنجي دلبر دوست تي...“

شازم جي ان شوخ جُملي تي هوءَ وري بہ مشڪندي رهي، تہ پاسي ۾ ويٺل عقصيٰ بال پائنٽ سان مٿو کنهندي چيو،

”لڳي ٿو رمل جا چيل لفظ، خود هن لاءِ بہ سچ ثابت ٿيندا پيا وڃن“

”ڪهڙا لفظ؟“ اَسد پڇيو.

”اِهي ئي تہ اميج پبليڪيشن هاڻ ميرج بيورو ٿيندو پيو وڃي“

”بلڪل بلڪل“ لِکڻ ۾ مصروف شازم ڪنڌ ڪٽڻ بنائي ساڻس سهمت ڪئي.

”خير، اهڙي ڪائي ڳالهہ ناهي،“ رمل سنجيدگيءَ مان چيو“ هونءَ بہ هو اسانجي اسٽاف جو ماٺهو ٿورئي آهي جو منهنجا لفظ هن سان لاڳو ٿين“

”تہ ڇا ٿيو، هڪ ٻہ مضمون تہ ڪنٽريبيوٽ ڪيا اٿس، آخر ڪتائي شهيدن ۾ شامل تہ ٿي ويو.“

”وائي تہ سولي ڪِرِ وات مان،“ شازم، اسد کي چيڙائيندي چيو.

”خيري صلي ويچاري کي شهيد ڇو ٿو چئين، جرمنيءَ کان سواءِ اجان هن دنيا ۾ ڏٺو ئي ڇا آهي، اجا تہ ڪيس گهڻئي منزلون مرادون ماڻڻيون آهن.“ چوڻ کي تہ هو ايئن چئي ويو پر اهو تہ سندس دل ئي ٿي ڄاڻتو تہ هن ڪيئن نہ رمل کي پوڇيو هو... هوءَ ڪيس ڪيڏو نہ وڻي ٿي. هن اهڙا اظهار ڪرڻ جا اجان ڳرو وجهہ ئي پئي ڳوليا جو شايد تہ

هنجي مضبوط پرسنلٽي آڏو دل نٽي جهلي سگهيو جو پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻي رمل کي عرفات سان ملاياٿين، جنهن پنهنجي پُراثر شخصيت سان ميدان مارڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي، پر اِن هوندي بہ هن روايتي ناڪام عاشقن جيان سڙڻ پچڻ يا پٽون پاراتا ڏيڻ بدران خوش دليءَ سان رمل جي زندگيءَ ۾ ان نئين ڪلنڌڙ باب لاءِ نيڪ تمنائون ٿي رکيون.

رمل جي ٽيبل تي رکيل، فون جي گهنٽي وڳي مس جو عقصيٰ وري ڪلندي چرچ ڪئي،

”رمل ! ڊاڪٽر عرفات پيو وڃي.“

موٽ ۾ رمل جلترنگ جهڙا ٽهڪ پکيڙيندي رِسيوَر کنيو تہ ٻئي طرف عرفات !Happy Birthday to you چئي کيس حيران ڪري ڇڏيو.

"Oh thankyou ...... thanks a lot!" هن خوشيءَ مان بي قابو ٿيندي وراڻيو، ”پلا توهان کي اهو راز ڪٿان معلوم ٿيو، مونکي تہ بلڪل ئي ياد نہ هو“

”اهو ڏينهن تہ مونکي دل جان سان ياد رکڻ گهرجي جو خدا تنهنجي روپ ۾ مون لاءِ ايڏي پياري دوست خلقي! دل تي چئي ساري رات رڳو خدا آڏو شڪراني جا سجدا ڪندو رهان.“

”بس بس عرفات. ايڏو آسمان تي نہ چاڙهيو جو پوءِ ڪران تہ ذرو ذرو ٿي وکرجي وڃان... ڪو سنڀالڻ وارو ئي نہ هجي...“

”ايئن نہ چئو رمل... ايئن تہ نہ چئو!“ هن بي اختيار اهڙي درد مان چيو جڻ سچ پچ آسمان مان لاٿل چنڊ هٿن مان ڪري پچي پيو هجيس.

”ماٺ ڇو ٿي ويا؟“

”تون ڳالهيون ئي اهڙيون ٿي ڪرين،“ هن وساٽيل لهجي مان وراڻيو.

”رمل مان ڏاڍو بهادر شخص آهيان پر جتي تنهنجو ذڪر ٿو اچي تہ مان ڪمزور پئجيو وڃان، نہ ڪندي ڪر اِهڙيون اُبتيون سبتيون ڳالهيون.I feell so much depresed."

Oh I am realy sorry!" خير، چڏيو ان ڳالهہ کي... ڀلا اهو تہ ٻڌايو جنم ڏينهن جي توهانکي ڪٿان خبر پئي، مونکي تہ خود بہ خبر نہ هئي، توهان Wish ڪئي تہ ياد آيو..."

"تو جهڙي مشهور هستين جا جنم ڏينهن ڪي لڪل هوندا آهن ڇا. پراڻا مئگزين اٿلائيندي تنهنجي Introduction مان ڊيٽ جي خبر پئجي وئي تہ تون Virgo girl آهين... ۽ شايد تڏهن ئي تون شاديءَ جي خلاف رهندي اچين."

"اسٽارز مان نيچر جي چڱي اسٽيڊي ٿئي ٿي... منهنجو تہ ان ڳالهہ ۾ پڪو ويساهہ آهي... هونءَ توهان جو ڪهڙو اسٽار آهي"؟

"اسان ڳوٺاڻن ماڻهن جا سن سال اسڪولن، ڪاليجن توڙي فارمن ۾ گهٽو ڪري ڏکي تي لکيا آهن.... انِڪري مان پاڻ بابت يقين سان ڪجهہ نٿو چئي سگهان."

"ڪائي ڳالهہ ناهي، مونکي تہ هونءَ بہ توهان جي نيچر جي اسٽيڊي ٿي وئي آهي ۽ مان ايترو ٻڌائي سگهان ٿي تہ اوهانجو اسٽار ڪهڙو هوندو..."

"ڀلا ڪهڙو"؟

"Leo يعني شينهن. مونکي توهان ۾ اهڙيون ئي شجاعت ڀريون خصلتون نظر آيون آهن."

"شڪر آهي جو ڪوئو نہ سمجهئي" هن کلندي چيو، "خير اڄ مونکي توکان ٽريٽ وٺڻي آهي."

"حاضر حاضر ڇو نہ..." رمل خوش اخلاقيءَ مان چيو، پر ٻئي ئي پل سوچيندي چيائين "اڄ مان آفيس دير سان پهتي آهيان ۽ ڪم بہ لاڻي سارا اٿم... تنهنڪري ايئن ٿا ڪريون جو توهان سڌين ٽائين گهر پهچي وڃجو، مان گهٽو ڪري وقت تي ئي اچي ويندس، پر جي ٿوري دير بہ ٿي وئي تہ جيما سان ويهي ڪچهري ڪجو، جيسين مان بہ اچي ويندس..."

"رائيٽ..."

"ڀلا ڊنر ۾ ڇا ڪائڻ پسند ڪندا برياني، چپلي ڪباب يا چڪن

ڪڙهائي...“

”بس بس بابا...! خبر به اٿئي ته آءٌ مسڪين ماٺهو آهيان مون لاءِ ته سنڌي ميڊيم ڊنر ئي وڏي عياشي آهي. يعني دال پٽ پٽاٽا! چو ته اجنبي ڪاڏا ڪارائي منهنجون عادتون خراب ڪرين.... ها البت چانهه ته آءٌ صرف تنهنجي هٿ جي ٺهيل پيئندس، باقي ڪيڪ جي ڇڱي ته مونکي ئي پرٽي پوندي چو ته جيڪر غلط ناهيان ته اهو ’ڪاچ‘ شايد پهريون پيرو منهنجي ئي ڪري پيو ٿئي...“

”بلڪل صحيح ٿا چئو...“

”ٺيڪ آهي پوءِ... تنهنجو اِلائي وقت ورتم، وري شام جو ڳڏ آهيون...“

”OK خدا حافظ“

هنجي فون رکڻ شرط عادل ڪرسيءَ تي آهلجندي وڏي اوٻاسي جي دوران ’تونتي تونتي هوگيا دل تونتي هوگيا‘ ڳائڻ لڳو ته عقصلي توڪيس:

”وات بند ڪر مک نه ڪا گهڙي وجنئي“

”My God! ته توکي ڪنب نڪري آيا آهن ڇا؟“

”هون !“ هو ڏند ڪرٽي ڪاغذن ڏي متوجهه ٿي.

▲▲▲

”هيلو! مونکي دير تہ نہ ٿي؟“ رمل ساٽن جو پردو هٽائي ڊرائينگ روم ۾ ايندي چيو، جتي عرفات ۽ جيما ڊش جي فائدن ۽ نقصانن تي تبصرا پئي ڪيا.

”نہ نہ بلڪل نہ، مان بہ اجهو هاڻ ڏهہ منٽ ڪن اڳ آيو آهيان.“

”پٽ تون هٿ منهن ڌوئي فريش ٿي پوءِ اچي ڊاڪٽر صاحب وٽ ويهہ، جيتر آءٌ بہ دال پٽ جي سڌ سمان لهي اچان. ڇوري زرينا تہ الائي پويان ڪهڙا حال ڪيا هوندا...“

”ڇا واقعي رڳو دال پٽ نهيو آهي“ رمل پريشانيءَ مان پڇيو.

”امان هاڻي اهڙي ڇري تہ آءٌ بہ ڪونہ آهيان، اڄ تنهنجو جنم ڏينهن آهي تہ دال پٽ وري ڪيئن ڪارائبي... هونءَ اهو بہ اَن نور آهي اڪين تي، پر عرفات بہ تہ پنهنجو ٻچو آهي، جنم ڏينهن ياد بہ تہ ان ڏياريو، ڪيس تہ ڪا چڱي چوکي شئي ئي ڪارائبي، پر پاڻ سنڌي تہ ڪسر نفسيءَ ۾ ان ڪي بہ دال پٽ يا دال ماني ڪوٺيندا آهيون“

”معنيٰ تہ دال پٽ زنده باد، ان جي نالي ونڻ بنا ڪا شئي چڻ مڪمل نہ چئبي... مان تہ پريشان ٿي وئي هئس“ رمل واش روم ڏي ويندي چيو.

جهٽ ڪن ۾ فريش ٿي موٽي آئي تہ جيما بہ رڌڻي جو رخ ڪيو.

”توهانکي گهڻو انتظار تہ نہ ڪرڻو پيو“

”تنهنجي منٽ منٽ جي انتظار جو مزو ونڻ ۾ سچ تہ مونکي مزو پئي آيو.“

”معنيٰ تہ توهان کي مونکان وڌيڪ منهنجو انتظار پيارو آهي“ هن دوستاڻو انگل ڪيو.

”ان مان تہ توکي پڪ ٿيڻ گهرجي تہ جنهن جو انتظار ئي ايڏو پيارو آهي سو خود مون لاءِ ڪيڏو پيارو هوندو.“ عرفات جون نگاهون

هنڪي چڻ ڪو خاموش پيغام ڏيڻ لڳيون. اهو بڏي هوءَ ڪنوار ٻوتي.... Touch me not جيان پنهنجو پاڻ ۾ سميٽجي ويڙهجي وئي. جيستائين عرفات جي دلي ڪيفيتن لفظن جو سهارو نـہ ورتو هو، هوءَ پرسڪون هئي پر هاڻ هڪ عجيب اڻ تُڻ اچي منجهس واسو ڪيو. جنهن سان هنجي من جي فضا ۾ ڪنهن طوفان جي اچڻ جو انديشو پئي محسوس ٿيو...

عرفات ڪيسي مان ڳاڙهي بخمل واري خوبصورت دٻي ڪڍي ڪوچ تان اٿي سندس ويجهي ايندي چيو:

”اکيون بند ڪر...“

”Wow ! منهنجو تحفو!“

”بس چپ...“

”پلا ٿورڙي اک کوليان...“ هِن ڪنهن معصوم ٻارڙيءَ جيان پڇيو تـہ عرفات ڪيس ايئن ڪرڻ کان روڪيندي، بخملي دٻي مان سون جو جڙيل نفيس 'Friendship Band' ڪڍي هن جي ڪرائيءَ ۾ پارايو ۽ بي اختيار سندس ٻنهي اکين جي هيرن کي چُمي ورتو تـہ هِن گهٻرائجي اکيون کولي ڇڏيون...

”هيپي برٿ ڊي ٽو يو!“ عرفات هُنجا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهليندي چيو.

اُن دم .... اُن پَل لفظن جي محتاجيءَ کان آزاد جذبا ٻنهي جي چهرن تي جَرڪڻ لڳا. آسمان .... چنڊ ۽ تارا... آڪيرن ڏي موٽ کائيندڙ پکي، پکڻ ۽ سانوري سانجهہ .... سڀ جا سڀ چڻ ساز بڻجي ڪيس جنم ڏينهن جون واڌايون ڏيڻ لڳا.....

▲▲▲

شام جو پنجين ڏاري سيف روهڙيءَ جون سوکڙيون آچار، پاپڙ، ڪارڪون ۽ مٺائي وغيره ساڻ ڪري اچي اختر جي بنگلي پيڙو ٿيو. چوڪيدار جاڳڻ خان ڊڪندي سندس گاڏي لاءِ گيٽ کوليو ۽ سلام ڪندي چيائين،

”اچو اچو سائين ايڏا ڏينهن ڪٿي هئا. مَسين ڪو وڃي منهن ڏيکاريو اٿو.“

”يار تون تہ ايئن پيو ڳالهائين چڻ سالن کان پوءِ آيو هجان. رڳو ڇڙو هفتو ڪن ٿي تہ ڳوٺ ڏي هئس.“

”سائين توهان کي ڏسڻ جي ايڏي هير ٿي وئي آ جو ٻہ ڏينهن بہ پري ٿا ٿيو تہ ايئن پيو ڀاسندو چڻ گهڻا ڏينهن پئجي ويا هجن.“ جاڳڻ پنهنجا مستر ڏند ٽيڙيندي وراڻيو تہ هُن بہ جوابي مُرڪ جو تجلو ڏيکاريندي چيو،

”چڱو هيئن ڪر، هي سامان گاڏيءَ مان ٻاهر ڪڍ ۽ اديءَ کي ٻڌائي تہ مان آيو آهيان، اختر صاحب جو نياپو ڏيڻو اٿم.“

”سائين اندر اچو نہ...“ جاڳڻ وڏيڪ حجائتو ٿيندي چيو.

”نہ اِتي ئي لان ۾ ويهنداسين، سٺي هوا پئي لڳي...“

هن ڪنهن کي بہ شڪ جو فائدو ڏيڻ بدران، رَڄ اشراف هئڻ جو پوز هنيو.

لان ۾ تازو پاڻي آيل هو. گلن ۽ ماحول تي عجيب بي خودي ڇانيل هئي، هو لان چيئر سيري سامهون پيل ٽيبل تان اخبار کڻي ڏسڻ لڳو. جيسين مالهي بہ ڪم لاهي ڪيس سلام ڪندو روانو ٿيو. هلڪي ميڪ اپ ۽ ڪاٽن جي گلابي وڳي ۾ شيري پريان کان پنهنجي خاص اسٽائيل ۾ هلندي هن ڏانهن وڌي آئي.

”هلو پيارا، ڪٿي وڃي ويهي رهين يڪو...“ هن ڏيمي سُر ۾

”پوءِ پلا ڇا پروگرام آهي ڊارلنگ...؟“

جيسين هوءَ ڪجهه چئي ٿي ڇئي تيسين بورچيءَ ٽري ۾ چانهه ۽ رول آڻي سندن اڳيان رکيا.

”ڪٽو ادا گرم گرم رول، ٺري ويا تہ مزو ڇڏي ويندا“ هن لچائيءَ مان سيف جي اکين ۾ ڏسندي چيو.

”مان ڇا پڇيو مانءِ پياري؟“ بورچي جيئن ئي مڙيو تہ سيف پنهنجو سوال ورجايو.

”ها پيارا مان سمجهان ٿي، تو جيڪو پڇيو... پر اڄ تہ ڪجهه بہ ممڪن ناهي ان ڪان تہ چڱو هو جو اختر سان گڏ رقص سرود جي محفل ۾ وڃي ها، اجايو سونهري وجهہ وڃائي ڇڏئي...“

”چو پلا اڄ طنز پئي ڪرين، اٺ ڏينهن ٻاهر رهيو آهيان، ان جون تہ ڪسرون نہ پئي ڪڍين...“

”نہ جان اها ڳالهہ ناهي دراصل اڄ سڄ لٽي رفيعہ ايندي جنهن سان گڏجي پهريائين تہ Perm ڪولائڻ لاءِ پارلر تي ويندس، تنهن بعد وري تيار ٿي ساڻس ئي گڏجي خاندان ۾ ٽيندڙ ڪنهن دعوت ۾ وڃڻو آهي، موٽندي بہ ٻارنهن هڪ ٿي ويندا.“

”Bad luck !“

هونءَ بہ تنهنجي اِن زير تعمير بنگلي عرف پنهنجي ’ميٽنگ پوائنٽ‘ منهنجا تہ پاسا ئي ڪڍي ڇڏيا آهن نہ ڪوڪٽ ڪتولو نہ وري ميٽرس مڙو، عشق ونڊڻ جو مزو ماٺجي بہ تہ ڪيئن ماٺجي“

”تنهنجو مطلب آهي تہ اِنهن ڪڏن ڪمن لاءِ هالينڊ مان واٽر بيڊ گهرائي رکان ڇا“

”اڇا تہ مان ٿي ڪريان ڪُڏا ڪم، باقي تون آهين جنت لاءِ رجسٽرڊ مُلو....“ اهو ٻڌي هن کلندي چيو،

ساڻئڻ مون وارو سجيل سنواريل ڪرائي وراو گهر بہ موجود آهي پر اتي تنهنجو اچڻ مناسب ناهي، اوسي پاسي ورا سڀ سڃاڻو آهن، چاڻين ٿا تہ اهو فليٽ بہ مڙسهين جي ڪري مليو اٿم“

”هاڻ ڪليئر فڪيشن بند ڪر، مون تہ رڳو ڳالهہ ڪئي“

”اڃا پلا ڪيئن آهي تنهنجي فلرٽي سرتي رفيعه جڏهن به تو کي فون ڪيان تڏهن اها ويٺي هوندي اٿئي، ان تي وري کهڙو سهاڳ وريو آهي....... مونکي ته بنهه زهر ٿي لڳي...“

”جانم ڏاڍو ڪو ساڙ سڙيو آهين، چڱو جو تنهنجو اِهو روپ منهنجي سامهون آيو هاڻ وچي پڪ ٿي اٿم ته مونکي ڏاڍو ٿو پيائين، باقي تنهنجو اِهو ساڙ اجايو آهي. هاڻ ته هوءَ سرتيءَ مان ڦري همراز به ٿي پئي اٿم. تنهنڪري ان سان ناهي رکڻ ۾ ئي ڀلائي آهي.“

”ڏاڍي محتياط ٿي وئي آهين.“

”ڇا ڪجي، حالتون ماڻهوءَ کي عقل ڏيو ڇڏين.“

شيري پاڻ ڪي ٻين کان منفرد ۽ مٿانهون ظاهر ڪرڻ جي خيال کان اڪثر سيف کي چشڪا وٺي وٺي رفيعه جا قصا ٻڌائي وندارئيندي هئي ان ڏس ۾ هو پنهنجي ڳالهائڻ جو انداز ۽ لهجو ڪجهه اهڙو اختيار ڪندي هئي جيئن رفيعه بي وقوف ۽ وڏي فلرٽ باز هجي ۽ پاڻ ڪا نهايت ئي ساڌپاڪ. تنهن ڏينهن به هن سندس نيٽ چيٽ ذريعي ڦاسڻ وارا قصا کلي کلي ٿي ڪيس ٻڌايا.

”خبر اٿئي رفيعه دبئي پئي وڃي“

”اڪيلي“

”ها بظاهر ته هتان اڪيلي ئي ويندي.“

”ڇا مطلب؟“

”مطلب ته اتي ان جو ڪو نه ڪو پرمننٽ عاشق ڪائنس اڳ ئي پهتل هوندو“

”چوندا آهن انسان جي پرک دوستن مان پوندي آهي پلا ٻڌاءِ مونکانسواءِ تنهنجا پيا ڪيترا عاشق آهن؟“ تون به ته ’نيٽ چيٽ‘ ذريعي مُلڪان ملڪ دوستيون ڳنڍيو ويٺي هوندين‌ءَ.“

”آخر مرد آهين نه، سڙي وئين... جلي وئين!“ هوءَ ٺهڪ ڏئي کلي. پرِ پوءِ سنجيده ٿيندي چيائين:

”سيف مان بيڊ ڪيريڪٽر ناهيان، ڪير منهنجي ڪيريڪٽر لاءِ ڪجهه چئي ته مان سهي نه سگهندس پر تو طرف مان الائي ڪيئن

وڏيس. مونکي خود بہ خبر ناهي... رفيعہ کي پنهنجا مسئلا پنهنجون ڳالهيون آهن، مان توکي انجي هر رپورٽ ٻڌائيندي آهيان. پر هاڻي نہ ٻڌائيندي يس، تون اٿلندو مون تي ٿو شڪ ڪرين.“

”وچ پيٽسان! تون تہ چڙي پئينءَ ۾ اجايو غلط مطلب ورتو منهنجي ڳالهہ جو.... ڏس مان بہ تہ تنهنجو عاشق آهيان، تون آهين جا اهڙي سهڻي من موهڻي... ساڳي ريت ٻيا بہ ڪيترا مون جيان توکي دل ئي دل ۾ چاهيندا پوڄيندا هوندا يا ٿي سگهي ٿو اظهار بہ ڪيو هجين... اها تہ تنهنجي خوشقسمتي چئبي يا شايد منهنجي، جو تو رڳو مونکي ئي ايڏي لفٽ ڪرائي....“ هن جڻ ڪيس ٻِيِ ڏني.

”ٻهرين هاڻ ساڙي وري اتي جو اُتي ڳالهہ ناهڻ جو استاد آهين“؟

”پوءِ ڇا خيال آهي پاڻ نہ هلون دبئي... وٺان موڪل.“ هن ڪلندي گفتگوءَ جو رخ موڙيو.

”توکان اڳي اهو خيال مونکي آيو، مون ڪيس چيو بلڪہ ايلاز ڪيا تہ پاڻ ٻئي هتان گڏجي هلون پوءِ ائيرپورٽ تي الڳ ٿي ويندا سين ۽ پنهنجي پنهنجي فرينڊ سان گهمي ڦري شاپنگون ڪري، خوب عيش ڪنداسين پر ڇا ڪجي اختر جو ويجهو دوست ٿي پيو آهين، جي ٻئي دبئي جا بهانا ڪري نڪتاسين تہ سمورا پول کلي پوندا. تنهنڪري پنهنجي تہ اتي ئي چوڦير دبئي ٿي پئي آهي.“

”چڱو هاڻ اُتڻ جي ڪريان ڇهہ تہ اتي ٿي ويا“

”ويهہ تہ سهي چانهہ تہ پي آرام سان... ايڏن ڏينهن کانپوءِ آيو آهين اجا تہ توکي اکين ۾ ڀرڻ جي سڪ ئي نہ لٿي اٿم.“

”تنهنجون سموريون سڪون لاهيبيون .... پر هينئر تنهنجي فلرٽيءَ جي اچڻ جو بہ ٽائيم ٿيو پيو آهي تہ متان وري ڪو اختر جو مٽ مائٽ بہ نہ اچي نڪري.“

”رفيعہ آئي تہ مڙئي خير آهي باقي اختر جو تہ ڪو مٽ مائٽ هن مهل ڪونہ ايندو، ڪين ڏسي منهنجو منهن ئي اهڙو ٻچڙو ٿيو وڃي جو انهن اشرافن اچڻ ئي ڇڏي ڏنو... بس هينئر شاديءَ جي سلسلي ۾ جيڪي آيا سي آيا روز روز تہ اهي بہ ڪونہ ٿا اچن.“

”آپا عائشہ کي تہ اڪثر تو وٽ ايندي ڏٺو اٿم.“ هن سندس وڏي نراڻ لاءِ چيو.

”ڪهڙو ڪا منهنجي سک ۾ ايندي آهي. اها تہ رڳو ان مهل اچي جڏهن ازدواجي زندگيءَ وارا سور منجهس بلاسٽ ٿيڻ لڳندا آهن. سدائين ڪو نہ ڪو آڏمو شيئر ڪرڻ لاءِ ساڻ ڪنيو اچي... مان تہ توسان ملڻ، تنهنجي اچڻ ۽ تنهنجي فون جي اوسيئڙي ۾ هونءَ بہ گهٽو ڪري هر ڪنهنکي اهو چئي ٽاريو يا ٽارايو ڇڏيان تہ ’توهان چو ٿا اچڻ جي تڪليف ڪيو آءٌ ئي ٿي ملڻ اچانوَ.‘ پوءِ وچو بيٺي پير ٿيو اچان. نہ تہ CLI زنده باد!“

”پر يار... منهنجي لاءِ تہ CLI نسورو ويل جو ٽڪر ٿي پيو آهي، اڳي تہ اٿندي ويهندي پيو توڏي فون گهمائيندو هئس. هاڻ ان خوف کان تہ اختر هر هر منهنجا نمبر ڏسي ڇا سوچيندو، فون ئي ڊڄي ڊڄي ڪندو آهيان.“

”ڊڄڻ وري ڇاجو ... اول تہ گهر ۾ هوندو ئي ڪونهي، جي هوندو بہ آهي تہ رڳو ڏمر واري نياڳ جي ننڊ هوندي اٿس. اڳي اجان منجهس گرمجوشي هئي پر هاڻ تہ هن ۾ اها گرمي بہ نہ رهي آهي، جيئن تيئن ڪري مڙئي پيو فرض نڀائيندو هوندو اٿم. جهڙي برف! چڻ آئيس گيم پئي کيڏجي. تو واري شدت ۽ گرمي تہ ڪيس ڇهي بہ نہ لنگهي آهي. تنهنجي شخصيت ۾ خدا اهڙي ڪشش رکي آهي، جو بنا ڏور جي مان توڏانهن ڇڪجيو اچان. جانو! ڪڏهن ڪڏهن تہ لڳندو آهي اها سڀ منهنجي امانت آهي تو وٽ يا تو مون لاءِ سينالي رکي هجي. پر ڪڏهن ڪڏهن مونکي خوف ٿيندو آهي تہ تنهنجي ڇٽڻ جوءِ جڏهن ٻارن جي پلٽڻ وٺي نئين بنگلي ۾ رهڻ ايندي تہ ڇڻ منهنجو حق ڪسجي ويندو!“

”منهنجي سهڻي، جتي حق جي ڳالهہ نڪرندي اتي رهيو سوجهرو بہ ڇٽ ٿيو وڃي. سچي سک تہ حق بنا حاصل ٿيندي آهي...“

”By the way بگيم صاحبہ اچي ڪڏهن ٿي؟“

”بس ڏهن پندرهن ڏينهن تائين. ٻارن جون داخلائون بہ ڪرائڻيون اٿم.“

”پوءِ تہ تنهنجي هڪ هڪ منٽ تي نظر هوندي جوٺهين جي.“

”نہ نہ ايئن نہ ٿيندو. ويچاري صفا ابوجهہ الله لوڪ آهي...“

”مڙسن کي تہ سدائين پنهنجون زالون ابوجهہ لڳنديون آهن.“

”سچ ٿو چوان. پئسي پائي جي پت ڪوهہ سا ڪري ٿي. باقي ٻي ڪا اهڙي خرابي ناهيس.“

”معنيٰ تہ قدر ڪونهيس تہ مڙس ڪيڏي محنت سان ٿو ڪمائي. سڀ ڪجهہ نهيو نڪيو ٿو مليس نہ... تون هر هر پئسا ڏيئي عادت خراب نہ ڪرينس. هٿ کي ٿائيٽ رک تہ ڪجهہ اک پٽجيس...“ هن هرويرو جي همدردي جتائي.

”اڳتي خيال رکندس...“

”ڪاش تون گهر نهرائڻ ۾ ايڏي جلدي نہ ڪرين ها“ شيري مايوسيءَ مان چيو.

”تنهنجي چاهت ۾ چريو ٿي اسي والن جي سِري محل کي نهرائڻ لاءِ ساڍا چار سال تہ ڳهليم. اجا بہ جي اينگهہ ڪريان تہ سهرو ءِسالا ڪات ڪهاڙا ڪٽي مارڻ اچي وڃن ها تہ ڪڻ پنهنجي آکهہ يا اچي اڻ چارڻ واري اباڻي ڏنڏي کي منهن ڏي!.“ هن امالڪ واچ ۾ نهاري اٿندي چيو ۽ ڪيس جلد کان جلد ملڻ جي تاڪيد ڪندي پنهنجي ڪار ڏي وڌيو.

▲▲▲

ويڪينڊ تي عرفات، رمل کي ساڻ ڪٺي پنهنجي من پسند ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿي، ان ڪنڊ ڏي وڌڻ لڳو، جتي اڪثر اچي ويهندا هئا، پر اڄ اها جاءِ پريل هئي ته هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٻي پاسي اچي وينا. ٽائينڪو ٽيندي پڇيائينس:

”ڇا کائبو؟“

”اهو ئي برگر، فنگر چپس ۽ ڪولڊ ڊرنڪ“

”تون ويهه آءُ ڪٺي ٿو اچان.“ هو اٿي سيلف سروس واري ڪائونٽر ڏي هليو ويو.

هوءَ هتن تي چهرو رکي ڪيس ويندو ڏسندي رهي. بيڪ گرائونڊ ۾

Lets freez the moments to stay
I am woman in Love

وارو گيت ٿي هليو. ڪيس به ڪجهه اهڙو ئي محسوس پئي ٿيو.

پوءِ به ان ڏس ۾ هن ڇڻ پنهنجو پاڻ کان به لنوايو پئي. هوءَ گاني ۾ ايڏو ته مگن ٿي وئي جو ڪيس عرفات جي اچڻ جو احساس ئي نه رهيو.

”هلو مس! ڪٿي آهين؟“ هُن ٽري ٽيبل تي رکندي، هِنجي سامهون ويهي سندس اکين آڏو ٽشو پيپر لهرائيندي چيو.

”My God! آئون الائجي ڪيڏانهن گم ٿي ويس...“

”گم ته نه، باقي گيت جي جادوءَ ۾ جڪڙجي سو ضرور وئين ءَ...“

”ها بلڪل... انڪري به جو اِها منهنجي فيورٽ سنگر آهي“ هن مسڪرائيندي پليٽ عرفات ڏي وڌائي، پوءِ سيري پاڻ ڏي رکي.

”پلا تو ڇا سوچيو...“ عرفات هات ساس ۾ چپس ٻوڙيندي

پڇيو.

”ڇا لاءِ...؟“ هن حيرانيءَ مان چيو.

”منهنجي پروپوزل واري درخواست بابت. جيڪا ڪيتري ڏينهن کان تو وٽ پينڊنگ تي پئي آهي.“

اهو ٻڌي ماکي کان وڏيڪ مٺي مشڪ هن جي چپن تي اوتجي وئي.

”ان مرڪ جي مان ڪهڙي معنيٰ وٺان؟“

”توهان لاءِ بي انت، بي شمار پيار ۽ بس پيار...“

”ان جو ته مونکي احساس آهي، پر ان پويان جيڪو وجود آهي، ان کي به ته حاصل ڪرڻو آتم... رمل تون الائي يقين ڪندينءَ يا نه، ته تون ڏينهون ڏينهن منهنجي ذهن ۽ حواسن تي ڪيئن نه ڇائنجندي پئي وڃين... سچ ته مونکي توڪانسواءِ اهڙي ڪابه ڇوڪري ناهي ملي جنهنکي ڏسي دل پاڻمرادو پنهنجي گرفتاري ڏيڻ لاءِ تيار تي وڃي.“ هن سندس اکين جي اونهائيءَ ۾پاڻ پيهندي ڇڻ نئين رنگ ۾ پروپوزل بابت پنهنجو سوال ورجايو.

”عرفات، مان زندگي ۾ ڪڏهن به ايڏو مطمئن نه تي هئس جيترو توهان سان دوستيءَ کانپوءِ پاڻ کي محسوس تي ڪريان... توڙي جو هر ڳالهه ۾ مان تمام بولڊ ۽ ڪانفيڊينٽ رهي آهيان، پوءِ به مون ۾ڪا ڪمي هئي... کوٽ هئي... سالن جون اڪيلايون هيون... پر تڏهن به مون پنهنجي اندر واري دنيا جي ڪنهن کي ڪل ئي نه پوڻ ڏني... پنهنجي سڳي ڀيڻ کي به نه... توهان منهنجي زندگي کي نيون معنائون نوان رنگ ڏنا آهن... منهنجي سوچ جي انداز ۾ تبديليون آنديون آهن... پر جنهن رشتي ۾ ٻڌڻ لاءِ توهان مونکي چيو آهي انهيءَ لاءِ ته مون ڪڏهن سوچيو ئي نه هو... ان جو ته مان تصور ئي نٿي ڪري سگهان... هونءَ به توهانکي منهنجي شاديءَ جون پابنديون قبول نه ڪرڻ وارن خيالن جي ته اڳ ئي ڄاڻ آهي ته اهي جسم سان گڏ روحن کي به قيد ٿيون ڪن... يقين ڪبو منهنجي دل ۽ ذهن ساٿ ئي نٿا ڏين ته مان ان لاءِ ’ها‘ ڪريان... ڇو ته بظاهر زندگي کي هڪ مضبوط ۽

نئون موڙ ڏيڻ وارو هي رشتو جڏهن اسانکي هڪ ٻئي جي تمام ويجهو آڻي ڇڏيندو ته پوءِ اها ويجهڙائي، دورين ۾ تبديل ٿي ويندي... جنهن تلخ حقيقت کان ڪنڌ نٿو ڪڍائي سگهجي..."

ڊاڪٽر عرفات مـاث ميٽ ۾ ڏيان سـان ڪيس پـڌنـدو رهيـو. رمل ڪولـڊ ڊرنـڪ مان ٻـه ٽي ڍڪ پيري، ڪي گهڙيون خاموش رهي، پر اوچتو چڻ ڪيس ڪـا رهـجي ويـل ڳـالهـه يـاد آئـي ۽ هـوءَ وري ڪـيس مخاطب ٿي:

"رشتـي جي ٻـنـڌڻ ۾ ٻـڌجڻ کـان انـڪـار تـي تـوهـان مـونـکـي انـهـن ڇوڪرين منجهان نـه سـمجهجو جيـڪي ڪـنهن وٽان دوکو کائي شادي نـه ڪـرڻ جو پڪـو پـهـه ڪـري ڇڏيـنديون آهـن، ۽ پوءِ سڄي عمر شادي نـه ڪـرڻ واري محرومـي ٻئي ڪـين تـڙپـائـيـندي آهـي... ذاتـي حوالـي سان منـهنجي آڏو اهڙو ڪوبـه مسئلو ناهي پر اڪيون ۾ ذهن بـه تـه منـهنجي ئي ذات جو حصو آهـن. انـهن مونـکـي جيـڪي پـوائـنـٽـا منظر ڏيـکـاريـا آهـن، سي ڪـنهن رشتي ۾ ٻـڌجڻ واري فيصلي کان اڳ Red Allart جي Sign ٿا ڏيـکـارين... پـوءِ بـه ايـئن ٿـو محسوس ٿـئـي تـه اسان هڪ Distance تي هـئـڻ جي بـاوجود هڪ ٻـئـي جو حصو آهـيـون... ڇا تـوهـان سمجهـو ٿـا تـه شـادي جهـڙي ڪـمـزور ۽ نـاپـائـيـدار مـعـاهـدي ۾ ٻـڌجي اسين ان رشـتـي کي سدائين لاءِ پائيدار ڪـري سگهنـداسين؟ جيتري قدر منـهنجو مشاهدو آهـي تـه ايـئن ڪـرڻ سـان پـنهنجو هـي رشـتـو ڪـجـهـه وقـت کـانـپوءِ پـنهـنجي معنيٰ وڃائي ويهندو."

"تـون ايـئن ڇو ٿـي سمجهين رمـل، پـاڻـکـي هـيـڪـانـدي شـڪ گـمـانـن جي ور نـه چاڙهـه.... زنـدگـيءَ ڏاڍي سـنـي آهـي... ڏاڍي مـنـي... پـازيـٽـو سوچون ۽ رويا زندگي جون ڪيترين ئي مشڪلون آسان ڪري سگهن ٿا... اسانجو هڪ ٿيڻ بـه ان سلسلي جي ئي ڪڙي هوندو..."

"قانون جي مضبوط ڪـوڙڪـي ۾ ڪـنهن رشـتـي کي جڪـڙڻ سـان قدرت جي خلقيل پيار جو گهيراءُ پڇڻ پيرڻ لڳي ٿو...."

"تون پنهنجي جاءِ تي سهي آهين رمل پر تقديرون اسانجي هٿن ۾

آهن، اسين جيئن چاهيون تيئن انکي موڙي سگهون ٿا...“ عرفات اعتماد مان چيو. ”تنهنجا بي ساختگيءَ مان چيل اکر اڄ به منهنجي دل تي اڪريل آهن، جڏهن ماضيءَ جون ڳالهيون ڪندي اوچتو چيو هيئي، ’وقت اسانکي خود اسان منجهان ئي چورايو وجي‘ ته منهنجي پياري، جڏهن تون اها حقيقت مڃين ٿي ته پوءِ اهو به سوچ ته جيڪر اسين هڪ ٻئي تيون ۽ پوءِ تو چواٽي ان تعلق ۾ ڳنڍجڻ ڪانپوءِ ڪٿي نه ڪٿي ڪي نه ڪي دورين جا سبب ٿي سگهن ٿا ته رمل اهو ريئلائيز ڪرڻ جي ڪوشش ڪر ته وقت انهن تي به غالب پوٽو آهي، مونکي پاڻ کان به وڌ پنهنجي پيار تي يقين آهي، جيڪو ڪنهن مضبوط قلعي جيان ان ٻنڌڻ جي حفاظت ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو.... جنهن جي مان ابتدا ڪرڻ ٿو چاهيان... پر رڳو تنهنجي مرضيءَ سان... رمل، مونکي تنهنجو سات ٿو گهرجي... هڪ مضبوط ۽ مڪمل سات... زندگي ڏاڍي مختصر آهي پر ڪوشش ڪجي ته خوابن کان به وڌيڪ وٽندڙ ٻٽائي سگجي ٿي... قدرت اسان کي صرف ان جو ڪينواس ڏنو آهي... رنگ پرڻ ۽ انهن جي ڪامبينيشن اسان تي ڇڏيل آهي... هن ڌرتيءَ تي صرف ۽ صرف تون ئي آهين جيڪا منهنجي زندگي ۾ انڊلٺ جا رنگ آڻي سگهين ٿي...“

رَمل خاموشيءَ سان ڪيس ٻڌندي رهي... هن جي دل جا تار مڌهر سُرن ۾ وجي وجي جڻ ڪو لڪل احتجاج ڪرڻ لڳا.

"Hi Doc!"

سندس چيڪليون پائيندڙ سوچ ڪنهن فيصلي جي پاڪر ۾ پاڻ پري ئي پري تنهن کان اڳ عرفات جي حجاڻتي دوست ڊاڪٽر مرتضيٰ کي پنهنجي نئين نويلي ڪنوار ڊاڪٽر زَرشان سان گڏ پنهنجي ٽيبل جي سامهون بيٺل ڏسي، ٻئي مرڪي پيا ۽ اتي ساٺن ملي ساڳي ٽيبل آڏو ويهي حال احوال اورڻ لڳا.

▲▲▲

ڪچڙيءَ منجهند ڏاري شيري وي سي آر تي ڪنهن شاديءَ جي وڊيو فلم پئي ڏٺي جو فون جي گهنٽيءَ اچي رخنو وڌو.

"شال اهو سيف ئي هجي." هن دل ۾ سوچيو... لاشڪ ته سندس ئي انتظار ۾ بنهنجو آرام ڦٽائي هِن ويڊيو تي ڏني... جيئن ئي نمبر ڏسي رسيور کنيائين ته خوشيءَ مان چهرو ٻهڪي پيس... واقعي سيف ئي هو...

"شيري ڊارلنگ تنهنجي ڏاڍي سڪ لڳي آهي... هاڻ مونکان رهيو نٿو ٿئي... جلدي ڪري ڪو اچڻ جو بلو ڪر... جيئن ڳوٺان آيو آهيان تيئن لفت ئي نٿي ڪرائين ظالم..."

"جاني مونکي خود تنهنجي ٻانهن ۾ سمائجي وڃڻ جي ٻاڙ پئي محسوس ٿئي..."

"پوءِ دير ڇا جي... هلي آ نه سوئيٽ هارٽ.... مونکي وڌيڪ نه تڙپائي..."

"جانون هينئر ته ممڪن ئي ڪونهي البت رات جو اچي سگهان ٿي.... پر الا تنهنجي بنگلي تي ايندي مونکي هاڻ ڏاڍو ڊپ ٿو لڳي، مئو چوڪيدار عجيب شڪ وارين نظرن سان ٿو نهاري..."

"ته پوءِ وري اڳ جيان اسلام آباد واري ساهيڙيءَ جي گهر وڃي رهڻ جو پروگرام ناهي ته مان به ڳوٺ وڃڻ جو بهانو ڪري نڪري پوان..."

"شبانه ته هاڻ اسلام آباد مان هلي وئي، نه ته اهو بهانو سٺو هو"

"واقعي اهو ٽرپ ڏاڍو يادگار هو... پوءِ اڄ اچين پئي نه...؟"

"اهڙو وجهه مليو ته ضرور ايندس."

"ڪيئن به ڪري اهڙو وجهه ڳولهه مان اصل مران ٿو!"

"الا ايئن ته نه چئو،" هن تهائين آواز ۾ نخرو پيدا ڪيو. "مونکي

ڪجھ سوچڻ تہ ڏي... ھا سچي ڳڌ آئيڊيا! اختر اڄ نوين بجي ڪنھن دعوت تي ويٺو آھي، وڏ ۾ وڏ ٻارھين تائين موٽي ايندو ان دوران ٻن ڪلاڪن ۾ مان ساڪ جي ٽيچر سان ملڻ جي بھاني تو ڏانھن اچي سگھان ٿي..."

"ڀڪ... مان انتظار ڪريان...؟" ھن بيتابيءَ مان پڇيو.

"ھا پڪ چاڻ... مان رڪشا ۾ ايندس، ڪار تہ اختر ڪٽي ويندو."

"رڪشا ۾ ڇو، تو واري گاڏي ڪيڏانھن وئي..." سيف پڇيو.

"اختر اھا گاڏي ادا صفدر ڏي موڪلي آھي جو ھن پراڻي گاڏي وڪڻي ڇڏي، نئين جي اڃان رجسٽريشن نہ ٿي اٿس... تنھنڪري منھنجي گاڏي ٻہ چار ڏينھن اُتي ئي سوگھي رھندي، بنا گاڏيءَ جي اڄ ٻيو ڏينھن آھي... لڳي ٿو ايئن گھر ۾ ويٺي صديون گذري ويون اٿم..."

"ڇو نہ، توھان وٽ تہ پيٽرولن جا کوھہ آھن... ھڪڙا اسين پنھنجي پيڄارو عرف ناٽنڪو جڏھن ھلائڻ واري عياشي ڪندا آھيون تہ مار پئين پيٽرول جي قيمت ٻہ ان ڏينھن وڌندي آھي... پاڻيان سال ۾ ٻارھون ڀيرو تہ وڌي آھي... اڇا خير، پوءِ پلا پروگرام ڪيئن رکجي؟"

"مون ايئن سوچيو آھي تہ ھڪ ڪلاڪ گھٽيءَ ۾ لھي، وري تنھنجي گاڏيءَ ۾ چڙھندس، وات ويندي ڪنھن سجاڻوءَ جي ڏسي ورتو تہ پوءِ ڪونہ لھندس. اتان ئي ٽيچر ڏي ھلي ويندس"

"ٺيڪ آھي، پوءِ جيئن ئي نڪرين تہ فون ڪري ڇڏجانءِ تہ مان ڪار ڪٽي ان پائنٽ تي پھچي وڃان."

"۽ ھا... اھو تہ ٻڌ، چوڪيدار کي اڳ ئي چئي ڇڏجانءِ تہ نئون گھر ڏيڪارڻ لاءِ پيڻ يا ڪزن کي ونيو ٿو اچان، سچ مونکي تہ ان جي اکين مان وحشت لڳندي آھي. جڻ سڀ ڪجھ ڄاڻندو ھجي..."

"تون ڊپ نہ ڪر ڊارلنگ، ھُن غريب جون اکيون قدرتي ٿانڊاٽا آھن..."

"چوڪيدار کان علاوہ جي ٻيو ڪير ڏسي ٿو وٺي تہ ان کي

چئجان منهنجي زال آهي...“

”ظاهر آهي اهو ئي چوندس... تون منهنجي روحاني زال ئي تہ آهين...“

”۽ تون منهنجو روحاني مڙس! ڪيئن؟ حقيقي زالون تہ گهر سنڀالڻ لاءِ ٺهنديون آهن، گهر جون راڻيون هونديون آهن، شوپيس هونديون آهن... پورائو هونديون آهن... مان تہ تنهنجي دل جي راڻي آهيان... ها نہ؟“

”ها نہ تہ ٻيو ڇا... تون منهنجي اُها زال آهين جيڪا رڳو منهنجي من، ذهن ۽ روح ۾ لهي مُنهنجي لاءِ تسڪين جو ڪارڻ بڻجي...“

”تون هميشہ ايئن رهندي مونسان... مان چاهيان ٿي پيار ۾ ڇِڪَ ڇِپَ ۽ تڙپ ڪڏهن ختم نہ ٿئي... اولاد جو پيار بہ تہ ختم ڪونہ ٿيندو آهي، پوءِ چاهي وڏا ٿي وڃن يا منهن موڙين... پر دوستيءَ ۾ فاصلا نہ پوڻ گهرجن... فاصلن سان تعلق ۾ دوريون پيدا ٿينديون آهن. پوءِ دورين مان آهستي آهستي اجنبيت... لاتعلقي...“

”منهنجي بہ اها ئي تمنا آهي تہ اسانجي پيار جي ڪشش ڪڏهن نہ گهٽجي... پر بہ ماڻهوءَ جي پنهنجي وس ۾ ڪجهہ ئي ناهي... حالتون بدلجنديون رهن ٿيون.... زماني جا هير ڦير... لاهيون چاڙهيون ماڻهو کي الائي ڇا مان ڇا بنايو ڇڏين... تنهن ڏينهن ڪٿي پڙهيم تہ محبت کي امر ڪرڻو هجي تہ اُن شخص کان وڇڙي وڃو جنهنکي چاهت جي آخري حدن تائين چاهيو هجي“!

”منهنجو اهڙن فضول فلسفن ۾ اعتبار ناهي... مان تہ رڳو اهو ٿي ڄاڻان تہ مونکان پري نہ ٿجانءِ... جي ٿئين تہ ٻئي پاسي مان مُئي پئي هوندي مانءِ... مونکي خوش رک...! چڱو هاڻي وڃان ٿي اختر ننڊ مان اٿيو سڏ پيو ڪري... بورچيءَ کي چانهہ لاءِ چئي اچان... نماز جو وقت پڻ پريو بيٺو آهي ان جا بہ ٻہ ٽڪر هڻي اچان. انهيءَ سان روح کي وڏي آٿت ٿي ملي...“

”چڱو روحاني بانو مان تنهنجي روح ۾ لهڻ لاءِ منتظر رهندس“

▲▲▲

هوءَ رات جو پوڻي يارهين وڳي سيف وٽان موٽي آئي... هُن ڪيس ڪار ۾ آڻي شاهراه تي ڇڏيو جتان رڪشا ڪيس آسانيءَ سان ملي وئي... هلڪيون هلڪيون مينهن ڪڻيون سندس چهري کي ڀڄائي ويتر ڪيس مدهوش ڪرڻ لڳيون. گهر جي گيٽ وٽ ئي جاڳڻ خان ٻڌايس تہ اختر اجا ڪونہ موٽيو هو. هن سامت جو ساهہ کنيو. اندر آئي تہ مهڙ ۾ ئي ڪيس آيا ملي...

”ماسي، ساڪ اجا جاڳي پئي ڇا؟“

”ها سائڻ، ماني ڪائي ڏهين وڳي سمهي رهي، ڪير لاءِ چيائين تہ پوءِ اٿي پيئندي، هينئر جاڳي آهي تہ رڌڻي مان ڪڻڻ آئي هئس...“

”نيڪ آهي تون ڪير ڪڻي هل مٿي آءُ بہ اچان ٿي، ٽيچر کان هڪڙي ضروري ڳالهہ تہ پڇڻ ئي وسري ويم...“ هن لائونج ۾ لڳل قد آدم آئيني ۾ پنهنجي مدهوش ڪندڙ سراپي تي هڪ نظر وجهندي خماريل لهجي مان چيو.

مينهن هوريان هوريان تيز ٿيندو پئي ويو. ٿڌڙين هوائن ويتر ڪيس مدهوش بنائي ڇڏيو... لان مان ايندڙ مٽيءَ جي مهڪ هن جي حواسن تي ڇائنجڻ لڳي...

اختر اجا نہ پهتو تہ هن موقعو غنيمت ڄاڻندي وري فون هٿ ۾ کنيو.

”هلو...“ سيف جو ننڊاکڙو آواز اڀريو...

”سمهي رهين! مونکي تہ ننڊ ئي نٿي اچي... سمورو وقت رڳو تنهنجي خيالن ۾ وچايل هئس جانم... ماحول ڪيڏو نہ رومينٽڪ ۽ رنگين ٿي ويو آهي... برسات بہ هاڻ تيز ٿي وئي آهي...“

”لڳي پيو برسات نہ پر تون پئي بادل جو روپ وٺي مون تي برسين... يقين ڄاڻ مان بہ تنهنجي پيار جي نشي ۾ وچايل آهيان...

تنهنجو آواز ٻڌي لڳو تون هتان وئي ناهين... مونسان گڏ هجين..."

"مان وئي ڪڏهن آهيان... مان تہ توسان گڏ آهيان، باقي گھڙيال جي ڪانٽن هٽي ڪارو منهن ڪري ڇڏيو، جهڙا اسانجا دشمن هجن.... تڪڙا تڪڙا ڀڄندا ٿي ويا."

"منهنجي بہ تہ ساڳي ڪيفيت هئي، وس هلي ها تہ سڄي جهان جا ڪانٽا بيهاري، نياڳا ڏهہ ٿيڻ ئي نہ ڏيان ها..."

"وري بہ ساڍا ڏهہ تہ ٿي ويا..."

ايتري ۾ پرسان ٽرانسفارمر ڦاٽڻ جوڏماڪو ٿيو.

"اوه لائيٽ هلي وئي!" شيري فڪرمنديءَ مان چيو.

"پاڻ سنو ماحول تهائين رومينٽڪ لڳندو هوندو."

"هائي جانم!" هن مذاح واري نوع مان چيو. "تنهنجون اِهي ڳالهيون ئي تہ آهن جيڪي منهنجي دل، جان ۽ روح کي فتح ڪيو وينيون آهن، نہ تہ نلهو ڪرمن ۾ اختر لڳو پيو هجيم ها تہ سڙندي پچرندي وٽ ڪائيندي وتان ها. فرم ۾ فائيلن جي ڪمن ڪان ڪيس واند ڪائي نٿي ملي جو مون ڏانهن نِگاهہ ڪٽي ڏسي".

"خدا سندس مصروفيتون ڏينهون ڏينهن وڌائي." هُن ڇيڙيندي چيس."

"سچ تہ مان جيئن تو وٽان آئي آهيان رڳو تنهنجي ئي خيالن ۾ گم آهيان، اندر ۾ جڻ هيڪانديون خوشيون ۽ روشنيون پرجي ويون هجن... جن مان تنهنجو نينهن ڇاتون ڪري ڇٽندو هجي... اونڌائي وڏيڪ وڌندڙ پئي لڳي... ماحول ڪيڏو نہ خواب ناڪ ٿي ويو آهي. ماڻ تو وٽ آهيان... تنهنجي ڀاڪرن ۾... تنهنجي ساهن ۾ منهنجا ساهہ وچڙيل آهن.... تنهنجا هٿ منهنجي ڳلن تي..."

"مما او مما!"

"اونهہ ڪباب ۾ هڏي!" هن ساڪ جي سڏ تي پٽڪيو. "اتي ئي ويٺي هج اچان ٿي..." هن ٻچان مان منهن ٻجڙو ڪندي وڏي واڪ چيس، ۽ وري سيف کي مخاطب ٿي،

"ساڪ سڏ پئي ڪري، لائيٽ بند ٿي وڃڻ ڪري ڊڄندي هوندي"

”جنريٽر نہ هليو اٿئي ڇا؟“

”نيا ڳو جنريٽر بہ خراب ٿيو پيو آهي. کهڙو نہ ملڪ آهي، مينهن جي بوند مس پئي ٿي جو لائيٽ هليو وڃي. تنهن ڏينهن فارن مان آيل هڪ فرينڊ ڳالهہ ڪئي تہ اتي ٻاويهہ سال رهڻ دوران رڳو هڪ ڀيرو لائيٽ وئي آهي. اسان وٽ تہ ڇڻ روز جي ڪيڪ ٻڌل آهي. هيڏا سارا ڪڳل ڏيون پوءِ بہ ڏنا ڏنپ... ذري پرزي تي پيا ٽرانسفارمر ڦاٽندا آهن ۽ پوءِ اي سي يا پکي بنا جڻ دنيا ئي انڌير... پوليوشن زده ماحول ۾ ماٺهو ايئن ٿو ڦتڪي جيئن پاڻيءَ بنا مڇي!“

”۽ جيئن تو بنا مان...“ هُن شوخيءَ مان چيو.

”چئين ٿو تہ ڪٽي مڃان ٿي.“ هن ماٺو ڪندي وراڻيو . ٻئي ئي پل لائيٽ جي فڪر اچي ورايس.

”الائجي ڪڏهن لائيٽ ايندي... مون اجا ڪپڙا بہ چينج نہ ڪيا آهن. تنهنجي ’ون مين شو‘ مون ۾ ايڏو تہ سمائجي وئي آهي جو ماڳهين پادر نہ ڪان... ڪنهن توکي چيو تہ شيشيءَ ۾ ٽبي ڏي...“

ٻنهي جا گڏيل ٽهڪ...

”نيڪ آهي اڳتي جڏهن تون ايندينءَ تہ خاص طور زنانيون سينٽون وٺي استعمال ڪندس... پوءِ بي فڪريءَ مان چئجان تہ فلاڻي ساهيڙيءَ ياڪرن ۾ پري چمي ڏني هئم...“

هڪ وار ٻنهي جا ڇڙواڳ ٽهڪ ايئن بلند ٿيا ڄڻ ٻاڻ ۾ تاڙيون وڄائيندا هجن.

اوچتو هڪ ڀيرو وري ڌماڪو ٻڌي هوءَ هانوَ تي هٿ رکي ڇرڪي پيئي.

”تو بهن... انهن آئي ڏينهن جي ٽرانسفارمر ڦاٽڻ جي ڌماڪن تہ ساهہ ئي ڪڍي ڇڏيو آهي“

”چئبو تہ سڄي رات لائيٽ جو آسرو ڇتو“

”اُهجاڻ تہ اهڙا ئي ٿا نظر اچن. پر خير وري بہ شڪر جو موسم تہ سني آهي. حالي جالي وڃبو. باقي ڇوڏاري سا اوندهہ انڌوڪار ٿي وئي آهي.. پر ان سان کهڙو ٿو فرق پئي، هاڻ تہ هونءَ بہ سمهڻ جي

تياري ڪبي...“
”اختر اڄا ڇو ڪونہ آيو آهي؟“ سيف پڇيو.
”ڇو، ننڊ پئي اچئي... فون رکان ڇا؟“
”يار تون تہ هر ڳالهہ جو اونڌو مطلب ٿي وٺين... مون تہ ايئن ئي ڪٿي پڇيو“
”مونکي پاڻ خفو ٿي پيو آهي، الائي ڇو اڄ ايڏي دير لاتي اٿس.... ٻارنهن بہ لڳي ويا!“
”مينهن بند ٿيڻ جي انتظار ۾ هوندو، تون الڪو نہ ڪر“، هن ڪيس دلداري ڏيندي مطالبو ڪيو، ”تہ پوءِ ٻڌائي وري ڪڏهن ٿي ملاقات رکين؟ هاڻ تہ فيملي بہ چاڻ ڳوناڻ شِفٽ ٿي ايندي پوءِ تہ پنهنجو بنگلي تي ملڻ مشڪل ٿيندو.“
”هن دور ۾ ڪجهہ بہ ناممڪن يا مشڪل ناهي، جذبو سلامت هجي تہ ملڻ لاءِ سوين رستا آهن...“
هن جملو پورو ئي مس ڪيو جو ساڪ جي هانءُ ڦاٽي رڙ سان ڳڻ ڦهڪو ڪري ڪرڻ جو آواز ٻڌي هوءَ سڄي سراپجي وئي.
”الا ڇا ٿيو!!“ هن اُمالڪ فون ڪٽي ستيو ءِ اوندهہ ۾ هٿوراڻيون ڏيندي اڳتي وڌي آئي. ساڪ ڪمري مان هيٺ اچڻ جي ڪوشش ۾ ڏاڪڻ تان ڪري بيهوش ٿي وئي، سندس جسم هن جي پيرن سان ٽڪرايو تہ هوءَ اذيت ناڪ دانهن ڪري ڪيس چنبڙي ڇرين جيان پڪارڻ لڳي:
”ساڪ ساڪ! منهنجي ٻچڙي اَءُ صدقو وڃئين تون ٺيڪ تہ آهين!“ ڪيس ڪو جواب نہ مليو تہ ويتر هن جو هانءُ ڪاڇي ويو... آيا بہ ڪيسي مان ماچيس ڪڍي، تيلي ٻاري ان جي روشنيءَ ۾ ٿڙندي ٿاٻڙندي هيٺ لهي هيسجي هراسجي قاتل اکين سان شيري جي پير ۾ اچي بيٺي.
”انڌي رن تون ڪٿي هئينءَ... منهنجي معصوم ٻچڙيءَ ڪي ماري ڇڏيئي...“!
”سائڻ مون گهٽو ئي جهليو مانس، هٿ ڇڏائي هيٺ پڳي تہ

اوندهه ۾ ڊپ ٿو لڳي مما وٺ ويندس..."

"نياڻي جلدي وڃي نوڪرن کي سڏي آ... اتي ئي بيٺي هوندينءَ ڇا؟" هن ڪيس ڇڙٻ مان چيو.

هوءَ جيسين اونداڻيءَ ۾ گيسڙ گيسڙ ڪري نوڪرن ڏي پئي وئي تيسين شيري هيڏانهن هوڏانهن واجهائي واڪا ڪري چوڪيدار ۽ بورچي کي سڏڻ لڳي.

"جاڳڻ خان...! سبزل ڪٿي آهيو... جلدي اچو!"

جاڳڻ خان، جنهن نيڪ ان وقت هارن جي آواز تي گيٽ پئي کوليو... سڏن پويان سڏ ٻڌي ڊُڪ پائي لائونج ۾ ڪاهي پيو... آيا پڻ سبزل کي ڪوارٽر مان اٿاري آئي، تيسين اختر به تڙ تڪڙ ۾ ڪار مان هيٺ لهي پهچندو اندر آيو ۽ يڪدم ساڪ کي ڪٽائي اسپتال جي ايمرجنسي واري شعبي ڏي هليو ويو.

▲▲▲

رمل آفيس مان گھر پھتي مس جو سندس پڦي عظمت ڪيس شيري جي ڏيءَ سان پيش آيل حادثي بابت ڄاڻ ڏئي اُداس ڪري ڇڏيو. ڪيڏي نه وٽندڙ ۽ سهڻي هئي ساڪ.... ڄڻ ڪائي پوپٽي، رمل ساڻس ٻه ٽي ڀيرا ئي ملي هئي پر سندس پيارين منڙيون ڳالهيون منجهس گهر ڪري ويون هيون... هوءَ اڃا ساڪ بابت سوچي ئي رهي هئي جو فون جي رنگ هنجو ڌيان پاڻ ڏي ڇڪيو.

"هلو..." هن مدھم لهجي مان پڇيو.

"خير ته آهي... ايڏي اُداسي!" ٻئي طرف عرفات هو. رمل ڪيس ساڪ جي ايڪسيڊينٽ بابت ٻڌايو ته هن تسلي ڏيندي چيس:

"الله سڀ خير ڪندو تون ٽينس نه ٿي..."

"ها واقعي سُٺي سوچ سان هر مشڪل آسان ٿيو وڃي..."

"اڇا ٻڌ مون توکي اڄ گهر ڊنر تي اچڻ لاءِ فون ڪئي آهي. ڊاڪٽر عنصر ۽ سندس مسز رات واري فلائيٽ ۾ اسٽيٽس پيا وڃن. سوچيم ڪا دير گڏجي ويهون. هونءَ به سندن ڊيوز مون تي چڙهندا ٿا وڃن. شاديءَ تي به لاهور ۾ هئڻ ڪري نه وڃي سگهيو هئس..."

"ٻيو ڪير ٿو اچي" رمل پڇيو.

"ڪير به نه... پنهنجو پاڻ ۾ ئي آهيون... اهڙي افراتفري واري ايمرجينسي ڊنر ۾ ڪنهن ٻئي کي سڏڻ مناسب نٿو لڳي..."

"پر ست ته هينئر ئي ٿين پيا، شيري وٽ مونکي دير نه ٿي وڃي..."

"تون رليڪس ٿي پنهنجي وقت تي اچجانءِ... گهر ۾ ئي ته هونداسين... دير ڀلي ٿئي، تو لاءِ ٽائيم جي ڪا پابندي ناهي. پر اچجانءِ ضرور، باقي هو ٻئي ٺيڪ اٺين بجي ايندا ۽ وري جلدي ئي هليا ويندا جو ڪين ٻين دوستن ۽ مٽن مائٽن ڪان به موڪلائڻو آهي. تون

جنهن مهل بہ فري ٿين مان تنهنجو انتظار ڪندس.“

“That's Right Iwill be with you around 8.30”

ائين چوندي رمل جيما کي پنهنجو پروگرام ٻڌائي ۽ دير سوير ٿي وڃڻ تي پريشان نہ ٿيڻ جو چئي شيريءَ ڏي رواني ٿي.

▲▲▲

رمل عيادت وارو گلدستو ۽ Get wellsoon جو خوبصورت ڪارڊ ڪٽي شيري جي گهر پهتي تہ هوءَ کيس ڏسندي ئي چنبڙي روئڻ لڳي.

”رمل مان جيئري ئي مري ويس....!“

”شڪر ڪر شيري هوءَ بچي تہ وئي....“ هن بيڊ تي بيهوشيءَ واري ننڊ ستل ننڍڙي ساک ڏي نهاريندي چيو. پوءِ اڳتي وڌي هن جي پيشاني چمي، گل ۽ ڪارڊ سندس سيرانديءَ کان رکي ڇڏيا. جنهن بعد شيريءَ کي ڀاڪر ۾ ڀري آٿت ڏيڻ لڳي. هن جا نہ سڏڪا ٿي بند ٿيا، نہ ئي لڙڪ ٿي سڪا...

”رمل تنهن رات لائيٽ ڇا بند ٿي... منهنجي تقدير تي ئي اوندهہ ڇائنجي وئي.... منهنجي مِنڙي ساک خوف وچان جيئڻ ئي دانهن ڪري سيڙهين تان هيٺ ڪري، تيئن وري نہ اُٿي سگهي...“

”ناشڪر نہ ٿي شيري... ڏس هن جي زندگي بچي وئي سا وڏي ڳالهہ آهي... تنگون سلامت اٿس، ٺيڪ ٿيندي تہ نيٺ هلندي بہ، زندگي تہ خود وڏو حادثو آهي. ڪا خبر نٿي پئي تہ ڪنهن مهل ڇا ٿئي So every one have to expect, unexpected that's the real meaning of life.

تون ڀاڻ Lucky آهين جو هوءَ ان حادثي مان بچي وئي“

”اهو ئي تہ روئڻو آهي رمل تہ هو هاڻ ڪڏهن بہ هلي نہ سگهندي. ڪرنگهي کي زبردست نقصان رسڻ ڪري هن جو هيٺيون ڌڙ هميشہ لاءِ بي جان ٿي ويو آهي. اهڙو جيئڻ ڪهڙي ڪم جو....“

رمل کي ان حقيقت جي خبر نہ هئي... صدمي کان چپ لڳي ويس... يَڪي ٺپيءَ کانپوءِ وري بہ پاڻ تي ضابطو رکندي کيس دلداري ڏنائين:

”همت نہ هار شيري... روز نت نيون جادوءَ جهڙيون سائنسي

ترقيون پنهنجا حيرت انگيز جلوا پيون ڏيکارين... نيٺ ٻہ ڪا واٽ ڪلي پوندي... تون الله مان آسرو نہ لاهي..."

"رمل... خدا مونکي منهنجي گناهن جي سزا ڏني آهي... پر مون جي گناهہ ڪيا ٻہ آهن تہ اُهي انساني فطرت هٿان مجبور ٿي... اها ڪمزور فطرت ٻہ تہ منهنجي خدا ناهي، ان جي ايڏي سزا تہ نہ ملي ها... مون ڪنهنکي ڪو نقصان تہ نہ رسايو. ماڻهو تہ الائي ڪهڙا ڪهڙا گناهہ ٿا ڪن... ناانصافيون ..... حق تلفيون ... مون تہ رڳو دل جي سيٽسفيڪشن ٿي چاهي... پيار ٿي چاهيو..."

"شيري خدا جون مصلحتون خدا ٿو ڄاڻي. تون اهو سوچي پاڻکي پريشان نہ ڪر تہ توکي گناهن جي سزا ملي آهي. بس ايئن ٿيڻو هو سو ٿي ويو..."

"مونکي تہ هاڻي نياڳي سيف جي شڪل ئي نٿي وڻي... ڇو ڳالهايو مون ان منحوس سان... الله هن کي اهي ڏينهن ڇو نہ ڏيکاريا... هو ئي تہ مونکي غلط راهہ ڏي وٺي آيو... مون تہ رڳو هن کان پيار ٿي پنيو... الا...! منهنجي ٻچڙي ساڪ ڪيئن نہ ٻہ پيرا مونکي مما مما! ڪري سڏ ڪيا... هو ذليل چئي پيو، 'جڏهنس ماسي پاڻهي سنڀاليندس...' ۽ اهي گفتا تہ پل پل منهنجو اندر ٿا ڪائين، جڏهن مون ٻہ چيو هو، "ڪباب ۾ هڏي پئي ٻٽجي..." ايئن چوندي هو وري اڇي روئڻ ۾ ڇُٽڪي.... ڪا دير هانءُ هلڪو ڪرڻ ڪانپوءِ چيائين،

"رمل....... هڪڙو درد تہ قدرت مونکي ڏنو، ٻيو هن ڪميني شخص ٻہ ڇڻ نڪرائي ڇڏيو... ساڪ جي عيادت تي اسان وٽ آيو تہ مونکي سندس موڊ ۾ ڇڳي تبديليءَ جو اندازو ٿيو... جنهن بعد هن فون ڪرڻ ٻہ بند ڪري ڇڏيو..."

ڳالهين دوران هوءَ ڏاڍي بيچين ۽ بيقرار پئي لڳي... هن جي اکين مان ٻيهر لڙڪ لڙڻ تي هئا...

"خبر اٿئي جڏهن ٻيهر ساڪ کي ڇڇڻ آيو تہ ڇا چيو هئائين...

توڙي جو اها مهل مئل کي مارڻ جي نہ هئي پر هن جيڪي چيو اهو ٻڌي مونکي لڳو تہ منهنجي ڪنن ۾ وگهريل شيهو پلتجي پيو هجي...

اصل يقين ئي نہ پئي آيو تہ ايڏو پيار ڏيندڙ شخص ايئن بي دردي مان ڏک بہ ڏيئي سگهي ٿو..... شايد منهنجي ممتا جي ماريل، ڏکاري ماءُ وارو روپ هُنکي نہ وڻيو هوندو..."

"ڇا ٿي چيائين؟"

"بس ڇا ٻڌايانءِ... عجيب لاتعلقيءَ مان چوڻ لڳو، 'هڪ فرد جي حيثيت ۾ مان اڄ بہ توکي پسند ڪريان ٿو پر اسان ٻنهين جي وچ ۾ جنهن قسم جا تعلقات رهيا آهن ان تي مان احساس جُرم ۾ مبتلا ٿي ويو آهيان.... دوست ۽ ڪليگ جي اعتماد کي تہ دوکو ڏنو اٿم... پر هاڻي زال ۽ ٻارن کي تڪليف پهچائڻ نٿو چاهيان... هوءَ جهڙي بہ آهي جاهل يا چٽڻ منهنجي عزت آهي... رت جگر آهي..... مان چاهيان ٿو منهنجي غلط ڪارين سبب اسانجي شاديءَ ۾ ڪو خلل نہ پئي ۽ اها سدائين قائم رهي... ان جو حل رڳو اهو ئي آهي تہ پاڻ هڪ ٻئي سان جذباتي واسطو ختم ڪري ڇڏيون.... ان ۾ ئي اسان جي ڀلائي آهي...، ايئن چئي هو رمندو رهيو." شيري نهايت ڏک مان چيو.

"وقت ڏاڍو بي رحم ٿيندو آهي شيري... ڪڏهن وقت ڪان اڳ موتي ماڪ وچبو آهي تہ ڪڏهن ان کي ويجهو ڏسي، پاڻ ئي بسترو گول ڪرڻ جا سانباهہ ڪبا آهن. ڪير ڪيترو ٿو جي سگهي نيٺ... ان حقيقت هوندي بہ وقت ئي وڏو مرهم ۽ درد جو درمان آهي.... وقت گذرڻ سان گڏ انهن ڳالهين کي وساري ڇڏ ، جيترو ياد رکندينءَ اوترو بي سڪون ٿيندينءَ... روئي وٺ جيترو روئڻو اٿئي.... هر لڙڪ اکين مان وهي، پوين درد ڌوئي ڇڏيندو..."

"ڇا ڪريان رمل ڇا ڪريان.... مونکي ڪنهن پل بہ قرار نٿو اچي...."

هوءَ منهن تي هٿ رکي وري سڏڪي پئي. رمل پنهنجي جاءِ تان اٿي هنجي پر ۾ تي ويني... ۽ سندس ڏک کي محسوس ڪندي چيائين:

"شيري، اعتبار هڪ مضبوط احساس آهي. زندگيءَ مان هڪ ٻئي تي اعتبار ڪرڻ جو لفظ نڪري وڃي تہ شڪ گمانن جا ڪُن انسان کي پنهنجي اندر گهلي وٺندا آهن. ڇو تہ اعتماد جا رشتا ايڏو آسانيءَ

سان قائم نٿا ٿين، ڪافي ثبوتن ۾ مثالن ڪانپوءِ ئي وڃي ڪنهن تي اعتبار قائم ٿيندو آهي پر جي اهو ٽٽي پيو ته پوءِ وري نه جڙي سگهندو... اهو ئي اعتبار زال ۾ مڙس جي وچ ۾ به هوندو آهي. زال اڪيون پوتي مڙس تي اعتبار ڪندي آهي ۽ مڙس به ڪيس قابل اعتماد سمجهي پنهنجي زندگي ۽ سڄي ميڙي چونڊي انجي حوالي ڪري ٿو. جڏهن سندن وچ ۾ اعتبار ۽ پرم پنهنجي معنيٰ وڃائي ويهن ته انهن جي زندگي مسلسل ٿانداٽن سان ڀرجي جهنم بنجي پوندي آهي. گهر جو گلستان ڏسندي ئي ڏسندي ٻاهرن ڪندن جو جُهنڊ بڻجيو پئي. ساري شخصيت ذرو ذرو ٿي وکرجيو وڃي. جيڪا پوءِ وري نگاهن ۾ نٿي اُڀري سگهي.... جيڪو ٿيڻو هو سو ٿيو... هاڻ سيف کي بلِيم ڏيڻ مان ڇا فائدو... بس تون ذهن ۾ اهو سوچي پاڻ کي رليڪس ڪرڻ جي ڪوشش ڪر ته ان نندڙي فرشتي جهڙي ڏيءَ قرباني ڏيئي تنهنجو پرم رکي ڇڏيو، نه ته جنهن ريت تون اڳتي وڌيئن پئي، اهو ڏسي مونکي خوف ٿيڻ لڳو هو..."

"رمل..." هن انتهائي ويچارگيءَ مان چيو. "سچ ٿي چوان تنهنجي ڳالهين سان مونکي وڏي آٿت ملي آهي... ذري گهٽ مهينو اسپتال ۾ هئاسين... اهي سمورا ڏينهن نه پڇ ته مون ڪيئن نه مري مري گذاريا آهن..."

" I am sorry to know ... مونکي ته اڄ ئي خبر پئي نه ته مان روز تو وٽ اسپتال اچان ها..." رمل، هن جو درد پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندي چيو.

"هيڏي وڏي قيامت گذري وڃڻ ڪانپوءِ اسان مان ته ڪنهنکي هوش ئي نه هو... اختر ته جڻ پڄي پري پيو آهي... مون ته پاڻيو منهنجي غفلت ڪري منهنجو ساهه ئي ڪڍي ڇڏيندو، پر هن اهڙو ڪجهه به نه ڪيو... بس چپ رهيو... ڪو ڏوهه نه ڏنائين... هن جي اها ماٺ به مون لاءِ موت آهي... ڪا ڪڙي سزا آهي...،" ايئن چوندي ڪيس ڪا وسريل ڳالهه ياد آئي ۽ هوءَ بي ساختگيءَ مان اٿي ڪڙي ٿي.

”ڏس تہ ڪيڏي نہ چري ٿي پئي آهيان، يڪو توکي پنهنجا درد سور ٻڌائڻ ويهي رهيس. چانهہ پاڻيءَ لاءِ بہ نہ پڇيو مانءِ، ترس تہ مان ڇوڪري کي چئي اچان...“

”نہ شيري“ رمل ڪيس ٻانهن مان جهلي ويهاري ٻانهن اٿندي چيو، ”ڇڏ اِن خفي کي، مونکي پاڻ هينئر ٻي پاسي وڃڻو آهي...“ هن واچ ڏي ڏٺو جتي نَوَ ٿيڻ تي هئا. ”هاڻي اجازت ڏي، مان وري توڏي ايندس... تون هينئر آرام ڪر...“ هن ڪانئس موڪلايو ۽ ساڪ تي پيار ڀري نظر وجهي ٻاهر نڪري آئي.

▲▲▲

عرفات جي گهر تائين پهچڻ ۾ کيس ڪا گهڻي دير نہ لڳي، جتي سيئي سندس منتظر هئا. زرشان شڪايت مان مرڪندي چيس:

”رمل توهان ڏاڍو انتظار ڪرايو . چئبو تہ ڊاڪٽر عرفات دوکو ڏنو تہ چيف گيسٽ اسان آهيون پر توهان تہ هتي معاملو ئي ابتو ڪري ڇڏيو.“

هوءَ سندس ڳالهہ تي کلندي ساڻس گڏ صوفا تي ئي ويٺي.

هڪ اداس موڊ مان، ٻئي خوشگوار ماحول ۾ رلجي وڃڻ لاءِ کيس وقت گهرجي ها پر عنصر، زرشان ۽ عرفات جي ساٿ سان هن تي بہ جهٽ پلڪ ۾ سندن ئي موڊ طاري ٿي ويو. تيسين بورچي ميز تي ماني بہ لڳائي ڇڏي.

چار ئي دلچسپ گفتگو دوران ڊنر ڪائي واپس پنهنجي جاءِ تي اچي ويٺا. ڪا دير ڪچهري ڪري عنصر چيو،

”يار عرفات، تنهنجا وڏا قرب تو ايڏي سڪ ڏني. يقين ڄاڻ دل تہ نٿي چئي اُٿندي پر هاڻ اسانکي اُٿڻ ئي گهرجي....“

”ڪجهہ دير تہ ترسو ها...“ عرفات کين صلاحيو.

”مهرباني يار.... توکي ٻڌايو هئم تہ اجا ٻاقي دوستن عزيزن وٽان بہ منهن ڏيکاري هائي هلو ڪرڻي آهي، تنهن بعد وڃي ڪا دير آرام ڪنداسين تہ جيئن ايئرپورٽ تي وڃڻ مهل ڪجهہ فريش هجون....“

ٻنهي کي اٿندو ڏسي رمل بہ اٿي کڙي ٿي.

”ڇو ڀلا سيئي صلاح سان اٿي کڙا ٿيا آهيو ڇا؟“ عرفات کلندي چيو تہ رمل بہ مرڪندي وراڻيو،

”دراصل ڪافي رات اچي ٿي آهي، جيما کي اون ٿي پوندي... ان ڪري مونکي بہ هاڻ هلڻ گهرجي... ها البت سڀاڻي تيار رهجو، گڏجي Arts council هلنداسين... عمر جي پينٽنگس جي ايگزيبيشن آهي...“

”يقيناً...! سپاٽي تہ هونءَ بہ Sunday آهي... restday “عرفات ايئن چوندي کين در تائين ڇڏڻ آيو ۽ ايستائين بيٺو رهيو جيستائين ٻئي ڪارون سندس نظرن کان اوجهل نہ ٿيون.

▲▲▲

آرٽ ڪائونسل ۾ عمر جي تصويرن آڏو هشام اچي مڙيو. الائي ڪهڙو جادو هو هن جي پينٽنگز ۾ جنهنکي ڏسڻ لاءِ آرٽ Lovers ڇڪجي ڇڪجي ٿي آيا. سرد پرخوشگوار هوائن جي گهيري ۾ عرفات ۽ رمل به شام کان اتي ئي پئي ڦريا ۽ هر تصوير جو ڀرپور جائزو پئي ورتو... ٻنهي جي نظرن ۾ عمر جي فني صلاحيتن لاءِ وڏي قدرداني نمايان هئي... تڏهن ئي عرفات چيو:

”ڪو وقت هو جڏهن مان ۽ عمر ڪاليج ۾ گڏ پڙهندا هئاسين. هو ليڪچرارن جا ڪارٽون ناهي، اسان سڀني شاگردن کي ڏاڍو کلائيندو هو... پر جڏهن کان عشق جي ور چڙهيو تہ نہ رڳو تعليم اڌ ۾ رليس پر اُها مائي بہ کيس فريب ڏيئي الائي ڪيڏانهن هلي وئي جنهن جي غم اڳتي هلي کيس مشهور آرٽسٽ بڻائي ڇڏيو.“

”ڇڱو جو مائيءَ مان.جند ڇٽي ويچاري جي.... نہ تہ ٻنهنجي پينٽنگز ۾ هو عورتن جا ايڏا خوبصورت چهرا ۽ انداز ڪيئن چٽي سگهي ها...“ رمل چرچي مان چيو.

”فن واقعي قرباني ٿو گهري... جڏهن دل تي ڪائي چوٽ ٿي لڳي تڏهن ئي فن جو آبشار ڦٽي ٿو نڪري.... بهرحال ... بهرحال Thanks God اسان تہ ڪي فنڪار ناهيون...“ عرفات هڪ انداز سان مرڪندي چيو، جنهن جو مطلب سمجهندي هوءَ کلي پئي. ٻئي ڳالهين ئي ڳالهين ۾ هلندا اچي ڪيفي ٽيريا ۾ وينا.

”اڄ موسم ڪيڏو نہ دلڪش پيو لڳي...“

”ساٿ بہ تہ ڪيڏو سندر آهي... پر ڪيڏو نہ بي رحم...“ عرفات دک ڀري مرڪ مرڪندي چيو.

”مان سمجهان ٿي توهان جي ان طنز کي...“

”تنهنجي ضد مونکي پوري پئي.... پڇي پئي رمل....“

”مان توهانجون فيلنگز سمجهان ٿي عرفات... مان به جڏهن توهان بابت سوچيان ٿي ته منهنجا سمورا فيصلا ڪمزور ٿي ٿا وڃن... پر ان وقت جو تصور ڪري ڏهلجيو وڃان، جڏهن ڪنهن پنڌ ۾ پڌ جي... هڪ ٻئي جي ويجهو اچي پوءِ بيزار ٿي وڃون... گڏ گذاريندي به هڪ ٻئي کي پوڳڻ جي حوالي سان سهائي سهائي هيڪاندا ٻُهتان مڙهي، ڏينهون ڏينهن دور ٿيندا وڃون... هڙئي احساس .... اُمنگون ... جذباتي وابستگيون ابدي ننڊ سمهاري باقي زندگيءَ کي گِهلڻ لاءِ لا تعلقيءَ جي ڪفن ۾ لِڪل هڪ اڻ لکو تعلق قائم رکون...... ايئن به ٿي سگهي ٿو ته اِڳتي هلي هڪ ٻئي کي اهو محسوس ڪرايون ته زندگي جي اٿانگي سفر کي يڪو صبر سان گِهلڻ جو ڪريڊٽ رڳو مونَ ڏي ٿو وڃي، نه ته اهو رشتو ته ڪڏهوڪو پنهنجي معنيٰ وڃائي وينو آهي! تڏهن صرف دنيا کي خوش ڪرڻ لاءِ اسانکي به ڪنهن ڊرامي جي ڪردار وانگر ناٽڪ ڪرڻو پوندو، جنهن کي هر ڪو رشڪ مان ساراهيندو، آئيڊل لائيف گذارڻ جا لفظي تمغا ملندا. مان انهن ٻهروپين ۽ منافقين کان ڊڄان ٿي ... دوستيءَ جي رشتي ۾ ٻڌجڻ کانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ اهڙو ته ڪوبه خوف نٿو وڪوڙي...“

”جدا ٿيڻ وارا ته ان ۾ به ساٿ ڇڏي ويندا آهن، سالن جون دوستيون ذري پرزي ٿي ٽُٽيو پون يا پوءِ نلهو ايئن ئي ناتو نيائڻ ڪاڻ پيون ڏِڪبيون آهن... رسڪ ته هر شيءِ ۾ آهي...“

”۽ عرفات سموريون حقيقيتون چاڻڻ، ڏسڻ وائسڻ کانپوءِ به منهنجي مجبوري اها آهي ته آءٌ ڪو رسڪ کڻڻ کان ڊڄان ٿي....“ رمل چانهه ۾ کنڊ ملائي عرفات کي ڏني ۽ پاڻ مڪس جوس مان ڍڪ ڀريندي چيائين، ”ايئن ناهي ته مان احساسن کان عاري... بي حس... يا برف جي ڪا سِر هجان... الائي ڪيترا ڀيرا مون پنهنجي جذبن کي سنيالي پنهنجي ئي دليلن سان پاڻ کي وندرائي، پنهنجي مڙني احساسن کي ٿپڪي ٿپڪي سمهاري ڇڏيو آهي...“ هن ڪنول نيڻ مٿي ڪيا ته اهي جڻ ڇلڪڻ تي هئا. هن ڪا دير پاڻ سنيالي ڳيت ڏئي هٿ ۾ جهليل ٽِشو سان ڪيڏيندي ڳالهه جاري رکي.

”عرفات ... توهانکي ڪهڙي خبر... ته جڏهن ڪنهن خوش ڪَپل کي ڏسندي آهيان تڏهن حسرت ٿيندي اٿم ته آءٌ به ايئن ڪنهن جي پير ۾ هجان... ڪنهن جي پاڪر ۾ هجان... پر ڇا ڪريان، حقيقتون سڀ سامهون اٿم. بابا جو امان سان اذيت ناڪ رويو... ڪيس ذهني ڏنپ ڏيئي مرڻ تي مجبور ڪرڻ وارو واقعو ته منهنجي ذهن سان جڙ چنبڙي پيو آهي ۽ جيما به هزار مخالفتون سهندي، مونکي ننڍي عمر ۾ ئي ٻاهر پڙهڻ لاءِ اِنڪري موڪلي ڏنو ته جيئن اهي اذيت ناڪ ۽ ڏک دائڪ منظر منهنجي يادن مان ڏڪجي سگهن، پر اهو مون لاءِ ممڪن نه هو... نه ته پڙهي ته مان اتي به سگهيس پئي... بهرحال منهنجي ماءُ پيءُ جي واقعي کان علاوه به هاڻ ته هن ترقي يافته نئين صدي جي نئين دور ۾ ڇئني پاسي اهڙا بي شمار واقعا موجود آهن جن کي ڏسي، بي انتها ڏک سان گڏ حيراني ٿيندي آهي ته ماڻهوءَ جي اندر ڪيئن ايڏو ظلم ڀرجي ويو آهي... اسانجي وڏڙن جي زماني ۾ شاديءَ کي برابر اهميت هئي... پر بدلجندڙ دور سان گڏ هلندي خبر پئي ٿي ته ٻين پراڻين ريتن رسمن جيان شاديءَ جو تصور به ڏينهون ڏينهن پنهنجي معنيٰ وڃائيندو پيو وڃي. ٻاهر جا ملڪ آزاد آهن، انهن جي سوچ آزاد آهي. شاديون... طلاق يا ناجائز پيار ٿي وڃڻ اُنهن وٽ ڪا عجب يا شرم جهڙي ڳالهه ناهي. جڏهن اسين ٻاهر جي هر ڳالهه کي نه رڳو پاڻ سان لاڳو ڪرڻ چاهيون ٿا پر فخر به محسوس ڪيون ٿا ته پوءِ ان بدلجندڙ معاشري ۾ هڪ پراڻي رسم جي ڪيئن ٿي حفاظت ڪري سگهجي... جنهن سوسائٽي ۾ اسين رهون پيا ان ۾ هر ٻيو شخص شاديءَ کان بيزار لڳو پيو آهي. هاڻ ته ماڻهو ڪليو ڪلايو به چوندا وتن ته اسانکي ڪهڙي پئي آهي جو شادي جي جهنجهٽ ۾ پاڻ ڦاسايون... هي سڀ سوچون ۽ تبديليون قدرتي آهن، تڏهن ته ذري گهٽ سڀني جا ذهن هڪ ئي مرڪز تي اچي بيٺا آهن. ڇا توهان ان حقيقت کان انڪار ڪندا؟“

”نه...“ هن ساڳي اداس لهجي مان وراڻيو. ”پر تون سڄي دنيا جو بدلو پنهنجو پاڻ کان ڇو ٿي وٺين...“

”ظاهر آهي دنيا سان وڙهڻ... ان کي سڌارڻ... مون اڪيليءَ جي وس ۾ تہ ڪجهہ بہ ناهي، صبر ۽ جبر تہ مان رڳو پاڻ تي ئي ڪري سگهان ٿي...“

”۽ قهر وري مون تي!“

”ڏسو عرفات ايئن چئي توهان مونکي ڪمزور پيا ڪريو...“

پنهنجي جذبن ۽ انا جي وچ ۾ چڪيل ليڪي مٿان هن جي دل ٿي لرزي، تہ ڪهڙي پار جي چونڊ ڪري. اها حقيقت هئي تہ جيترا بہ مرد، مختلف حوالن سان هن جي زندگي ۾ آيا، اهڙي شرافت... مروت... اخلاق ۽ ٻيا انيڪ گڻ هنکي ڪنهن منجهہ بہ نظر نہ آيا...

”ڇري تون پاڻ سان ڪيڏو نہ ظلم پئي ڪرين“ رمل سوچن ئي سوچن ۾ ڇڻ پاڻ جهونجهاڙيو. سندس لاشعور ۾ رکي رکي هن جي دل جي ترجماني ڪندڙ شاعر جون سٽون ٿي گونجيون.

ڪو چنڊ نگر جو رهواسي ڪو پريت نگر جو سنياسي
اڄ آيو آهي ڏرتي تي هو ڳولهڻ پنهنجي سرتيءَ کي...
اُٿ کول تون دل جو دروازو هو خواب آ تنهنجو اٽپورو
جي پريت نہ هنکي تو آڇي تہ ويندينءَ رهجي اٽپوري...
هو صدين کان توساڻ هيو هو تنهنجي حسن جو ماڻ هيو
ڪر دير نہ هن کي جلدي آ هن ٻيڙي چنڊ جي آندي آ
ڪر سنياسي جي تون پوڄا هو تنهنجي آهي پورنتا...
هو تنهنجي آهي پورنتا...

”ڪيڏاهن وڃائجي وئين پهاڙ جهڙي مضبوط ۽ اڏول ارادن واري ڇوڪري... ڪنهنجي طاقت آهي جو توکي ڪمزور ڪندو...“ هن خوشگواريءَ مان سوچن کان سندس جان ڇڏائي پاڻ ڏي متوجهہ ڪيو. موت ۾ سِلڪي ساٿن جهڙي مرڪ رمل جي چپن کي چمي وئي. ڪي پل ٻئي هڪ ٻئي جي نظرن ۾ گم ٿي ويا. سمورو جهان ڄڻ سندن نظرن ۾ لهي آيو... چنڊ ... تارا... آسمان... ٻئي جهان! ٻنهي مان الائي ڪنهنکي اها خواهش ٿي هئي تہ وقت ايئن ئي بيٺو هجي. هجوم هوندي بہ سانت ... هر پاسي سانت...

”پوءِ پلا ٻڌائي موڪليان ياچائيءَ ڪي؟“ يڪي ماٺ ڪان پوءِ هن شرارت مان پڇيو.

”او عرفات... توهان مونکي ڏاڍو تنگ ڪيو آهي...“

الائي اهو عرفات جي لفظن جو جادو هو يا اُن ڪن پل جي سانت جو سحر جنهن ۾ هنن هڪ ٻئي جي نيڻن مان صدين جا پيغام پڙهي ورتا.

” پلا ضروري آهي ڇا هرويرو بہ نڪاح ڪجي... مان تہ هونءَ بہ توهانجي آهيان...“

”تون مونکي ايئن پئي وندرائين جيئن ڪنهن ضد ڪندڙ ٻار کي دڪان تي رکيل رانديڪا ڏيکاري ڇٽبو آهي، رو نہ بابلا اِهي سڀ تنهنجا آهن...“

”نہ منهنجي اهڙي ڪا سوچ ناهي. مان ان قسم جو ٻاراڻو مذاق توهان سان نٿي ڪري سگهان.“ هن سنجيد گيءَ مان چيو. ”توهان سمجهو ڇو نٿا.... پاڻ جي نڪاح واري ڪوڙڪي ۾ جڪڙجي ڦاسي پياسين تہ پيار عذاب ٿي ويندو... ديوانگي بيزارگي ۾ تبديل ٿي ويندي... ڪيڏا نہ ظلم ٿي ويندا هڪ پيار کي ماڻهن وٽ رجسٽر ڪرائڻ خاطر... ڇڙو معاشري جي خوشيءَ لاءِ ڇو پاڻ کي سوليءَ تي ٽنگيون...“

”پوءِ تون نيٺ ڇا ٿي چاهين.... مان تو ياران انڪار سمجهان؟ تہ رمل اهو ٻڌي ڇڏ مانِ پوءِ ڪڏهن بہ شادي نہ ڪندس...“

”مون ڪڏهن انڪار ڪيو...“

”اهو انڪار ناهي تہ ڇا هي؟“

”آءُ اِن مضبوط رشتي کي ڪاغذن، فارمن، نپن ۽ مُهرن ۾ الجهائي وڃائڻ نٿي چاهيان... انهن شين ۾ پاڻ منجهائڻ بنائي مان توهانکي قبول ڪري سگهان ٿي. گڏ رهي سگهان ٿي... ايتري همت آهي مون ۾...“

”ها رمل ايئن بہ ڪري سگهجي ٿو... ماڻهو ايئن ڪن پيا ۽ ڪندا آيا آهن پر تون مونکي ان معاملي ۾ ٿورو ڪنزرويٽ سمجهہ... پنهنجي دوستي کي ٻارهن مهينا ٿيڻ وارا آهن، پرکڻ وارا تہ پل ۾ بہ

پر ڪيو وڃن... تون هڪ انتهائي حسين، ذهين ۽ پراعتماد ڇوڪري آهين، جنهن جي آرزو هر شخص کي هوندي آهي. تنهنجو ساٿ ملڻ منهنجي خوشقسمتي آهي. تون مونکي ڏاڍي پياري آهين... ڏاڍي مٺي... دراصل تو ايڏا ذهني صدما سٺا آهن جو هاڻ تون ٽوٽلي ٽينشن فري رهڻ ٿي چاهين. پر منهنجي پياري رمل، زندگي ماڻهو چاهي اڪيلي گذاري يا ڪنهن سان گڏ، ٽينشن ۽ مسئلا اسان سان موت تائين گڏ هوندا آهن... ها البت نوعيت ۾ ڦير ڦار ٿيندي رهي ٿي. تو ليکي نڪاح ۾ جڪڙجي تون نون مسئلن جو شڪار بنجي ويندينءَ ته ٿيڻ تي اهو به ٿي سگهي ٿو ۽ نٿو به ٿي سگهي..."

اها حقيقت هئي ته عرفات جي ٽيهن سالن واري زندگي ۾ هيلتائين جيڪي به عورتون آيون تن جا ڦاسائيندڙ انداز، پاڻ نمايان ڪرڻ وارا رويا، يا وقت گذاري وارا نمونا کيس مطمئن نه ڪري سگهيا... هو انهن کان فاصلي تي رهيو پر رمل جو معاملو مڙني کان مختلف هو. سندس سچائي ۽ جرئت کيس زندگي جي آخري ساهن تائين ڀرپور طرح سان چاهڻ جو دل ئي دل ۾ پاڻ سان سچو عهد ڪري ڇڏيو هو پر روايتي ۽ شريف خاندان جو فرد هئڻ جي حيثيت ۾ ساڻس بنا شادي رهڻ وارو شرط قبولڻ لاءِ تيار نه هو... اهي وسوسا کيس روح ۾ زنجير پارائي بيهي رهيا.

"مان جڏهن پنهنجي رضا خوشي سان توهان سان گڏ رهڻ لاءِ تيار آهيان ته باقي اوهان کي ڪهڙو اعتراض... ڇو نٿا سمجهو ته نڪاح جي نالي ۾ غلامي پريل ذلت آميز زندگي جو سودو حق بخشائڻ واري ظلم... سَتي ٿي مرڻ واري سِتم يا ڪاري ٿي مرڻ واري قهر کان ڪنهن به ريت گهٽ ناهي. هونءَ به اسانجي معاشري ۾ شادي جا معيار نالي ۾ پائيدار هوندي به واريءَ جي گهرڙي کان به ڪچا آهن. پوءِ به ماڻهو پنهنجي پَرَ ۾ پَڪا ڪم ڪندي سيڪيورٽي لاءِ پئسو، هيڪانديون شرطون ۽ الائي ڇا ڇا لکرايو وٺن... جڏهن ته مون وٽ اهڙي ڪا به سوچ ناهي، مان ته بس اهو ٿي چوندس، جي به ڏريون گڏ نه رهي سگهن ته بِئگ ۾ پنهنجا به ٿي وڳا ڪٽي الڳ ٿي وڃن. پيار ۾ Flow

هئڻ گهرجي، اها نـ رهي تـ پوءِ گڏ رهڻ جو ڪهڙو ڪم.... ندي دريا پڻ Flow ۾ هوندا آهن. اهي هڪ هنڌ تي بيهي رهن تـ لازمي انهن ۾ ڏپ ٿي ويندي يا ٻُڙ ٻڙا نڪري ايندا.... پاڻ بـ چار مهينا، ڇهـ مهينا يا چار سال، اٺ سال گڏ رهي هڪ ٻئي لاءِ اوپرا ٻڻجڻ لڳُون تـون ٻئي پاسي سڪ چين ڳولين، آءُ ٻي پاسي قرار ڳوليان، اهڙي منافقي پرئي رشتي کي ڳِهلڻ مان ڇا ورندو... ۽ اهو بـ ممڪن آهي بلڪ يقيناً ٻئي پاسي وڃڻ سان بـ وري ڪجهـ وقت ڪانپوءِ ساڳي ڪهاڻي رپيٽ ٿيندي! ماحول... موسمن... معاشري تي حاوي ٿيندڙ تبديلين، اسانکي .... اسانجي سوچن کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اُهي هاڻي پنجاهـ سال اڳي واريون نـٿيون ٿي سگهن."

رمل جي ڳالهـ ٻڌي عرفات کي پل ماٺ رهيو ۽ پوءِ هڪ اُونهو ساهـ کڻندي چيائين،

"توکي پنهنجي ماضيءَ ۽ موجوده شادين جي وحشي صورتحالن ايتري قدر محتاط ڪري ڇڏيو آهي جو خود پاڻ پنهنجي قيدياڻي ٻڻجي وئي آهين... زندگي رڳو خوابن جي آسمانن تي اڏامندي، ستارن جي سيج تي سمهندي نٿي گذاري سگهجي. حقيقتن جي ڌرتي تي لهي ڏس ڪا بـ شئي ساڳي نٿي رهي، جڏهن تـ تون هر شئي ۾ Perfection ڏسڻ ٿي چاهين... پياري رمل، پرفيڪشن ڪٿي بـ ڪانهي، پنهنجي جذبن کي ايئن بـي مـوت نـ مـار! پـاڻ وڙهـنـداسين جهـڙنـداسين، رسـنـداسين، پرچنداسين، اهو سڀ ممڪن آهي پر تو لاءِ منهنجو پيار ڪڏهن بـ نـ گهٽبو... يقين ڪر رمل... پنهنجي پنهنجي دليلن جي حوالي سان چاهي اسين ٻئي صحيح هجون، پل لاءِ اهو سوچ تـ تنهنجي خواهش مطابق ٿي زندگي گذري پئي پر جانم جيڪو روٺين تون چاهين پئي جنهن ۾ نـ رنج هجي نـ رسامو، نـ بيزاري نـ غلط فهمي تـ تون خود پريشان ٿي وينديـنءَ! وجهـ ڳولينديـنءَ رسڻ جا... جتن ڪنديـنءَ اجائي جهيڙي ڪرڻ جا... نـ تـ پوءِ هڪڙي ئي موڊ، پيار ۾ اندر اسٽينڊنگ ۾ ڦاسي رهجي وينديـنءَ... اهي زندگيءَ جا هلڪا ڦلڪا شيڊز ئي تـ دراصل زندگي جي ڪِريم آهن... جنهن ۾ ups & downs اچڻ فطري ڳالهـ

آهي. اسين ميچوئرٽي جي حدن تي بيٺا آهيون. هر قدم سوچي سمجهي ڪٽي سگهڻ جي اسان ۾ صلاحيت آهي.تہ پوءِ اجايـن بحثـن ۾ وڪوڙجي، ٻين جي ڪِيتَن جي سزا پاڻکي ڇو ڏيون.“

”پر عرفات مان رڳو پرفيڪشن جي ڳالهہ نٿي ڪريان...“ رَمل ميز تي رکيل پاڻيءَ جي جگ مان گلاس ڀريندي چيو.

”تون ان ڳالهہ ۾ تہ مون سان سهمت ٿيندينءَ نہ، تہ معاشري ۾ اسان ٻنهي جي پنهنجي پنهنجي حوالي سان ٺوري گهڻي عزت آهي، تنهنجي جرئت ۽ اعتماد يقيناً ساراهڻ جهڙا آهن. پر تون سمجهين ٿي تہ ايئن ڪرڻ ڪانپوءِ نہ رڳو اسانجي عزت پر اسان سان لاڳاپيل ماڻهن جي زندگي بہ متاثر ٿيندي.... اسين ڀل جرئت سان گڏ رهون پر ڇا تون اهو ويساري ٿي ڇڏين تہ ماڻهو اسانکي ڪهڙن نالن ۽ لقبن سان ياد ڪندا... انهن جي پرواهہ ناهي، چوڻ تہ ڏاڍو آسان آهي پر ڇري پوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي... ڏاڍو ڏکيو....“ هن رمل جي نيڻن ۾ نهاريندي چيو جيڪي هميشہ کان گهڻو حسين ٿي لڳا.

”جڏهن اخلاق ۽ شرم جا معيار تبديل ٿي وڃن تہ پوءِ بدنامي ڇا جي؟“ هِن اعتماد مان چيو.

”اخلاقي قدر ورهين جون منزلون طئہ ڪرڻ کان پوءِ جڙندا آهن رمل... اجا ڪي پراڻا قدر ۽ روايتون اسان ۾ آهن... تربيتون آهن... جيڪي زماني سان گڏ اڳتي هلي تبديل ٿين تہ پوءِ اهو ان وقت جو فيصلو هوندو... هينئر ئي اسان پاڻ تي ڇو حاوي ٿيڻ ڏيون اها ننگي تهذيب، جنهن ۾ اسان اڪ ئي ناهي ڪولي. اسان ايڏا ڪمزور تہ ناهيون جو جهٽ ۾ پنهنجا اخلاقي قدر وساري ۽ وڃائي ويهون....“

”پر عرفات نئين قدرن جي ابتدا اسانجي سماج ۾ آخر ڪنهن نہ ڪنهن کي تہ ڪرڻي آهي... تمام ٿورا اخلاقي قدر اهڙا آهن جن سان سڄي دنيا سهمت آهي نہ تہ انهن ۾ ڪٿي بہ هڪجهڙائي ناهي. جنهنکي اسين اخلاق ٿا سمجهون، سا مغرب ۾ بداخلاقي آهي ۽ جنهن کي هو اخلاق ٿا سمجهن سو اسان وٽ ڪليو ڪلايو ڏوهہ آهي، هاڻ جڏهن مغربي رنگن کي پاڻ ۾ رنگيندڙ اسانجي معاشري ۽ تهذيب ۾ اهڙيون

آزاد سوچون پاٽمرادو ذهن ۾ اچڻ لڳيون آهن تہ پوءِ اها ابتدا اسان کان ٿي چو نہ ٿئي...“

”پر ايئن ٿئي ٿي چو...“ هُن پنهنجي ليکي کيس قائل ڪرڻ جي هاريل ڪوشش ڪئي. ”پرزا پرزا ٿيندڙ تهذيب ۽ روايتن جو ڀرم ۽ مان رکڻ وارا آخري اسان ٻئي چو نہ هجون...“ هن چڻ سماج جي سمورين ڀُرندڙ ڍهندڙ قلعي نما ديوارن مان باقي رهجي ويل حصي جون پناهون ماڻڻ جي تمنا ڪئي.

تڏهن ڪجهہ گهڙين جي طويل ڪشمڪش ۽ خاموشي رمل کي چڻ صدين جو سفر ڪرائيندي رهي... سندس سوچ ’ها ۽ نہ‘ جي وچ ۾ لرزندي لرزندي هِن جي دل ۽ ذهن تي هٿوڙا هڻڻ لڳي... عرفات جي گهرين اکين مان ڇلڪندڙ خواب، سندس اکين ۾ لهندا ٿي آيا... هوءَ منجهن جذب ٿيندي پئي وئي... اُونهي... اُونهي... اجان بہ اونهي....

اِن کان اڳ جو دل ۽ ذهن کو بي رحم فيصلو ڪري وجهن، هن پنهنجو پاڻ سنڀاليندي، پنهنجي ڪنول نيڻن ۾ ٻنهي جهانن جو پيار اُوتي. عرفات جو هٿ پنهنجي هٿن ۾ مضبوطيءَ سان جهلي ورتو....

ان مهل عرفات جو چهرو ايئن روشن ٿي ويو چڻ چوڏهين جو چنڊ... هر پاسي چانڊاڻ هئي... رمل کي لڳو چڻ مٿس چانڊوڪيون اُوتيندي اِن ذرتيءَ جي چنڊ کيس هميشہ لاءِ پنهنجي اَمان ۾ وٺي ڇڏيو هجي....

---

## نيو فيلڊس طرفان ماهتاب محبوب جا شايع ٿيل ڪتاب

**خواب خوشبو ڇوڪري** (ناول)
(هن ناول جو ٻيو ايڊيشن سال اندر ختم ٿي ويو)

**مٺي مراد** (ڪهاڻيون)

**چانديءَ جون تارون** (ڪهاڻيون)

**پرهه کان پهرين** (ڪهاڻيون)

**اندر جنين اڄ** (سفر نامو)

**ورهاڱي جو ورجاءُ** (ڪهاڻيون)

## نيو فيلڊس طرفان تازه شايع ٿيل ڪتاب

# حر گوريلا جنگ

(Terrorist جو ترجمو)

مصنف: ايڇ ٽي لئمبرڪ
سنڌيڪار: عطا محمد ڀنڀرو
پڪي جلد سان - صفحا 354 - قيمت -/200

# اهي ڏينهن اهي شينهن (جلد پهريون)

مصنف: پير علي محمد راشدي
پڪي جلد سان - صفحا 552 - قيمت -/300

# سِرَ جي صدا سرِّ مِ

عبدالواحد آريسر


# آئيڊيل پرنٽنگ ايجنسي

اسان وٽ ڪتابن جي ڇپائي، ٽائيٽل فلم ۽ پرنٽنگ، بائنڊنگ، ليمينيشن وغيره جو ڪم نهايت ئي اعليٰ معيار جو مناسب اگهه تي وقت جي پابنديءَ سان ڪيو ويندو آهي.

رابطي لاءِ: نيو فيلڊس بوڪ هائوس سامهون پريس ڪلب حيدرآباد. فون: 653270